


Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# درد ۾ دلجوئي

(شاعري)

راشد مورائي

Rashid Morai

07/03/13

سنڌ دوست فورم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | درد ۾ دلجوئي |
| ليکڪ | : | راشد مورائي |
| صنف | : | شاعري |
| تعداد | : | هڪ هزار |
| ڇاپو پهريون | : | سال نومبر 2011ع |
| ڪمپوزنگ | : | سپر فوٽو اسٽيٽ، گاڏي کاتو حيدرآباد |
| ٽائيٽل ڊزائن | : | ڪپتان ابڙو |
| ڇپائيندڙ | : | انجنيئر اصغر علي ٻرڙو، سنڌ دوست فورم |
| قيمت | : | 300/= روپيا |

استاڪسٽ:

حيدرآباد: ٻٽائي بُڪ هائوس گاڏي کاتو ذوالفقار بُڪ ڊپو سنڌيڪا بُڪ هائوس، فڪشن هائوس، ڪريمي بُڪ ڊپو سنڌي ادبي بورڊ بُڪ اسٽال، سنڌي لئنگيج اٿارٽي بُڪ اسٽال، فرينڊس بُڪ پوائنٽ، ڊفينس پلازه

مورو: رابيل ڪتاب گهر، سنڌ ڪتاب گهر

soorhisindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

جڳ جي سمورن سهڻن نظارن
۽ حسين ماڻهن جي نالي،
جن کي ڏسي،
اکين کي ٺڏاڻ
۽ ذهن کي
تازگي نصيب ٿيندي آهي.
(ر.م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# راشد ساڻ ملايان توکي

## (ناشر پاران)

سائين راشد مورائي چند اُنهن شاعرن منجهان آهي، جن کي سچي سنڌ سڃاڻي ٿي، پر هاڻي سائين راشد مورائي جي هاڪ هندستان تائين وڃي پهتي آهي. اسان جڏهن ڳوٺ مبارڪ خان ٻرڙو ۾ پڙهندا هئاسين ته، سائين راشد مورائيءَ جو نانءُ وڏڙن کان پيا ٻڌندا هئاسين. راشد مورائي پيشي جي لحاظ کان هڪ اُستاد آهي، ڪيترائي سال مين پرائمري اسڪول موري جو هيڊ ماستر رهي چُڪو آهي، سندن ايام ڪاري ۾ جيڪي به شاگرد مين پرائمري اسڪول موري ۾ پڙهيا، سي سائين راشد جي، هڪ اداري جي سربراهه طور وڏي واکاڻ ڪندا هئا. سائين راشد نه رڳو هڪ سٺو استاد رهيو آهي، پر سائين هڪ بهترين شاعر، مقرر، ڪمپيئر، نثرنگار، ڪهاڻيڪار ۽ قومي ڪارڪن پڻ رهيو آهي، ائين چوڻ بجا ٿيندو ته. سائين راشد اسان جي لاءِ هڪ تربيت ڏيندڙ اداري جي حيثيت رکي ٿو سائين راشد هڪ پلوڙ اوطاقي ۽ ڪچهري جو پڻ ڪوڏيو آهي، سائين راشد جي اوطاق تي سدائين ادب دوست ۽ قومي ڪارڪنن جو ميڙ متل هوندو آهي، مهمانن جي خاطر تواضع ۾ سائين راشد وٽ وس آهر گهٽتائيندو ناهي. ان ڪري راشد مورائي پنهنجي شاعري ۽ گوهر گفتن سان، تمام وڏو حلقو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، منهنجي خيال ۾ اُهو به، سنڌ جي خدمت ڪرڻ جو هڪ احسن طريقو آهي؛ جو سُهڻي گفتگو ۽ مهمانوازي سان سنڌي ماڻهن کي اُتساهه ڏجي، سائين راشد مورائي جي زندگيءَ جو اهڙو پهلو ڏسي سوچڻ تي مجبور ٿياسين ته چو نه راشد مورائيءَ جو ڪتاب شايع ڪرايون، هڪ ته هو اسان جو ڳوٺائي آهي، ٻيو هڪ بهترين انسان آهي ۽ ٽيون هڪ بهترين انقلابي شاعر آهي، ان سلسلي ۾ مون ڪجهه دوستن سان صلاحون پڻ ڪيون، جن سٺي موٽ ڏني، جنهن جو ذڪر سائين راشد مورائي پڻ پنهنجي ليک ۾ ڪيو آهي.

سائين راشد مورائي جو هيءُ ڪتاب جنهن جو نالو "درد ۾ دلجوئي" آهي ، ان جي اشاعت جو ڪم مون پنهنجي ذمي ڪنيو دوستن جي همت افزائي کان پوءِ هيءُ ڪتاب ڪمپوزنگ لاءِ ڏنو ويو ان کان اڳ اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب شايع ڪرڻ هڪ، آسان عمل سمجهندا هئاسين، پر هاڻي جڏهن تمام وڏي محنت ڪان پوءِ هيءَ ڪتاب پنهنجي اشاعتي ڪئن مرحلن مان گذري اچي تڪميل تي پهتو آهيِ، ان ۾ ڪجهه دير به ٿي آهي، ڇاڪاڻ ته برساتن جي تباهيءَ به هڪ مهينو ضايع ڪري ڇڏيو پر پوءِ جڏهن ڪتاب جي اشاعتي آخرين مرحلن ۾ پُهتاسين، تڏهن چئون ٿا ته، شابس آهي، انهن سيني دوستن کي، جيڪي هزّان وڙان ڪتاب شايع ڪرائن ٿا ۽ ڪتابن جي تدوين ۽ تزئين تي ثابت قدميءَ سان محنت ڪن ٿا. ڪتاب شايع ڪرڻ فني لوازمات سان پُر ٿيل هڪ الڳ ۽ نرالو شعبو آهيِ. ڪتاب جي تدوين ، تزئين ۽ لي آئوٽ جي مرحلن ۾ پروفيسر انور ساگر ڪانڌڙو ساٿ نه ڏئي هان ته هن ڪتاب ۾ جيڪا خوبصورتي پيداڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئون، ان ۾ شايد ايترو ڪامياب نه ٿيون ها، هن ڪتاب جي اشاعتي سلسلي ۾ ڪجهه دوست، اخلاقي حوصلہ افزائي ڪندا رهيا، پر جنهن شخص عملي طور تي هن ڪتاب جي اشاعت جي سيني مرحلن ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ مالي مدد پڻ ڪئي، اهو نالو اعجاز ڪاڪا جو آهي، مان سندن تهہ دل شڪر گذار آهيان، ڏٺي تعاليٰ کين اجا وڌيڪ سگهه ڏئي ته جيئن هو سنڌ جي نامور اديبن جا ڪتاب شايع ڪرائڻ ۾ ساڳي طرح ثابت قدم رهي، مون کي اميد آهي ته نامور شاعر سائين راشد مورائيءَ جو هيءَ درد ڀريو ڪتاب "درد ۾ دلجوئي" ضرور پسند ايندو.

ڪيڏو ٿو مان پانيان توکي
ڪيئن اهو سمجهايان توکي
درد وندن جي ديس هلئون،
"راشد" ساڻ ملايان توکي.

(راشد مورائي)

ساٿ سلامت_ سنڌ سلامت

انجنيئر اصغر علي پرڙو
ڄامشورو
سنڌ دوست فورم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پنهنجي پاران

انسان کي اشرف المخلوقات ان ڪري چيو ويو آهي، جو هيءُ ٻي مخلوقات کان سمجهه ۽ شعور ۾ بالاتر آهي. ائين به چوندا آهن ته جيتري سمجهه گهٽي، اوترا سُور گهٽا. انسان جيئن ته شعور وارو جاندار آهي، تنهن ڪري مٿس جوابداري به زياده عائد ٿئي ٿي. پوءِ ڪي انسان پنهنجي جوابداريءَ کي محسوس ڪري، ان موجب عمل ڪن ٿا ۽ پنهنجي وقت کي سجايو ۽ سڦل بنائين ٿا ۽ ڪي وري عقل جا جڏا، پنهنجي جوابداريءَ کي محسوس نٿا ڪن ۽ جانورن وانگر ڪائي پيي مري وڃن ٿا. نه ڪوئي يادگار ڇڏن ٿا، نه ڪنهن کي ياد ئي رهن ٿا.

مون پنهنجي زندگي، جوابداري محسوس ڪندي، نهايت محنت ۽ ايمانداريءَ سان گذارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ سچل سرمست چواڻي، "جو دم غافل، سو دم ڪافر" وانگر حياتي سڦلي ڪرڻ جي جدوجهد ڪئي اٿم.

مون تي گهٽ پاسن جي جوابداري آهي ۽ دادن فقير جي شعر وانگر:

"نه اوپارو نه لهوارو لڙي چؤطرف چوڌارو"

مون کي چئني پاسي ڏيان ڏيڻو ٿو پوي ۽ هر قدم ڇنڊي ڦوڪي کڻڻو ٿو پوي، عمر جي هن آخري حصي ۾ هلندي ڏاڍو سڪون محسوس ٿو ڪريان، ڇو ته زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي ڪاميابين ماڻي چُڪو آهيان. مون کي ياد نٿو اچي ته سانپر لائق ٿيڻ بعد مون ڪنهن ڪم ۾ مات کاڌي هجي يا پريشان يا پشيمان ٿيو هجان. هِتي اهو اعتراف ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته منهنجي ڪاميابين ۾ منهنجي دوستن جي وسيع حلقي جو وڏو هٿ رهيو آهي. مون جتي جتي ڪم ڪيو آهي، اُتي مون کي وفادار ساٿين جو حوصلو مليو آهي، جن منهنجي ننڍين وڏين غلطين کي پاسيرو رکي هر محاذ تي مون کي پنهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو آهي. اڄ هتي ادب واري ماحول جي ڳالهه ڪنداسون، مون جيڪو ٻولي ۽ ادب جي خدمت جو بار پنهنجي سِر تي کنيون آهي، ان ۾ به دوستن جي همت افزائي شاملِ حال رهي آهي، تنهن



soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## درد ۾ دلجوئي

ڪري مون غريب ماڻھوءَ جا نوَ ڪتاب ڇپجي چڪا آھن ۽ ھن ڪتاب سميت بہ ڪتاب پريس ۾ آھن. جيڪي جلد منظرِ عام تي اچڻ وارا آھن. مان جيئن ئي ڪنھن ڪتاب ڪَي ترتيب ڏيندو آھيان تہ ڪو نہ ڪو دوست اچي مواد ڇپائڻ لاءِ گھرندو آھي ۽ ائين ٻين دوستن جي خرچ تي منھنجو مواد ڇپجي سنڌي سڄڻن جي ھٿن تائين پھچندو آھي. ھن موجوده ڪتاب ڪي ترتيب ڏيڻ کان اڳ ئي دوست اصغر علي ٻرڙي، ڪتاب ڇپائڻ جي ھام ٻري ۽ مون کي پاڻ وٽ ڄامشوري اچڻ لاءِ چيو. وٽس وڃڻ ٿيو تہ اُتي موري تعلقي ۽ نوشھري ضلعي جي ڪجھ سڄڻن سان ملاقات ٿي، جيڪي اڳ ۾ واقف نہ ھئا، پر ھئا ڏاڍا قربدار.

اصغر عليءَ اُتي واپڊا جي ايگزيڪيوٽو چيف انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ صاحب جن سان بہ واقفيت ۽ ڪچھري ڪرائي، جيڪو نھايت علم دوست، اديب ھئو ۽ ڪتاب ڇپائڻ ۽ ھلائڻ جي معاملي ۾ ڪافي مُفيد معلومات ڏنائين. مان پنھنجي بيماريءَ ڪري، ڄامشوري ۾ وڌيڪ وقت ترسي ڪونہ سگھيو ھوس. دوستن سان منجھند جي ماني گڏ کائي، واپس موٽيو ھوس. پر اھو مُنو ڏينھن منھنجو يادگار رھيو ۽ نون دوستن سان ملي، ذھني سڪون حاصل ڪيم. ھن ڪتاب جي ظاھر ڪرڻ ۾ ساٿي اصغر عليءَ سان جن ٻين دوستن ساٿ ڏنو آھي، مان انھن سڀني جو ٿورائتو آھيان ۽ دعاگو آھيان تہ جتي ھجن، اُتي سک ۽ سلامتي، امن ۽ شانتيءَ جو وقت گذارن.

ساٿ سلامت – سنڌ سلامت

تاريخ- 05_10_2011

راشد مورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# مهاڳ

سائين راشد مورائي: پنهنجي ذات توڙي ذات ۾ هڪ شاندار شخصيت آهي. هن فن فڪر، شعر وادب، سماجي، قومي ۽ اجتماعي ڪمن ۾ بي لوث خدمت سرانجام ڏيڻ ڪري پنهنجي حال حياتيءَ ۾ ئي وڏي عزت، شهرت ۽ عظمت ماڻي آهي، جيڪا وقت جي رفتار سان گڏ وڌندي رهي ٿي.

راشد سائين، دل جي وسعت، شعوري فراست، قلمي پورهئي، ذات جي سگهه، سنڌ پرستي، انسان دوستي، با اصول ۽ اعليٰ آدرشي قدرن جي پوئواريءَ سبب شعر جي دنيا ۾ مجاز کان حقيقت جي منزل ماڻي آهي.

سائين جو هي مجموعو "درد ۾ دلجوئي" غزل جي خوبصورت صنف تي مبني آهي، جيڪا پنهنجي گردان ۾ مجاز جي محرڪ تي گردش ڪندي آهي ۽ چڱن ڀلن شاعرن کي حُسن وعشق، هجر وفراق، وصل ومحبت جي پيرائي مان نڪرڻ نه ڏيندي آهي ۽ شاعر لاءِ به هن صنف ۾ تخيل جي اُڏام، انشا پردازي ظاهر ڪرڻ جو دلڪش موقعو هوندو آهي ۽ فطرت جي ڪويءَ به چڻ ته شاعر کي هيءَ صنف پنهنجي ذاتي انفرادي اُپٽار لاءِ عطا ڪئي آهي.

مگر راشد جهڙا بالغ خيال مُفڪر شاعر هن صنف جي مجازي مُحرڪ سان نڀائيندي، منجهس اصلاحي، قومي ۽ شعوري معنوي حُسن به پريندا رهندا آهن، جيڪي نه صرف هن صنف کي بلند بنائيندا آهن، مگر پڙهندڙ جي به روايتي انداز ۾ هڪ مُثبت لاڙي ۽ سالم سوچ جو اضافو ڪندا آهن.

ائين هن مجموعي ۾ موجود غزل جتي حُسن محبت جي پُر ڪيف موضوعن جو ساءُ رکن ٿا، اُتي سماجي شعور جي ڀرپور رهبري سان گڏوگڏ غير متوازن رُجحانن جي نشاندهي ۽ آجپي جي قدرن جي آبياري ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سير آبيءَ جو سرچشمو به رکن ٿا. هيءَ شاعري هڪ ڪارآمد شاعري آهي، جيڪا احساسن کي تسڪين ڏيڻ سان گڏ شعوري بيداريءَ جو ڪم به ڏئي ٿي. راشد سائين جي هن مجموعي ۾ موجود غزلن جو بغور اڀياس اوهان تي واضح ڪندو ته سندس خوبصورت غزلن ۾ لهجن جون نغمگيون، احساسن جون چُهنڊڙ ۽ دل لڀائيندڙ ڪٽڪتايون، تڏن ساهن جو ساءُ، خوبرو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿڪن جو پڙاڏو سُور وند سڏڪا، قومي ايڪي ۽ اتحاد لاءِ واڪا وراڪا ۽ روح مان بي ساخته نڪتل رڙيون موجود آهن.

پرواز ۾ بُلنديءَ اعليٰ آدرشي فڪر جي اُڏام، پورهيت سان پيار آزاديءَ جي جدوجهد سان لاڳاپو انسان جي عظمت ۾ ايمان، اخلاقي پابنديون، ڪردار جي سچائي، سياسي ۽ سماجي شعور، سُونهن مان اتساهه وٺڻ وارن پاڪ جذبن راشد سائين جي شاعريءَ کي جيڪا امرتا بخشي آهي، اُها لازوال آهي.

فن ۽ فڪر ۾ ڀرپور توازن رکندڙ غزل، جي هن خوبصورت ڪتاب جي سونهن بڻيا آهن، تن کي راشد سائين پنهنجي شعوري سگهه سان اهڙن آبگينن مثل بڻايو آهي، جن ۾ حُسن ومحبت جي رنگيني به جهلڪي ٿي ته ڌرتيءَ جو درد به تڙپندي محسوس ٿئي ٿو. ٻوليءَ جي سُونهن به ورونهن جو معراج ماڻي ٿي ۽ طبقاتي ڪيفيتون، ارتقائي رنڊڪون، ماڻهوءَ جو مزاج اُن جا همه گير احساس به وڏيڪ روشن ٿين ٿا.

نينهن جون نزاڪتون، بُلند ڪردار جون صداقتون، رهبريون رهنمايون، زندگيءَ جون املهه معنائون ۽ معيار هن مجموعي کي سنڌي شاعريءَ ۾ نرالي حيثيت جو حامل بڻائين ٿا.

راشد سائين شخصي طور به هڪ گهڻ رُخي، همه جهت (Multi dimensional) شخصيت آهي، جنهن جا سيئي پاسا سونهن ڀريا آهن. منجهس Diction جي نرالائپ، موضوعاتي وسعت، داخلي خواه خارجي امتزاج، آهنگ ۽ دلڪشي، قوم سان Committed هجڻ، جدوجهد جو رنگ، اُميد جو جذبو آزاديءَ ۾ يقين جي خوبي راشد جي تمام رخن ۾ مشترڪ آهي ۽ کيس هڪ وڏو انسان ثابت ڪرڻ جو سبب آهن. ذاتي طور با اصول، خير خواهه نيڪ نيت، ماڻهپي جو مُجسم، روشن خيال، باضمير، سجاڳ ذهن ۽ ترقي پسند سوچ کيس هڪ آدرشي انقلابي بڻايو آهي، جنهن جي دل ۾ قومي درد رڳن ۾ رت وانگر ڊوڙي ٿو.

راشد سائين جي شخصيت ۽ شاعريءَ کي سمجهڻ، هن مجموعي جي مرڪزي محرڪ تائين پهچڻ، ذات جي اُجري درپن تائين رسائي حاصل ڪرڻ، شاعر جي من اندر ۾ موجزن ڪيفيتن جي مُطالعي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي، ته هن مهان ڪوي جي اجتماعي سوچ ۽ عملي ڪردار جي ان اصول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي وضاحت ڪي ذهن نشين ڪيون، ته جيئن سندس جا بجا ڦهليل شعرن جو وجود پنهنجي وابستگي جو ڪارڻ مڃائي سگهي.

"راشد سائين، شاعر، اديب ۽ دانشور جي سماجي اڻ برابري ۽ قومي ويڙهه ۾ غير واسطيدار (Neutral) هجڻ واري رويي جي مذمت ڪري ٿو ۽ شاعر لاءِ سماج سان شعوري ڳانڍاپي ۽ عملي جاکوڙ جو قائل آهي. هو معاشري ۾ ذميواريءَ کي اهميت ڏئي ٿو علم ۽ شعور کي پنهنجي فڪر جو محرڪ سمجهي ٿو. هو سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ چوڻ جو ڪردار قائم ڪندو اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سندس قوم سان فڪري ڳانڍاپو زندگي ۽ موت جيترو اهم آهي. قوم سان مڪمل وابستگيءَ جي جذبي تحت هو شاعر جي پاسيري رهڻ ۽ پوئتي هٽڻ واري عمل کي ادبي هاجيڪاري ۽ فڪري خودڪشيءَ جي مترادف سمجهي ٿو."

راشد سائين، پنهنجي ذميوارين سان نيائيندڙ ڪردار جي شخصيت آهي. هي زندگيءَ سان پيار ڪندڙ آهي، هن کي حسن پسند آهي ۽ قباحت کان نفرت آهي، هن جي خوبصورتيءَ جو ڪينواس صرف ڪنهن حسين بُت جي محرڪ تي گردش/ڪندڙ ناهي، مگر هي هر شيءِ کي خوبصورت ڏسڻ چاهي ٿو هن وٽ حُسن توازن جو نالو آهي. متوازن هجڻ، حسين هجڻ آهي. راشد سائين شاعر آهي، بلڪ حُسن پرست شاعر آهي، شاعر کان وڌيڪ حُسن جو عاشق ڪير ٿي سگهي ٿو!!؟

راشد سائين حُسن سهاري نقطي کان مرڪز ڏانهن ارتقا ماڻي آهي، جو يقيناً هن جو ڪينواس انفراديت ۾ بہ هڪ ڀرپور اجتماعيت رکي ٿو ۽ قومي جذبي سان ڀرپور آهي. راشد سائين جو عشق مارئيءَ جيان ڪيت کان شروع ٿي ملير تي مُحيط ٿي ويو آهي.

"هي فرد واحد کان وٺي قوم جي اجتماعي وجود تائين جي سموري سفر کي سهڻو ڏسڻ چاهي ٿو. هن جو تصور ڪنهن جي وڻن وارن جي سئين سيهڏ تي نٿو رڪجي، هُو سونهن وارن لاءِ ماحول بہ سهڻو چاهي ٿو. گهر گهٽيون، رستا، سنگت صُحبت ۽ نظام بہ خوبصورت چاهي ٿو جنهن ۾ برابري هجي. اونچ نيچ، طبقاتي وچوٽي، بربريت، ڏاڍ ۽ انياءَ نہ هجي، عدل هجي ظلم نہ هجي، انساني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ذات جي صلاحيتن جي نشونما ٿئي، فرد جي اندر جي خوبصورت پروان چڙهي ته جيئن قوم جي اجتماعي حسن جي هڳساڻ ڏيهه پرڏيهه پنهنجي خوبصورت وجود سان سرخرو نظر اچي.

راشد سائين جي حسن جو پئمانو معيار انسان جي سونهن کي حقيقي طور ان جي دل جي دنيا جي خوبصورتي سان لاڳاپي قبول ڪري ٿو هو رويا به خوبصورت چاهي ٿو.“

راشد سائين شاعر آهي ۽ لازمي طور هو پنهنجي فلاسافي به شعر جي زبان ۾ اظهاري ٿو ۽ خوبصورتيءَ جي جامع تعريف ڪري ٿو راشد سائين جو گهڻو شعر خصوصي طور هن ڪتاب جي حوالي سان سونهن جي ساراهه ۾ به آهي ته قباحت جي مزاحمت ۾ به آهي، سماجي عدم توازن جي نشاندهي طور به آهي ۽ سياسي قدرن جي مثبت اظهار جو به آهي ته جيئن شعوري طبقو اهڙا ڪي باعمل انسان پيدا ڪري، جيڪي حقيقي طور اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهن، جيڪو هن جي خوبصورت تصور جو معراج آهي.

هيءَ سموري جاکوڙ هيءَ سموري ارتقا ۽ اقدام راشد سائين جي منزلِ مقصود ”آزاديءَ“ ڏانهن طويل سفر جي وارتا آهي، جيڪا موضوعاتي طور پنهنجي رُخن ۾ اُهي سمورا اظهار سمائي چُڪي آهي، جيڪي ڪيس هي احساس ڏيارن ٿا ۽ جمود خلاف واڪا ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا.

سالن کان جنهن جاءِ تي بيٺا هاسون، اڄ به اُتي آهيون
اهڙو ڪو ته عمل آ، جنهن سان تيز ٿئي تحريڪ ٻڌاءِ

هو قومي تحريڪ جي گهربل ڪيفيت جي پروان نه چڙهي سگهڻ ۽ نتيجي کي حاصل نه ڪري سگهڻ جا ڪارڻ به تلاشي ٿو.

ڇڏيندا ڇا اِنا اِڳواڻ، پنهنجي قوم سنڌيءَ جا
اڃا ڪجھ وقت لڳڻو آ، اسان جي آجپائيءَ ۾

آجپي لاءِ مسلسل جدوجهد جي ترغيب سندس هنن شعرن ۾ جهلڪي ٿي:

پنڌ مُسلسل يڪ ساهي - راهه ۾ جاءِ رهائش ڪانهي

---

تيسين جاري جُهد رکو - جيسين هي ديوار ڍهي

---



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر واهڻ هر وستيءَ ۾ وڃ گيت پريمي ڳاءِ
سچ جو ساٿ وڏاءِ پرين، هر ماڻهوءَ کي همٿاءِ

---

هر حالت ۾ اڳتي وڌڻو آ، سو وڌنداسين
پير نہ پٺتي هٽندو راشد، جهولي يا جهڪ ۾

يا "راشدا مون جدوجهد آهي ڪئي –رات ۽ ڏينهن حق سچ جي اثبات لئہ"

راشد سائين جي جدوجهد وسيع آهي. هو سونهن، سنڌ ۽ سُهڻي نظام لاءِ جيڪي بہ رڪاوٽون سمجهي ٿو انهن جي مزاحمت ڪري ٿو. راشد سائين جي شاعري پڙهڻ بعد منهنجو هي احساس اڃا بہ وڌيڪ پختو ٿيو آهي تہ مزاحمتي ۽ باغي شاعر ٿي دراصل حقيقي طور حُسن جا شيدائي ٿيندا آهن. هنن جي مزاحمت قباحت جي خلاف آهي ۽ قباحت حسن جو ضد آهي.

راشد سائين جي سونهن جو تصور وسيع آهي. هو جڏهن وڏيري جي اڱڻ روين کي نندي ٿو امن جي ويريءَ تي دانگي ملي ٿو تہ بہ سنڌ ڌرتيءَ جي سهڻي نظام آڻڻ لاءِ جاکوڙي ٿو ۽ هن جي هيءَ مزاحمت بہ حقيقي معنيٰ ۾ حسن سان وسيع وابستگي طور آهي. هن فڪري آهنگ ۾ هي شعر مطالع ڪيو:

جتي بہ ڏسبو امن جو ويري –انهيءَ جي منهن تي تہ دانگي ملبي

---

هتي پورهيي ۾ هي پورا –وڏيري کي هُتي ڪاوڙ
هنن آخر ڪيو ڇا هي!!؟ - هُنن کي پاھ ڇو ورتو

---

ڳالھ ليکي جي هُئي هاريءَ ڪئي –ڇو وڏيرو ٿيو شروع ڳارين ۾ آھ

سماج ۾ مظلوم جو پرجهلو ٿيڻ، ظاهري طور طاقتور کي نندڻ، حق سچ جي حمايت ڪرڻ، راشد جي مهانتا جا ڪارڻ آهن.

هُجئي شاباس اي جاني، هُجومن جي اڳيان سچ چئي
چڱو ٿيو ڏاڍ جي منهن تي، تڏو راشد ملي ورتئي

راشد جي مزاحمت ۾ بہ هڪ قسم جي ڪشش آهي، دلڪشي آهي، ڇو تہ هو نفرت بہ دل جي اُبڙڪي سان ڪري ٿو ۽ بي خودي سان دل جي اُڇل جڏهن شعر ۾ پلٽبي آهي، تہ اها جنهن بہ موضوع جي وضاحت ڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻڌندڙ کان واهه واهه ڪرائيندي آهي. ان تناظر ۾ جڏهن هو پنهنجي همسفر ساٿين، ڪن قومي ڪارڪنن ۽ ڪجهه ڪامريڊن ۾ به ڪچائي ڏسي ٿو ته ڪين هنن لفظن ۾ نندي ٿو:

وڏيري ڏي ويو ٿا، ڪامريڊو! -ڪيو پيا ٿا، اُتي ڱُئي گيس چالئہ؟

راشد سائين پنهنجي ڏُن ۾ پڪو ۽ مستحڪم آهي.

نہ سمجهان سونُ ٽرامي ڪِي، نہ چوندس جست ڪي چاندي

پتل کي مان اصل کان ئي پتل لکندو رهيو آهيان

راشد حقيقت شناس آهي. هو جڏهن تاريخ تي نظر ڏري ٿو تہ "ڏريان ئي ڏاريا مِٽ مُئي جا نہ ٿيا" جي مصداق ڪيس ڪي نامور شخصيتون ۽ انهن جو "ڪُر" قومي ڏارا ۾ مشڪوڪ نظر اچي ٿو.

سنڌ سپوتن سان نہ ٿيو - قاضي قاضن جو پونيرُ

راشد جو هي شاعراڻو اشارو تاريخ جي هڪ مونجهاري کي سلجهائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ۽ راشد سائين جي هن راءِ جي، هن مؤقف جي، تہ رخي نوعيت ۾ بہ اصليت کي تلاش ڪرڻ ۾ معاونت ملي ٿي.

هڪ طرف قاضي قاضن جو هڪ پرپور علمي ۽ روحاني پس منظر ٻڌايو وڃي ٿو سندس مامو ميان مير سنڌي (لاهوري) سڪينة الاولياء جي مصنف مغل شهزادي داره شڪوه لاءِ هڪ مقدس رهنما جي حيثيت رکي ٿو تصوف جي تاريخ جو اڀياس ڪندڙ قاضي قاضن کي اُن ميان مير سنڌيءَ جو علمي ۽ روحاني وارث قرار ڏين ٿا. تہ ٻئي طرف هو مهدي جونپوري جو مريد ٿي، سنڌ ۾ سندس وڏو پرچارڪ بنجي ٿو.

ناميارو محقق هيري ٺڪر (جنهن قاضي قاضن جي پرپور روحاني اشعارن کي هندستان مان هٿ ڪري ڇپايو آهي) لاءِ قاضي صاحب شين جي باطني محرڪات جو متلاشي انسان هو ۽ روحاني ڪمالات جو مجسم پڻ.

ٽئين طرف سنڌ جي تاريخ جو اڀياس ڪندڙ لاءِ قاضي قاضن، ٺٽي تي ڏارين جي يلغار ۽ حملي دوران، حملي آورن سان ڪنهن سمجهوتي، ناهه / حڪمت تحت پاڻ ۽ پنهنجو ڪٽنب بچائي نڪري ويو ۽ باقي خلقِ خدا دشمن جي عتاب جو شڪار بنجندي رهي. قاضي القضات رهندڙ هن شخصيت جي تعريف ۽ باريڪ تنقيد ۾ گهڻو ڪجهه ملي ٿو مگر راشد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سائين لاءِ تاريخ جو اهڙو ڪوبہ ڪردار جنهن ۾ هو آزمائش جي گهڙيءَ وقت انفراديت کي اجتماعيت تي سبقت ڏئي ۽ مزي جي زندگي ماڻڻ کي تڪليفن تي ترجيح ڏئي ٿو

سيئي فرهاد يا مجنون ٿين، سو ڪونہ آ ممڪن
عياشن جو پلا آهي بہ ڪهڙو ڪم ڪشالي سان

يا تاريخي حقيقتن جي عڪاسي سان بَرُ نہ ميچيندڙ ڪتابن لاءِ بہ هي شعر تہ:

چوي ٿو مان بہ عالم هان – پڙهي تاريخ معصومي

يا
نہ ٿو هو پاڻ جهڙو ڪنهن کي سمجهي
پنهنجي پر ۾ عقل ڪُل تي رهيو آ

---

اُٺ ڪتابن جا پڙهيائون، علم پرايائون
عالم پاڻ چوايائون ٿي، عامل ڪوبہ نہ هو

ائين تاريخي رُجحان، سماجي اڻ برابريون، اصلاح ۽ رهنمائي جا قدر راشد جي شاعريءَ جي فڪري سونهن آهن.

تخت نشين آڪوڙ جتي، اُت ڪيئن ڪجي فرياد
راشد پيارا حق سچ جو جت، قائل ڪوبہ نہ هو

شاعري پنهنجي دور جي تاريخ جا چُيندڙ ترتيب وار واقعا نہ، مگر انهن ۾ موجود معنيٰ خيز ڪيفيتون ۽ احساس قلمبند ڪندي آهي ۽ اُهي اُپريل احساس جڏهن فن جي ڪارب مان نڪري فڪر جي آويءَ ۾ پچي راس ٿيندا آهن تہ ڪين دائمي حيثيت حاصل ٿي پوندي آهي ۽ اهڙي شاعري پراڻي نہ ٿي سگهندي آهي ۽ هو دور دور جي تقاضائن کي سمائي ڇڏيندي آهي ۽ شعر شناس انسان لاءِ امرتا مهيا ڪندي آهي ۽ اهڙو پڙهندڙ جيڪو شعوري سگهہ رکندڙ هوندو آهي، قومي ۽ اجتماعي درد جي نعمت سان ڀرپور هوندو آهي، سماج ۾ ڪجهہ ڪرڻ جو جذبو رکندڙ هوندو آهي، تہ هيءَ شاعري ان کي حوصلو بخشيندي آهي. هن قسم جي شاعري هڪ ذي شعور ۽ تڙپ رکندڙ فرد لاءِ هڪ آرسي مثل آهي، جنهن ۾ هو ڪوڙهيي سماج جا ڪرتوت پسي سگهي ٿو تاڪِہ هو تبديلي لاءِ پاڻ ۾ موجود مثبت لاڙي کي وڌائي سگهي.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا جيءَ کان پئسا وٺي، وڻڻ ويو آ
ٻڌس لاءِ ڪپڙا، پٽس لئہ دوائون

---

ڪري ٿو ماءُ تي چٿرون، نشي ۾ نوجوان جهومي

---

ڏکوئيندڙ هئو منظر، نون ورهين جي نينگر کي
ڪتابن جي بجاءِ هٿ ۾ صُبح سان پڪڙ پانا ها

---

اڻ ڏٺيو پاڙي جي هڪڙي گهر منجهان
ڪير هي همراهہ نڪتو ٿو وڃي!؟

---

اُها جاءِ جنهن کي تون چڪلو چوين ٿو
اچن ٿا اُتي معتبر کهڙا کهڙا

---

چئو واٽي تي بيٺو آهين، ڪاڏي ويندين يار
خطري کان تان خالي ناهن، پڪ آچارئي پار

---

ٻڌائي ڇڏيو آ، چسن هي عقيدو – حياتيءَ جو مقصد پري پيٽ ڪائون

---

ڪوڙ کي سچ جو ليپو ڏئي – ڪيڏي آهہ ٺڳي ٿو ڪئي

راشد سائين جا هي اشعار دراصل ناسور تي هڪ سواليہ نشان آهن. ڪرب آميز روين ۽ بي حس ماڻهن جي ضميرن کي جاڳائڻ جي جستجو آهن ۽ حقيقت جي نشاندهي رکن ٿا.

جيتوڻيڪ هنن موضوعن جي اُپٽار ڪندڙ شاعر کي شعر جي متي پيش ڪيل موضوعن تي شعر وادب جي ڪمسن يا طفلِ مڪتب قاريءَ وٽان ڪو خاطر خواهہ داد نہ ملي سگهندو آهي ۽ هو صرف مجازي نوعيت ۽ ظاهري سونهن پرستيءَ جي روايتي شعرن سان مانوس رهندو آهي ۽ اجتماعي آجپي جي سُرهين سوچن بجاءِ انفرادي خول ۾ ڦرندو آهي ۽ وڏن وارن جي وَر وڪڙن ۽ انهن جي تصور ۾ جهومندڙ پورهيت جي پگهريل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جسم جي مانَ ۾ شانَ کي نـ سمجهي سگهندو آهي، تـ ڇڻ شاعر کي ٿوري کس لڳي پوندي آهي. مگر راشد جهڙو بي باڪ شاعر، پيغام ڏيندڙ شاعر، ڌرتي ۽ ٻوليءَ جو رکوالو شاعر، پنهنجي ڏات کي بسڪوٽن جي بيڪري ٻنجڻ نـ ڏيندو آهي، جا فرمائشي ڪيڪ ۽ پيسٽريون پچائي، هو اهو ٻڌائيندو اهو ڳائيندو اهو وڄائيندو جنهن ۾ ڌرتي ۽ ڌرتي واسين جي دل جو آواز هجي، حق جو ترانو هجي.

هو ماحول جي، ماڻهن جي، ريتن رسمن جي، رجحانن جي، روين جي هر باريڪ خيال کي لکي ٿو ۽ اُن ۾ اصلاح جو پهلو شامل رکي ٿو.

منهن تي مِٺ مِٺ پر پٺ غيبت، ماڻهن جو منشور
اهڙن کان ڪيئن ٿيندي آخر درد ۾ دلجوئي

---

يا حياتيءَ ۾ هڪ گل نـ تحفو ڏنئي –قبر تي رکيو ٿئي گلابن جو ڍڳ

---

هاڻ رڳو ٿا پيا جيسين جيئرو هيو –تيسين ٿاندا ڏنوَ خوب مرحوم کي

ائين سندس عقابي اک ڪان ننڍڙيون ننڍڙيون شيون، جيڪي ڪٽي پنهنجي وجود ۾ وڏي ڀونچال جو باعث بنجن ٿيون ۽ دل جي دنيا کي ڌوڏي سگهڻ جو ست سارين ٿيون، مگر ڪافي شاعرن انهن ڏانهن گهٽ ڌنو آهي، زياده تر لفظن جي ڦير گهير سان ساڳين موضوعن تي طبع آزمائي تي رهي آهي، حالانڪ موضوعن جي کوٽ ڪونهي، مگر اهڙي عقابي اک جو عطا ٿيڻ ضروري آهي، جنهن ۾ هي باريڪ عوامي احساس، سادن لفظن ۾ بـ ڪيڏو نـ ڀرپور بيان رکي ٿو.

لڏي هي ڪير پاڙي ۾ نوان ماڻهو اچي ويٺا!؟
گهٽي ساري غلاظت ئي غلاظت ٿي وئي آهي

هن شعر ۾ بـ شاعر جي قباحت ۽ غلاظت کان نفرت جو اهڃاڻ ڏاڍو مٺو آهي، مگر ڏسڻ وارو بـ تـ ڪو هُجي نـ!!؟ ٿيندو ائين آهي تـ مزاحمتي شاعر گهڻو تڻو جذباتي ٿيندا آهن. هو ويڙهاند جا قائل هوندا آهن، جا حالات جي مشڪل ۽ بي واهي تناظر ۾ ڪي قدر مناسب بـ لڳندي آهي، مگر راشد سائين جذبي جي بي خودي ۽ رندانـ ڪيفيت باوجود مزاحمت جو پرچارڪ تـ آهي ئي آهي، مگر هن جي جذبات تي شعور غالب آهي، هن



soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد ۾ دلجوئي

جي شعوري سگهه انقلاب لاءِ قلب ۾ مثبت تبديليءَ جي قائل آهي، هو خارجي ويڙهه کان پهريان فرد جي داخلي جهد جو قائل آهي، جيئن:

ويڙهاند پيو ڪيان ٿو، هر درد غم دقت سان
لعنت ضمير تي آ، جي ٿاهه ٿئي ذلت سان

ائين هن جو شعور ۾ ڏاهپ اُڀرن قدمن جي منفي نتائج کان به آگاهه ڪري ٿو.

ڌماڪن ڪي اوهان آيوڳ چاتو - انڌا ٻوڙا ٿي ويندؤ حادثي ۾

---

لڳي جي جنگ هندوستان، پاڪستان جي وچ تي
الائي چا نہ ٿيندو، مهانگائيءَ جي عالم ۾

راشد سائينءَ جا هي اشعار ڪيس پنهنجي دور جو رهنما شاعر جو درجو بخشن ٿا. راشد سائين جيترو سونهن تي سٺو لکيو آهي، اوترو ئي سماج تي ۽ سنڌ تي بہ سٺو لکيو آهي. هن مجموعي ۾ راشد سائينءَ جا ڪجهه اشعار داخلي پيڙائن تہ ڪجهه خارجي عڪاسي تہ اڪثر وبيشتر تہ داخلي ۽ خارجي درد جو امتزاج آهن. پيلا جنهن شاعر جي دل ۾ ذاتي درد کان وڌيڪ ديس جو درد وسندو هجي، ماڻهن جا مسئلا تڙپيندا هجن. ويچار واويلا مچائيندا هجن. سُهڻن قدرن جي سوچ ڪر موڙينديي هجي، اهو ضرور غزل جي زمين ۾ بہ ههڙن موضوعن کي متعارف ڪرائيندو رهي ٿو.

اگر ڪس ڪائجي جڳ ۾ تہ رس رهندي ادا راشد
اسان جي خيال ۾ ڪونهي، مسئلي جو تہ حل پيو ڪو

---

تڪليف سهڻ جو عادي ٿي، آزار ٻين کي ڪين ڏجي
ٻُڪ مرڻ انهيءَ کان بهتر آ، ڦورو ٿي ڦُرڻ جي ڳالهہ نہ ڪر

---

متان ڪو لنگهڻ تي رات ڪاٽي، متان ڪو ويلي تي ويهي ماٺهو
سماءُ پاڙي جو لهج سائين ۽ پورتن جو خيال رکجان

---

ليڪي ويندي سُڌريل ملڪن ۾ تڏهين ٿي سنڌ
سنڌي جڏهين ڏاج ۾ ڌيءَ کي ڪمپيوٽر ڏيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يا هي اشعار راشد کي پوري انسانيت ۾ ان جي حمايت ۾ ڏک سان سلهاڙي ڪيڏو بُلند ڪن ٿا:

چھچ وڻ جي سونهن کي نقصان ٿيو
جو ڪپيو ويو ڏار منهنجو ئي هئو

---

درد ڪٿي ڪنهن کي بہ ملي، منهنجو ئي ٿو جيءُ جلي

---

اسان جي نينهن جو ناتو – ڳنڍيل آ ساري عالم سان

ڏک، پيڙا ۽ درد جي ڪيفيت عالمي هجي يا علائقائي، راشد سائين جو قلم ان تي پنهنجي ويچارن جو واس ڏيندو ۽ ان مان انيڪ معنائون ۽ مقصدن جا موتي ورهائيندو. نتيجي ۾ ان درد جي پوڳنا هڪ قسم جي ڪلاسڪ (Classic) اختيار ڪندي ۽ سور بہ چڻ سرور جي علامت تي اُپرندو.

سنڌ ڌرتي پوڙ جي معاملي تي جيتوڻيڪ دنيا ۾ پري تہ چڏيو پر رابندر ناٿ ٽئگور جي ڌرتي بنگال جي برابر بہ ناهي، مگر منصوبہ بنديءَ جي ڪمي، فني صلاحيتن جي کوٽ، وسائل جي عدم موجودگي ۽ جاگرافيائي موسمي تبديليءَ دريا بادشاهہ جي چاڙهہ ۾ جي هاجا ۽ حادثا رچايا، سي هڪ نئين تاريخ رقم ڪرڻ جا متقاضي آهن. راشد جي ذات انهيءَ ڪيفيت کي تاريخي ڇهاءُ ۽ شاعريءَ جو رنگ لڳائي ٿي. دنيا ۾ جتي بہ اهڙا موسمي هاجا رونمائي جا ڳَرَ ڪڻن ٿا، تہ سڌريل ملڪن جا ماٿهو تباهيءَ جو ايڏو نتيجو نتا پوڳن. انهن وٽ فني صلاحيت ۽ سرمايو موجود آهي ۽ حڪمران Planning کان غافل نہ آهن، مگر اسان وٽ سيني جي حصي جو قصور جڏهن گڏجي ٿو تہ اُهو غير متوقع نقصان متوقع تي اُپري ٿو ۽ مجبوري، محرومي ۽ بي ڪسيءَ جي حالتِ زار شاعر کي هي اشعار چوڻ تي مجبور ڪري ٿي، جي سنڌوءَ جي سنڌ تي مانگ پريل محسوس ٿين ٿا:

سوداءُ تنهنجو، منهنجي سِر ۾ سمائجي ويو
مون کان وجود منهنجو، واقعي وڃائجي ويو

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

---

دُعا جا ڍير اوهان لاءِ گڏ ڪري رکندا
شرط هي آهي ته پيرن کي ڪجهه ڏئي وڃجو

---

پڙهي سيئي عالم ۽ عاقل ٿيا – مريدن کان مُرشد کي ڏن يا نصيب

بهرحال، راشد سائين جي هن شعبي جي سرگرمي رکندڙن لاءِ هيءَ صلاح ساهه ۾ سانڍڻ جهڙي آهي ته:

رکج ايمان خدمت ۾ - تڏج بيڪار مخدومي

اتي ئي هڪ شاعر جي حيثيت ۾ مير پير جي بنسبت حسينن سان پنهنجي رويي جي وضاحت هن طرح ڪري ٿو ته:

ٽڪراءَ ۾ رهي ٿا سگهون مير پير سان
اچبو عزت سان پيش حُسن جي سفير سان

حسن جو احترام ۽ ان جي اڪرام جي تڙپ سائين جي شعرن ۾ ڪثرت سان ملي ٿي. هت هن شعر ۾ نرالي تشبيهه سان ڀرپور هي شعر ملاحظه فرمايو:

ٿيو مهمان اڄ مون وٽ، مهانڊو شاعريءَ جهڙو
مليو مس مس ته موقعو آهه، خدمت چاڪريءَ جهڙو

ائين هن مجموعي ۾ حسن ومحبت جا لطيف احساس پنهنجي نڪور تشبيهي صلاحيتن سان من موهن ٿا:

ٽر ۾ جهڙوڪر اهي جاڙيون ڀٽون
جا ته آهي تنهنجي ڇاتيءَ جو اُڀار

يا هليون ٿاهي ٿولي سڪيون خوبصورت
نقابن ۾ آهن اڪيون خوبصورت

يا اڇو ڪوٽ ڪالر تي ڪارو گلاب
عجب انقلاب آ، حسين انتخاب

يا شل نه ڪوئي ماڻهو ڦاسي، اهڙي اوجهڙ ڪو
دلڙي ويچاري ڪائي ڀيئي ديگ جيان ڀڙڪو

راشد سائين جا مجازي موضوع وقت جي نوعيت ۽ جديد لحاظ کان



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ ۾ مروجه شين جي استعمال سان ڀرپور آهن ۽ ڪشش رکن ٿا. دل جي ارمان ۽ احساساتي تقابل ۾ هي شعر نه چاڻ ته عشق ومحبت جي پيچ وخم ۾ ڦچندڙ الائي ته ڪيترين دلين جو آواز هوندو جو هڪ شاعر ڪي ته درد وندن جي دل جو آواز بڻجي هينءَ چوڻو ٿو پوي ته:

سوين ميسيج پُهتا هن، جنم ڏڻ جي حوالي سان
مگر افسوس جو ڪو هڪ به ناهي تنهنجي نالي سان

يا، جذبي جي شدت کي هن شعر ۾ محسوس ڪيو:

ڪاش ٿئي ها ڳوٺ اسان جي تنهنجو ڀيرو
چپڙن سان هٿ چمجن ها ۽ نظرن سان چهرو

---

سياري جون سرد راتيون، ڏکٽي لڳي آ جيءَ ۾
ڪيڏو نه ياد ايندو هوندين جناب سيءَ ۾

اچا به شعر جي همه گير معنوي حسن سان محظوظ ٿيڻ چاهيو ته هي شعر پڙهو ۽ وري وري پڙهو:

سرديءَ سان نبرڻ لئه ساٿي – غم جهڙي گرمائش ڪانهي

يا تخيل جي اُڏام هن شهر جي بلنديءَ ۾ ڏسو:

گل باغ مان پٽيا ويا، بازر ۾ وڪامي ويا
مُکڙين کي ملي راشد، مُرڪڻ جي سزا آهي

يا مجازي موضوع ۾ ئي سهي، مگر پورهيت سان پيار ڪرڻ جي هيءَ نرالي تمثيل ڏسو:

ڀگهر هاٿن ڳلن تي چپ رکيا مون
چُمي حاصل ٿي مون کي آهه ڇهري

---

ڏسن ٿا سونهن ته ڦڙڪڻ لڳن ٿا چپ منهنجا
چُمي جي خرچي شرين کي ڪجهه ڏئي وڃجو

---

غسل رت سان جڏهن ٿيندو، تڏهن ئي پاڪ ٿيندا سون
نماز عشق پڙهٽي آ، حُسن جي ئي امامت ۾



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسن سان والهانہ وابستگي جي اٽل، غير متبدل ثبوت طور راشد سائين جا هي بہ اشعار پڙهو ۽ جي اهلِ دل ۽ اهلِ درد آهيو تہ من جي پرپور رقت سان چار ڳوڙها ڳاڙي، جيءَ جي جهوراٽي مان فائدو وٺي دل کي ڌوئي پوئي صاف ڪيو تہ جيئن ڪو اُجرو عڪس پسي سگهو.

قبر ۾ بہ تڪرا ڪٽي ساڻ وڃجن
اوهان جي پراڻي تہ پهراڻ وارا

---

اهو خط سنڀالي رکو راشدا
مرڻ بعد منهنجي ڪفن ۾ هجي

والهانہ وابستگي جا مٿي ڄاڻايل شعر ٻوليءَ جي سادگيءَ ۾ دل جي سچائيءَ جا اظهار تہ آهن ئي آهن. مگر منجهن جا درد جي اٿاهہ ڪيفيت بند ٿيل آهي، سا هر پڙهندڙ تي رقت طاري ڪري ٿي.

درد، دراصل حقيقي نعمت آهي. درد دل جي دنيا جي باريڪ ڪنوتين کي ڪائناتي وسعت عطا ڪندو آهي. درد ڌرتيءَ کان عالمِ افلاڪ جي بلنديءَ تائين رسائڻ جو برقي ڪم ڏئي ٿو.

درد اندر جي اک لاءِ روشنيءَ جو ڪم ڏيندو آهي.

راشد سائين درد جي اهڙن احساسن جو مشاهدو رکي ٿو جيڪو عام لاءِ بنهہ ڪونهي. نہ ئي اُن ۾ سهپ جي وسعت ئي آهي. چوتہ درد جو واڌارو دراصل درد جي بلنديءَ جو ڪارڻ هوندو آهي. درد ۾ دلجوئي دراصل عاشق/ شاعر لاءِ ناجي هجڻ جي نشاني آهي. سور مان سرور وٺندڙ ۽ ڏک مان ڏيِ حاصل ڪندڙ انسان ڪائناتي هوندو آهي.

ماٺيپي جو معراج درد ۾ دلجوئي پسندڙن جا پير چمندو آهي. پيڙا ۽ ڏک جون لهرون من اندر جي منفي رُجحان کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏينديون آهن. درد عشق جي اک کي دل ۾ پيوند ڪندو آهي ۽ اُها اندر جي اک شاعر کي دراصل اهڙي تہ Photographic Poetic Strengthen عطا ڪندي آهي، جيڪا شاعر کي شعور ۽ ادراڪ جون انيڪ منزلون طئہ ڪرائي ٿي. درد جو مثبت پهلو تہ انيڪ روشنين جي بي پناهہ نورانيت ۽ طاقت سان مالا مال بنائي ٿو بلڪہ هي هڪ اٽل حقيقت آهي تہ:

”هڪ درد آشنا انسان ئي حق کي حاصل ڪري سگهي ٿو.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو بہ وڌيڪ بيدار آهي، اهو زياده درد آشنا آهي ۽ ائين بہ آهي تہ جيڪو وڌيڪ باخبر آهي، اُهو وڌيڪ پريشان ۽ اضطراب جي پيڙائن ۾ پچرندو تو رهي ۽ جيڪو شخص وڌيڪ درد محسوس ڪندڙ آهي ۽ اهڙو درد محسوس ڪندڙ آهي، جيڪو هيا نتا محسوس ڪري سگهن تہ اهو ان نسبت سان زياده جاڳڻ وارو ۽ زياده بيدار چئبو. بي دردي، بي حسي، بي شعوري ۽ بي ادراڪي جي برابر آهي، جڏهن تہ درمندي، آگاهيت، بيداري، شعور ۽ ادراڪ جي برابر آهي.

شاعر جي دل جي دنيا جڏهن درد جي آميزش سان عشق جي پُرڪيف عنايت ماڻي ٿي تہ هُن جي وسعت وڌي وڃي ٿي ۽ اُن ۾ هو دنيا جهان جون حقيقتون پرکي وٺي ٿو. هونءَ بہ عاشق جي فراست کان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو!؟"

دل جي دنيا جيتري اُجري هوندي، اُن تي عڪس بہ اوترو چٽو پوندو، ان ۾ سگهہ بہ اوتري پختي هوندي ۽ اهو نظر بہ اوترو صاف ايندو جيئن راشد سائين خود فرمايو آهي تہ:

غير کان خالي هي گهر رکجي بهتر ٿي ٿيندو
اُجرو پنهنجو اندر رکجي بهتر ٿي ٿيندو

دل جي وسعت آڏو زمين جو ڦهلاءُ ۽ آسمان جي بلندي، سمنڊ جي گهرائي ۽ افلاڪ جي اوچائي بہ تمام گهٽ بيهي ٿي. هو پنهنجي جوهر ازلي ۾ حقيقت جو آشڪار بنجي پوي ٿي ۽ ان ۾:

هر رات شب برات، اسان لاءِ ٿي آهي
راضي پرين جي ذات، اسان لاءِ ٿي آهي

پرين جي راضي ٿيڻ سان راشد جي محبت سندس مخلوق سان مضبوط کان مضبوط تر ٿئي ٿي ۽ هو محبت جي اهڙي تہ ڪشاده دل ماڻي ٿو جو تفريق کان بالاتر ٿي سيني جي خوشيءَ ۾ خوش ٿئي ٿو.

عيدون خوشيون کوڙ تماشا – ڏياري هولي زنده باد

راشد سائين جو هي شعر دراصل هڪ اعليٰ انساني قدرن جي مترادف آهي. راشد کي فطرتن جا باغي جبلت عطا ٿي آهي، سا فڪر جي انيڪ روپن ۾ سائنس دامن گير آهي. هو جتي غلط ريتن رسمن، انداز واطوار انساني فڪر کي گهٽيندڙ خيالن جو مخالف آهي، اُتي روايتي، سطحي انداز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وتشريح جي بنسبت پنهنجي ذاتي محسوسات کي ترجيح ڏئي ٿو. ڪنهن اڻ ڏٺي آسري بجاءِ دل جو دڳ وٺي ٿو ۽ بي پرواهه ٿي چئي ٿو ته:

جت تنهنجو ساٿ هجي، اُت جنت ئي هوندي
ڪا حُور هجي نه هجي، غلمان هجي نه هجي

نه ته اهڙي آسري تي دنيا جهان جي عابدن جا تصور نه جاڻ ته ڪيترا نه لذت آميز ٿين ٿا. راشد جو فڪر باوجود هڪ روشن خيال ترقي پسند نظرين جي حامل هجڻ جي پنهنجي قدامت ۾ هڪ آدرشي صوفي به آهي ۽ پٿائي جي ڌرتيءَ جي سپوت هئڻ ناتي پس منظر ۾ ڪيس خود شناسي، خدا شناسي جو ورثو به مليل آهي.

تڏهن ته جڏهن سندس خيال جو پرواز حسن حقيقي جي ور چڙهي ٿو ته هن حقيقت جو اظهار ڪري ٿو:

قيد مجازيءَ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪر تون
راشد يار بتن کي چاهڻ ٺيڪ ته ناهي

ائين هو اشعاري زبان ۾ هر بت کان دل جي دنيا جا در پوري جو درس ڏئي ٿو.

لات منات جو من ۾ ديرو بڻجي ان کان اڳ
دل جو پوٽيل ئي در رکجي بهتر ئي ٿيندو

مگر هو هڪ شاهڪار مجسم طور يا ان سان لاڳاپيل ماڻهن جي عقائد ۽ وابستگيءَ جو احترام هڪ اعليٰ اخلاقي حڪمت طور هيئن به ڪري ٿو:

دل چوي ٿي ته مسجد جي عزت ٿئي
تنهن ڪري بتڪدن جي عزت ٿو ڪيان

مسجد جي عزت، مندر جي عزت، دراصل انسان جي عقائد جي عزت راشد سائين لاءِ ان ڪري به اهميت جي حامل آهي جو هو سمجهي ٿو ته:

ماڻهوءَ جي دل آهه خدا جو گهر اي سائين
ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه ڪعبا ڊاهڻ ٺيڪ ته ناهي

احترامِ آدميت جو دامن پختو جهلڻ جو درس، راشد سائين جي من اندر ۾ هڪ حقيقي صوفي منش انسان جي موجودگيءَ جو پختو دليل آهي، جيڪو هن شعر ۾ اجا به وڌيڪ واضح ٿئي ٿو.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسجد مندر اندر ٻاهر ماڻهن پيي ڳوليو
هو تہ لڪل منهنجي ئي دل جي تھہ خاني ۾ هو

دل جي لڪل تھہ خاني ۾ جهاتي پائي راشد سائين بقا جو حقيقي راز اجهو هيئن اظهاريو آهي:

مري جو عشق ۾ راشد، اهو زنده سدائين آ
مرڻ کان اڳ مري، زنده رهڻ ۾ دير ڇو ٿي آ

مري جيئڻ جو مشاهدو ماڻيندڙ شاعر موت وحيات جي اهميت ۽ حقيقت کان آشنا هوندو آهي. هو زندگيءَ جو هر پل سجايو گذاريندو آهي. راشد سائين کي هي احساس ضرور آهي تہ هو فنا تي ذات ۾ بقا ماڻڻ وارو آهي. هن ان دائمي بقا لاءِ ڏاڍو ڪم ڪيو آهي ۽ هو پنهنجي ڪم مان، عمل مان ڏاڍو مطمئن آهي.

راشدا! شل موت ٿئي مانائتو – جيئڻ حياتي آھہ گذري پُر وقار

سائين راشد جا هي اشعار سندس مطمئن زندگي ۽ پُر وقار جاکوڙ جي علامت آهن، جن ۾ هُن جي ثابت قدميءَ جا نقش چٽا نظر اچن ٿا.

نہ دم غافل رهيو آهيان، ادا راشد حياتيءَ ۾
عمر کي ائين ڪيم پنهنجي سڦل، لکندو رهيو آهيان

يا: نہ دم غافل گذاريو تم، نہ پل ڪافر رهيو آهيان
حياتيءَ جا سمورا راشدا ڪن شاهدي ڏيندا

---

يا: نہ پل غافل رهڻ پهتو، نہ ئي سستيءَ ڏنو پاسو
رُڌل ڏينهن رات رهياسين ادا راشد رياضت ۾

---

يا: زماني جا ظلم سهندي، گهڻا واٽون مٽائي ويا
پنهنجي پيرن تي پختو هان، هنيو مان ٿر تہ ناهيان ني

---

يا : حياتيءَ ۾ نہ ڪم اهڙو ڪيم جو شرمساري ٿئي
ڪنيو راشد سدائين مون سجايو پير هوندو هو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ رهنمائي حاصل ٿيندي رهندي. چوتہ هن جو هي سفر شعوري آهي، جذباتي ناهي. هي هٺ وارو مڙڻ وارو ۽ پوئتي پوڻ وارو ڪوي ڪونهي. هي مطمئن آهي، پنهنجي نظريي مان، عمل مان، اقدام مان. هن پنهنجي حصي کان گهٽ ڪم ڪيو آهي.

جيتوڻيڪ جُوڻ، آواگون، تناسخ جو نظريو عقلِ سليم کي اطمينان نٿو ڏئي، مگر سمجهڻ خاطر فرض ڪريون ٿا تہ جي ڪٽي راشد سائين (ڪيس ڏٽي وڏي ڄمار عطا ڪري) هن ظاهري فنائي حاصل ڪرڻ بعد وري جنم وٺي بہ تہ، قدرت ڪيس ڪو موقعو ڏئي بہ تہ هو پنهنجي نئين حياتي، ڀيو ڄامو ڪيئن گذاريندو!؟؟

ڇا هو پنهنجي نصب العين، دستورِ حيات، عمل ۽ اقدام ۾ ڪا تبديلي ڪندو؟ ڪو نئون رُخ، نئون رُجحان، ڪا Change ڪندو ڪنهن کي ڇڏڻ ۽ ڪنهن کي اپنائڻ ۾ ڪا نئين راهہ مُتعين ڪندو؟ پنهنجي ڪئي تي نادم ٿي، رياضت ۽ عبادت جي روايتي پيچرن تي پنڌ ڪرڻ لڳندو؟ تہ منهنجي دل ۽ دماغ يڪلخت هڪ نقطي تي متفق ٿئي ٿو تہ:

"نہ سائين نہ، هي وري بہ ائين ئي گذاريندو"

راشد سائين پنهنجي هر جنم ۾ سجڻ ۽ ساٿيهہ، سونهن ۽ سنڌ سان چاهت جو اعلان ورجائيندو. هي وري گيت غزل آلاپيندو مرده دلين ۾ محبت جو روح ڦوڪيندو تخليق جو عمل سرجيندو هي وري استاد ٿيندو وري قومي ڪم ڪندو ظلم کي ننديندو مظلوم کي آٿت ڏيندو ان جو حامي ٿيندو مُلان تي ٺٺڪار ڪندو محبت جو مذهب اختيار ڪندو انسان جي عظمت تي ويساهہ رکندو عشق ۾ پاڻ لٽائيندو ڏيندڙ ٿيندو مهمان ڪارائيندو محبت ورهائيندو عزت جو وکر وڻڊيندو آمر جي اکين ۾ اکيون ڏئي ڳالهائيندو حق گهرندو حق لاءِ لڙندو هر جبري قوت کي ننديندو مزاحمت ڪندو اهڙي تہ سماجي، سياسي ۽ رواجي قدرن جي پاسداري ڪندو جيڪي سنڌ ڌرتي جي آجپي، امن، خوشحالي ۽ خير سڳاليءَ جو ڪارڻ بنبا.

شخصيت جو اثر اُن جي شعر تي ضرور پوٽو آهي ۽ هي هڪ اهڙي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

املهہ انسان جو شعر آهي، جنهن پنهنجي هن ڪرت سان پيار ڪيو آهي، جنهن ٻوليءَ جي ڦلواڙيءَ ۾ گل ٿي گل پوکيا آهن ۽ اهڙا گل وڌايا آهن، جن جي سرهاڻ ڏيهہ پرڏيهہ ڪي واسڻ جي طاقت رکي ٿي.

اوهان هي غزل ضرور پڙهو منهنجي تمهيد کي بہ مدنظر رکو ڇوتہ مون هي ويچار انتهائي سچائيءَ سان ونڊيا آهن ۽ ان خيال سان واضح ڪيا آهن، تہ جيئن اسان جا پيش رو اسان جا همعصر ۽ اسان کان پويان ايندڙ ادب دوست، علم ادب جي راهہ جا پانڌيئڙا پنهنجي حقيقي مشاهيرن سان محبت جو پاند پختو پيڪڙي سگهن، تہ جيئن اسان هنن جي رهبري ۾ پنهنجي منزل ماڻي سگهون ۽ سنڌي ادب اقوامِ عالم ۾ پنهنجي وجود جي مڃتا ماڻي سگهي.

قدمن خاڪ، شامِ غم جو مسافر

**اصغر پني پريائي**

اسسٽنٽ پروفيسر

گورنمنٽ ڊگري ڪاليج نوشهرو فيروز

17_6_2011



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان سوچيو محبت جي بُري انجام کان اڳ ۾
هتان نڪري هليو هلجي، نمازِ شام کان اڳ ۾

هلي ساڳي هوا اخلاق سوزيءَ جي هتي آهي
جهالت هُئي جا عربن ۾ روا، اسلام کان اڳ ۾

ديارِ يار ڏي سعيو هلڻ جو آ ڪيو حاجين
ڪجي دل پاڪ پنهنجيءَ کي ٻَڌڻ احرام کان اڳ ۾

نوازش ساقيا ڪر تون! پياڪن کي پيارڻ جي
وضو رندن ڪيو آهي ادب سان، جام کان اڳ ۾

تباهيءَ جي ڪناري تي پُڄي تي قوم سا يارو!
ڪري جيڪا تي سجدن ۾ پوي يَرَ قيام کان اڳ ۾

خوابن ۾ متل محفل رهي تي روز شعرا جي
هتان سعدي اُتي ويو آهه هاڻي خيام کان اڳ ۾

مزي جي ننڊ اي "راشد" ادا ايندي سُڪون هوندو
ڪجي ڪم پنهنجي حصي جو اگر آرام کان اڳ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجي تربيت مان جي نڪتا، جاهل ڪوبہ نہ هو
سيني ڪي حق حاصل هو لا حاصل ڪوبہ نہ

خودڪش حملي آور خود ئي ذرڙا ذرڙا ٿيو
لاش ٽڙيا ۽ پکڙيا پيا ها، قاتل ڪوبہ نہ هو

اُتَ ڪتابن جا پڙهيائون، علم پرايائون
عالم پاڻ چوايائون ٿي، عامل ڪوبہ نہ هو

بند ڪيو دروازو آهي مجبوريءَ ڪان مون
دل جي دروازي مان ٽيڙو داخل ڪوبہ نہ هو

ڪاڏي ڪاهيان ها ڪشتيءَ کي خضر بہ ڪو نہ پڳو
دريا ئي دريا هو چوڌر ساحل ڪوبہ نہ هو

سياڻپ واريون ڳالهيون سياڻن سان ئي ڪجن اي يار
محفل مجنونءَ پارن جي هئي، عاقل ڪوبہ نہ هو

شهر اسان جي ۾ هر پاڙي صنم ڪده آهي
ڪنهن کي آءُ ڪيان سجدو ان قابل ڪوبہ نہ هو

تخت نشين آ ڪوڙ جتي، اُت ڪيئن ڪجي فرياد
”راشد“ پيارا حق سچ جو جت، قائل ڪوبہ نہ هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

نئين ڳالهہ پوپٽ چئي ڪيس گُلَ ۾
الائي تہ ڇا آهہ مُڪڙيءَ جي مَنَ ۾

ڏٺئين هر طرف آهہ ليليٰ جي صورت
پئي رات ڀِرين آ مجنونءَ ڪي بن ۾

ٻَسيائين جو منهنجي پريشان حالي
هوا هُن جي خوشبو کڻي آئي ڪن ۾

کڻي پاڇڪو پيرُ هاريءَ ڏي آيو
ٻہ تويا جوئر جا ڏنائينس ڏَنَ ۾

منهنجا سائين ان ڪي سنواري سگهين تو
هجي ڪاٻہ غلطي فڪر ۾ يا فَنَ ۾

عقل، هوش ”راشد“، جلي خاڪ ٿي ويا
لڳي برهہ جي باهہ اهڙي بدن ۾



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو پيار ماڻهن نماڻن سان آهي
تنهنجو واسطو وڏ گهراڻن سان آهي

ڇيو مون کي محبوب مون کان پري رهه
تنهنجو واسطو جي فلاڻن سان آهي

سلهاڙيل سندم سوچ سياڻن سان آهي
پنهنجي پرت ڪوڙن ۽ گهاڻن سان آهي

رکڻ لوئيءَ جي لڄ ايندي آ مون کي
سڏو روح رشتو اباڻن سان آهي

هينئر هن کي آرام ڪاٿي اچي تو
مُنيءَ دل کي موهيو تو ماڻن سان آهي

لڳو آ نئون نينهن "راشد" اسان کي
پنهنجي جنگ خيالن پراڻن سان آهي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄان ڪين تو وٽ اگهيون التجائون
اڄان عاشقن تان نہ گهٽيون سزائون

وياڄيءَ ڪان پئسا وٺي ونڻ ويو آ
پٽس لاءِ ڪپڙا، پٽس لئہ دوائون

هينئر شهر جا سڀ ڪتا ئي سمهي پيا
اڄان ڪيستائين ڪندؤ پيا گلائون

ٻڌائي ڇڏيو آ ڇَسن هي عقيدو
حياتيءَ جو مقصد پري پيٽ ڪائون

سلامت جي رکٽي هجي قومي غيرت
ڪهاڙين مان ڪيڄن چنيسر ۽ نائون

اسان ۾ ذري جي سهپ ڪانہ آهي
اڙي دوست، هيٺن تي هيڏيون هلائون

مڙئي تو لئہ مخصوص آهن دعائون
هجن دور توڪان هڙيئي بلائون

پٽن وينيون بمبار خودڪش ڪي پوڙهيون
پٽن ڪي سنپاري رُئن وينيون مائون

پرين پاران "راشد" چئي لکجي آئي
مڙئي معاف توکي ڪيوسين خطائون



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڏسندين ڪو ارادن ۾ ائين ساٿي اٽل ٻيو ڪو
نہ چاهيندس تہ ڪو تو ۾ ڏئي ماٺهو دخل ٻيو ڪو

صدين کان ٿو اچي هلندو اهو قانون فطرت جو
پوکيندو آهہ وڻ هڪڙو تہ کائيندو آ ڦل ٻيو ڪو

عبادت ۽ رياضت سان سُڪون حاصل ٿئي ٿو پر
حقيقت جنهن مان ٿئي حاصل اهو آهي عمل ٻيو ڪو
نہ رهندي کوٽ موتين جي، ڪڏهن راجا سندي گهر ۾
اگر ڦاڙي چڏيئي هڪڙو لکي وٺبو غزل ٻيو ڪو

جبل جا پيچرا اوکا، اٽانگي واٽ ونڊر جي
ڪري سگهندو سسئيءَ وانگي ائين پنڌڙو ڳپل ٻيو ڪو

اگر ڪُسُ ڪائجي جڳ ۾ تہ رس رهندي ادا "راشد"
اسان جي خيال ۾ ڪونهي، مسئلي جو تہ حل ٻيو ڪو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همت ڪر ويجهو آ جَرُ
چار ٻرانگھون ڪجلا سر

مَردن کي پيو سُجھندو آهه
سؤ ڪوهن تي پنهنجو گھرُ

سنڌ سپوتن سان نه ٿيو
قاضي قاضن جو ٻونيرُ

محنت، ساٿ، ونې ۽ وَرُ
پنهنجو شانُ ٻني ۽ هَرُ

ڀؤنڪڻ ڪين ڇڏيندو هيءُ
ڀھڙو آ ڀھڙي جو ڦَرُ

نائون مل جا نيٽن ٺارا
ٺر ٺر اکين آڏو ٺَرُ

”راشد“ اوکيءَ ويل ۾ بس
آهه ٻڌائيءَ جو ٿي ٻَرُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زندگيءَ مان چاهہ نڪتو تہ وڃي
چڻ تہ بُت مان ساهہ نڪتو تہ وڃي

آدميت ڪانہ آ ڪاٿي رهي
هر هنڌان ويساهہ نڪتو تہ وڃي

وياج خورن زور مسجد ڏي رکيو
سو اُتان الله نڪتو تہ وڃي

اڻ ڏٺيو پاڙي جي هڪڙي گهر منجهان
ڪير هي همراهہ نڪتو تہ وڃي

ڪا تہ مجبوري آ هاريءَ ساڻ جو
گهر منجهان بيگاهہ نڪتو تہ وڃي

محفل احباب مان اڄ اوچتو
هاءِ "راشد" شاهہ نڪتو تہ وڃي



soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندي هلندي نيٺ سفر ۾ ملنداسين
چو واٽي ڪنهن موڙ يا وَرَ ۾ ملنداسين

پل تہ وڇوڙي ڪان ڪيڏهن تون پنڌ پوين
ڪاڇي، لاڙ اتر يا ٿر ۾ ملنداسين

ڀهڪي پوندو ديس جُهد جي خوشبوءِ سان
پوڙهيت جڏهين شَلِ پڳهر ۾ ملنداسين

شهر نيڪاليءَ وارا ڏينهن ختم ٿي ويا
هاڻي تو سان تنهنجي گهر ۾ ملنداسين

پل تہ ڪراچيءَ ۾ پيو ڪاروبار ڪرين
موٽي آخر موري شهر ۾ ملنداسين

لاش پنهنجي ڪي منهنجي پير ۾ رڪرائج
جيئري جي نہ تہ پوءِ قبر ۾ ملنداسين

پابندين کي ٽوڙي "راشد" يار اسان
راڄن سمهون هاڻ پڌر ۾ ملنداسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خلق خواري، لوڪ ملامت، ماڻهن مهڻا، طعنا
سي سڀ تنهنجي سر جي خاطر، سمجهيم ڳهڻا، ڳانا

ڪجلين اکين پنهنجن تي رک، ڪارو چشمو چاڙهي
پنهنجي پاڙي رهندا آهن، ماڻهو ڪار زبانا

قدرت ڪي منظور الائي ڇا هئي جو تي دير آ
سوچيان ويٺو تو وٽ جلدي پهچڻ لاءِ بهانا

آئون ڪير جو تنهنجي رِٽ مان نُقص ڪيان ويهي
تنهنجي ڳالهه برابر سائين، سچ آ سورنهن آنا

پڙَ ۾ پاهڻ مضبوطيءَ سان هر حالت ۾ هوندو
واءَ اڏائي ويندو پَٽَ تان هڙئي ڳڪَ ۽ ڪانا

اوطاقون ته اميرن واريون بند ٿيون هن ليڪن
قائم "راشد" رهڻا آهن مردن جا مئخانا



soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نڪو فڪر آهي نڪو آهه ڪو فن
انهيءَ شاعريءَ ڏي ڏِئي ڪير چو ڳن

نه ڇاهن ڪي مرليءَ جي آواز موهيو
کهاڙيءَ ۾ ساڳيو اوهان جو ته آ ڳن

ڳڏا ٿورا ڪرها، خبر پئجي ويندءِ
اگر زهر ول جو چريو آهه تو ڦڻُ

ڏهاڙو ٿتلُ آ ۽ پنڌ پڻ ڳپل آ
ڀپر ڇانوَ ۾ ويهه، ساٿي گهڙي ڪن

دُعا آ صحت ربُ سلامت رکيئي
مکڻ گهه گهڻو ۽ هجئي جام گهر آنُ

پرينءَ جو هجي ساٿ جيڪر اسان سان
نه پرواهه هونديءِ هُجي شهر يا بَنُ

ازل کان هي جهيڙو ڏسي پئي ٿي دنيا
اهو ئي آ "راشد"، اهو ئي اهرمن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪ سهڻا آهن، پيو تہ ڪري سينگار بہ چاڻن ٿا
هر وقت هلائي ديدن جا هٿيار بہ چاڻن ٿا

ڪنهن بہ نئين شيءِ جي مون کي فرمائش ڪونہ ٿا ڪن
منهنجي مجبوريءَ کي منهنجا يار بہ چاڻن ٿا

راڄ پڏي ڪن، علم پرائن، جِهل مان جان ڇُٽين
سرداري ڪيئن ملندي سو سردار بہ چاڻن ٿا

ڇو نہ وڃن هر سال مديني جن کي آهہ نفعو
حج جي احڪامن سان گڏ واپار بہ چاڻن ٿا

ڪنهن ڪنهن هٿ رتائڻ جي لئہ تياري آهہ ڪئي
عشق گلن سان ڪنهن ڪنهن جو آ خار بہ چاڻن ٿا

"راشد" جهڙن ليکارين کي ليکا ڪين پڏاءِ
سچ جي آهہ سزا ڇا سرجڻهار بہ چاڻن ٿا

ڪم نڪتو ۽ واڍو وسريو هرڪو پنهنجي مُنهن
پڙوت جي ڇا قيمت آ، پوتار بہ چاڻن ٿا

"راشد" ۽ استاد بخاريءَ جو هڪ ٻئي سان ساٿ
موري جا ۽ دادوءَ جا دلدار بہ چاڻن ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڍنڍ تي سج لهي ٿو پيو
پاڻي رنگ مٽي ٿو پيو

اندر پٽي تي باھ ٻري
ٻاھر مينهن وسي ٿو پيو

گڏ ٿيا جو مِصري ماٺو
ڪيڏو ڏاڍو ڏکي ٿو پيو

ٻُڌجي ٿو آواز پري
ڪنهن کي ڪوتہ سڏي ٿو پيو

بندوقن جي گهيري ۾
پوءِ بہ نينهن نچي ٿو پيو

هيڪل وياڳل منهنجو من
ڪيڏو سيءُ پوي ٿو پيو

هُو جو ويو پرديس پرين
ڏاڍو ياد اچي ٿو پيو

"راشد" سچ سوڀارو ٿيو
ڪوڙ جو ڌوھ ڌهي ٿو پيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ياڳ وارن جا ٿين ٿا يادگار
زندگي ۽ موت هيئي شاندار

ڪانڌ جو سِرُ جي نہ ٿئي گر تان نثار
آءُ سرتين ۾ ٿيان ها شرمسار

عارضي آهن خزان جا چار ڏينهن
غم نہ ڪر جو نيٺ اچڻو آ بهار

وقت اوکو پاڻ تي آهي پيو
شال پت پنهنجي رکي پروردگار

سر امانت آهہ سا واپس ڪبي
ديد جي شهدا ۾ شل ٿيندس شمار

ٽر ۾ جهڙوڪر اُهي جاڙيون پٽون
چا تہ آهي تنهن جي چاتيءَ جو اُبار

بي ضميرن وياج خورن کان سواءِ
ڪير چاهيندو هجي ٽرَ ۾ ڏُڪار

"راشدا!" شل موت ٿئي مانائتو
جيئڻ حياتي آهہ گذري پُر وقار



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر روز ڏسڻ لاءِ نظارا نئا ملن
هڪوار ملن ٿا تہ دوبارا نئا ملن

درياهہ تار آهہ ڪنارا نئا ملن
ٻڏندن کي ڪکن جا بہ سهارا نئا ملن

کهڙو وريو آ واءُ دنيا چا تہ ٿي ويئي
مان خيرپور ۾ پوءِ بہ ڇُهارا نئا ملن

جي سات ۾ اوهان جي گذاريا مون ڏوليا
موٽي سبي وري ڏينهن پيارا نئا ملن

ڪنهن وقت سوين نوٽ کٽي ٿي ڏنا اسان
ريپيا بہ چار هاڻ اُڌارا نئا ملن

ميلاپ پرينءَ ساڻ جو "راشد" نئو ٿئي
شايد اسان ڀنهي جا ستارا نئا ملن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سوين مئسيج پهتا هن، جنم ڏڻ جي حوالي سان
مگر افسوس جو ڪو هڪ به ناهي تنهنجي نالي سان

وڏي اُميد هئي تنهنجي اچڻ جي اهلِ محفل کي
ختم تقريب ٿي وئي آهه هاڻي هو جمالي سان

اسان جي سادگيءَ مان ٿي نفعو ورتائون ناجائز
وفاداري ڪئي آ ڪانه ڪنهن عاشق اپالي سان

سيئي فرهاد يا مجنون ٿين، سو ڪونه آ ممڪن
عياشن جو پلا آهي به ڪهڙو ڪم ڪشالي سان

اسان جي دل ته گهائي آهي تنهنجي گفتگو پيارا
ٿيا گهايل اسان آهيون نه نيزي سان نه ڀالي سان

هئو جيڪي به ٿيڻو ٿي ويو پڇتاءَ لا حاصل
وئي دلڙي اڙي آ يار "راشد" بي خيالي سان



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي پنهنجي جنم ڀومي
وڏيو احساس محرومي

ڪري ٿو ماءُ تي ڇٽرون
نشي ۾ نوجوان جُهومي

رکج ايمانُ خدمت ۾
تڏج بيڪار مخدومي

چوي ٿو مان بہ عالم هان
پڙهي تاريخ معصومي

سهون نا سمجھ جي پيا ٿا
اڃان تنقيد مذمومي

اڃن ٿا رات جو ”راشد“
ڪڏهن جامي ڪڏهن رومي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هتي بي ادب جا لهن خوب چوڏا
ادب جي جڳھ آ ڀيجي ويھ گوڏا

هنئي هام سِرَ ڏيڻ جي سين ليڪن
مصيبت جي ويلي تہ آيا نہ اوڏا

برابر لُڏي ٿي مگر ڪانہ ٻُڏندي
اها سچ جي ٻيڙي سهي پئي ٿي لوڏا

پنهنجي پِرِ ۾ پيو چرس عرشين اڏن ٿا
نہ ڪنهن جي ٻُڌن ٿا موالي هي روڏا

ڊِجان ٿو خدا سان قسم سان ڊِجان ٿو
وڏيري جا جڏهين ڏسان ٿو مان دوڏا

سَسئي سيگھ ۾ هَل همت ڪر اُٿي پَوُ
اڃان جُوءِ ۾ پيا تنوارين توڏا

سفر آھ صحرا جو ساهي ڪٽين ها
ڪجين ڏي آ "راشد" ٻئي ڪاءِ ڏوڏا



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان وٽ اسان لئہ عذابن جو ڍڳ
عطا ٿيو اوهان کان عتابن جو ڍڳ

حياتيءَ ۾ هڪُ گُل نہ تحفو ڏنئي
قبر تي رکيو تي گلابن جو ڍڳ

سيئي نانءَ هُن جي ڪري مان چڏيان
هجي ها جي مون وٽ ثوابن جو ڍڳ

حيات آهہ برسات ۾ بلبلا
ٿيھي ۽ ڍهي ٿو حبابن جو ڍڳ

هنن سوال هڪڙو ڪيو هو مون کان
ڪيو پيش مون آ جوابن جو ڍڳ

محبت تي لکٽو مقالو اتم
اڳيان آهہ منهنجي ڪتابن جو ڍڳ

رڙي پيو ٿو تعبير جي واسطي
اسان جو صدين کان خوابن جو ڍڳ

الا ڪاش "راشد" سان خوش تي ڪلين
هٽائي ڇڏين هي حجابن جو ڍڳ



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي نہ وٽي ٿي صورت، تو سان جيءَ جڙئي ڪان پوءِ
بيوس آهي دل ويچاري، انگ اڙئي ڪان پوءِ

هرڪو پنهنجو گهرُ ٿو ساري، واهيري جي وير
ياد اوهان جي زور وٺي ٿي، سڄَ لڙئي ڪان پوءِ

پاڏين جي ڇا پارت، نڪتو مينهن مان ميهارُ
کهڙو رهندو هوش ڀلا، گهرَ مان بہ تڙئي ڪان پوءِ

ڳوڙها ڳاڙي رکيا آهن، اندر جي اوتار
ڪيئن ڪوراز لڪائي سگهبو لڙڪ لڙئي ڪان پوءِ

پيٽ ٻُڪئي جو ڪونہ ٿو پرجي، ڪَسِ هن ڪان بندوق
مورَ جي پويان آهي ماري، ڊيل ڊڙئي ڪان پوءِ

ماٺ منجهان تہ نہ مطلب سريو ڇَپ ڪُليا چوڌار
راڄُ اچي گڏ ٿيو آ "راشد" يار رڙئي ڪان پوءِ



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُور واري شڪايت آ هر سَنڌ جي
هاڻ شڪتي رهي ناهہ ڪا پنڌ جي

هڪ دفعو آءُ تنهنجي وئي ڪان پرين!
حالتِ غير ڏسُ دل جي آڱنڌ جي

قول سڀ چو وساري ڇڏيئي بيوفا
ڪجهہ تہ لڄ رک سنڌڙيءَ جي سوڳنڌ جي

بارُ ڪيڏو هِجر جو ڪٽايئي ڪٽي
رحم جوڳي آ حالت ٻٽي ڪنڌ جي

جت اچي تو اي "راشد"، سمهي تو رهان
هاڻ حاجت رهي ناهہ ڪا هنڌ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويڙهاند پيو ڪيان ٿو هر درد، غم، دقت سان
لعنت ضمير تي آ، جي ناهه ٿئي ذلت سان

سو ٿي سياڻو آهي، ٿوريون شيون جو طلبي
ڪريان پيو قناعت جيئن منهن ڏجي قلت سان

فنڪار پاڻ کي پيو سمجهين اڙي اناڙيا
نڪريو وڃين ٿو لئه ڪان، پورو ته پؤ وڃت سان

ماضيءَ جيان نه رکجان، عاشق ۾ اڄ اميدون
سو وقت ناهه جڏهين هو نو بنو صحت سان

محبت آ چيز مٺڙي، ڪلفت جو ذائقو رد
منهنجي مناڻ سان دل، پنهنجي نه پئي ڦڪت سان

ليڪو چون ٿا چوکو چوکي پريت آهي
ٿهندو سماج ۾ آ هر فرد ڪارپت سان

جاتي رهايو جانيءَ، تاتي قدم جمي ويا
"راشد" جسم ٿهي ويو تائي توڙي اُتت سان



soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجن خوش هميشہ پرين پاڻ وارا
گهٽي پيار وارا، گهٽي چاڻ وارا

امن شانتيءَ سان گذاريوسين گڏجي
ويا ڏينهن گذري سي ڪلياڻ وارا

نہ ڏينديون تڏهن پيي دعائون ڪنداسين
نہ آهيون اسان يار چڪتاڻ وارا

هُئي مست جي ڳالھ يا اڳڪتي هئي
چيل گفتا ڪر ياد چرياڻ وارا

پچين تو تہ توکي زخم چا جا آهن
اهي گهاءَ آهن تنهنجي ٻاڻ وارا

قبر ۾ بہ ٽُڪرا ڪٽي ساڻ وڃجن
اوهان جي پُراڻي تہ پهراڻ وارا

زميندار سيٺيون، ٻٽي ويا شڪر آ
وتيندڙ اهي پيش جي واڻ وارا

زماني جا "راشد" عجب رنگ آهن
ڏٺڙ "خانُ" ڪائي پيو چاڻ وارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

در دلبر تي وينو رهجان، چرياڻا! ڇُرڻ جي ڳالهہ نہ ڪر
پل ايندڙ ويندڙ پيرَ ڏين، زخمن جي ڇُهرڻ جي ڳالهہ نہ ڪر

جي منهنجي دل تي چٽ چٽيئي، سي گهاوَ گهڻو سهڻا تا لڳن
ڪنهن ہي جي چاتيءَ تي، پنهنجي تون چاپ ڇُرڻ جي ڳالهہ نہ ڪر

هن ڪمپيوٽر جي دور ۾ تون، وهمن ۾ وڪوڙيل ڇو آهين؟
هو چا بہ پيا ڪن ڏيان نہ ڏي، ڇيٽن جي پُرڻ جي ڳالهہ نہ ڪر

محنت ۽ مزوريءَ مان جيڪو حاصل ٿو ٿئي سو افضل آ
ڪنهن جي بہ اڳيان تون سوال نہ ڪر، ڪنهن کان بہ گهرڻ جي ڳالهہ نہ ڪر

تڪليف سهڻ جو عادي ٿي، آزارُ ٻين کي ڪين ڏجي
ٻک مرڻ انهيءَ کان بهتر آ، ڦورو ٿي ڦرڻ جي ڳالهہ نہ ڪر

ڪنهن ڪارَ زباني ماٺهوءَ کان، ڪا دانهن متان پَرَ نڪري وڃي
محبوب پنهنجي جي اي "راشد!" گلڙن ۾ ٺُرڻ جي ڳالهہ نہ ڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

ڦرجڻ بعد بہ ڪنهن ڪنهن وٽ ڪجھ اهلِ ستم! رهجيو ٿو وڃي
ڪجھ اک ۾ شرم رهجيو ٿو وڃي، ڪجھ دل ۾ غم رهجيو ٿو وڃي

ڳئين ڪوڙا بنجي ڳتجي ويا، حق راهہ ۾ پنتي رهجي ويا
صد شڪر جو پنهنجي ئي يارن لفظن جو ڀرم رهجيو ٿو وڃي

اڌ رات جو سهڻيءَ خواب ڏٺو درياهہ ۾ ڏاڍي دهشت آ
ميهار مگر ترڻو ٿو وڃي ۽ ڪوڙهيو ڏم رهجيو ٿو وڃي

ياڪمپازيٽر ڪوڙو آ يا ايڊيٽر ئي دشمن آ
هي ٽيون ڀيرو آ ڇيڇڻ کان ڇو منهنجو نظم رهجيو ٿو وڃي

سيني تي سخا جو در ٿو کُلي، هر ڪنهن کي حصو هر بار ملي
ڇو رئيس اوهان کان هر ڀيري پاڙي جو حجم رهجيو ٿو وڃي

هارين جي حقن لئہ ليکارين، هر دؤر ۾ آ ڀرپور لکيو
هن ڊوڙ ۾ "راشد" يار سنڌءِ ڇو پنتي قلم رهجيو ٿو وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چڱو ٿيو جو ٿهي وياسين، اڳي ئي پوءِ ٿهڻو هو
عمر ڀر ڪونہ ڏرين ڪي ائين ناراض رهڻو هو

شُڪر آهي مدت کان پوءِ، اچي واپس مليو مون کي
ڦري ڦورو ويا ها جو ڳچيءَ منهنجيءَ جو ڳهڻو هو

زماني نفرتن جي پٽ ڪري اونچي بيهاري هئي
اسان جي ئي هٿان ديوار ان کي نيٺ ڍهڻو هو

گهٽيءَ مان هيا پئي گذريا تہ بس خاموش ويٺو هو
اُتي پونڪڻ شروع ٿي ويو ڪُتي کي مون تي ٻهڻو هو

اچي آرام ۾ رُخنو وڌو آ اجنبي ماڻهن
انهن بي سُرن جو مون سان نہ ليکو هو نہ لهڻو هو

اول کان ئي مون کي معلوم هو انجام محبت جو
اوهان کان درد ملڻو هو اسان کي سور سهڻو هو

الائي ڇا منجهان ڇا ڇئي وئين جذبات ۾ "راشد"
ڪري ظاهر ڇڏيو تو يار جيڪو راز رهڻو هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پئي ڳالهہ هوندي، اوهان جي بہ ڪَنَ تي
ڪئي خودڪشي مون، وڏي مونجهہ مَنَ تي

مليو چين دل کي، تڏهن نانءُ تنهنجو
لکيم يار هرهڪ پپر جي تہ پَنَ تي

اچي ويو. آ اهڙو عجب وقت اوکو
وڪيو آهہ ايمانُ انسان اَنَ تي

ابي کي آ ڪيسن جي جانچڻ جي عادت
چڙي تنهن جي تصوير اُڇلي مون ڇَنَ تي

اهو ٻارڙو پيو ٿو سرديءَ ۾ ٺرڪي
نہ پيرن ۾ جوتو نہ ڪپڙو آ تَنَ تي

ٻڌون ٿا تہ مجنون مري ڪالهہ ويو آ
اسان جي چڙهائي سياٽي آ ٻَنَ تي

ويو آهہ قاتل ڪان ڏوهڻ ۾ رهجي
لڳل رت آ ٿورو ڪهاڙيءَ جي ڳَنَ تي

قبر ڏي ڪٽي ڪوبہ پئسو نہ ويندو
اجايو ٿيا مست ڏنوان ڏَنَ تي

ڄُتي پياسين ٻيهر وري ڪونہ ايندو
ٿيو پيرُ ناراض آ ٿوري ڏَنَ تي

شروع ٿئي ٿي سنگت جي ويهڪ اپياسي
ڪيو خوب تنقيد "راشد" جي فن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تيو مهمان اڄ مون وٽ مهانڊو شاعريءَ جهڙو
مليو مس مس تہ موقعو آهہ خدمت چاڪريءَ جهڙو

ڪُسڻ جي لاءِ جيڪي تيار آهن، نانءُ لکرائن
ڪنيون جلاد هٿ ۾ آ رجسٽر حاضريءَ جهڙو

جُهڙالي ڏينهن ڪي ڏي مانُ، ڪجهہ ڪوسا گرهہ کائي
رڏيو آهيم اي پيارا، مِنو پَت طاهريءَ جهڙو

ڳِئونءَ ڪي سير مندر جي اڳيان وجهہ ڪين اي سادا!
وري واقعو نہ ٿئي پيهر ڪو مسجد بابريءَ جهڙو

ڇيو ويساهہ ۾ ورتل مريدن ڪالهہ ٿي هِنَ پِرِ
سڄي دنيا ۾ ڪونهي پيرُ، مرشد ڏاڪريءَ جهڙو

غريبن جا قبائي مال، قانڻ ڪي اڇي پهتو
وڏيرا پيٽ تنهنجو ٿي ويو آ آڦريءَ جهڙو

مليو اتساهہ آ دل کي، پڙهي ايمان پختو ٿيو
مليو محبوب ڪان آهيم خطڙو خاطريءَ جهڙو

هينئر انڪار "راشد" پيار ڪان ڪهڙو ڪري سگهبو
ثبوت آهي مليو ويو ڪين منهنجي ڊائريءَ جهڙو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏارين جو ڏوهه ڪهڙو پنهنجا چيو نٿا ڪن
افسوس آهه جيڏا سرتا چيو نٿا ڪن

ٿاٽي تي دوست دلبر، بدلي ٿي آهه پهتو
ڏسئون تہ راج وارا ڪهڙا چيو نٿا ڪن

جيسين نٿا وٺن هڪ ربيو چيو نٿا ڪن
پوڙهي جو پاڙي وارا چورا چيو نٿا ڪن

ڏُهتا مڃن نٿا پيا، پوٽا چيو نٿا ڪن
ڪمزور جا تہ پنهنجا عضوا چيو نٿا ڪن

پئسو هئو تہ اڳيان پٺيان وتيا ٿي ڦرندا
آهي سُڃائي هاڻي پڙوا چيو نٿا ڪن

بيني جا سَوَ سلامي، ڪرئي جو ڪير ڪونهي
مفلس جو هاڻ ماما چاچا چيو نٿا ڪن

مسڪين ها مڃن پيا، هاڻي ٿيا تونگر
مليا اٿن جڏهن کان عهدا چيو نٿا ڪن

يڪ رنگ ٿي دنيا ۾، ”راشد“ رهڻ ڏکيو آ
ڏهہ رنگ تا متائن ساندا چيو نٿا ڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جذبات ۾ گهر ۾ گهاٽ چڙي، ڪي پنهل پنيان نڪري تيون پون
پَرَ عشق جو پنڌ اٽانگو آ، سرتيون تہ سگهو ورچي تيون پون

لاحد ۾ وڃڻ جو خيال چڙي، بهتر آ تہ هرڪو حد ۾ رهي
لاحد ۾ وڃڻ کان پوءِ ڏسون تا متيون موڳيون تي تيون پون

هن نينهن کي نيڻن چا سمجهيو؟ آ اکڙين ڪيڏو عذاب وتو
پائن تيون روڳ عمر ڀر جو پل ڪن لئہ رڳو پريي تيون پون

چا صورت آ چا سيرت آ، چا ڏاتر هن کي ذات ڏني
هو محفل منجهہ اچي ٿو تا سڀ شڪليون ئي نڪري تيون پون

هي ڏرتي سنڌ نہ تيٽي آ، ڪي مرد قلندر پيا آهن
اي "راشد!" جن جي فيض نظر سان، مرده دليون جي تيون پون



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونئن ڪونہ ملهايان ها، پنهنجي ڏينهن ڄمڻ جو
پر هيل ڪيو آهہ تو انجام اچڻ جو

جنهن ڪي بہ ڏسون ٿا اهو شائق آ مرڻ جو
ڪنهن کي بہ ڏسون ڪونہ ٿا هت شوق جيئڻ جو

هن ڏينهن تي اڄ نينهن ڪي نئين سر وري جياريون
هي ڏينهن آهي نينهن جي تجديد ڪرڻ جو

مس مس تہ مليو موقعو مون کي آهہ ڳچڻ جو
جي ڪين ٻُڌو ٿا تہ پو مطلب ڇا پڇڻ جو

مون دل ۾ ارادو ڪيو محفل مان اُٿڻ جو
محبوب اشارو آ ڪيو پيگ پيئڻ جو

پرچايو مون کي آ اچي، دلبر جي عزيزن
ڪنهن تي تہ اثر آ ٿيو "راشد" جي رئڻ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون کي توکان ڪندا ڪيئن ڌار ماڻهو
پلي ڪيڏا هجن هوشيار ماڻهو

پراڻي دور کان رهندا اچون ٿا
اسان تنهنجا ئي تعبيدار ماڻهو

اُهي ئي معتبر آهن اسان لئه
توهان جا جي به تعلق دار ماڻهو

ڏسي ظاهر لڳائن ٿا اندازا
علم قيافه جا ڄاڻتهار ماڻهو

جڻ ته هيرن کي ٿا وِنڌين ويٺا
سنڌي ٻوليءَ سندا وينجهار ماڻهو

اُنهن پُلجي وڃي ڪنهن ٻئي کي ماريو
مُڪا جيڪي هيا پوتار ماڻهو

وجهن ٿا هار ڳل ۾ اوڻتن کي
ويا وسري اٿن حقدار ماڻهو

ڦري ڪشتو فقيرن جو تو خالي
مري ويا مُلڪ جا ڏاتار ماڻهو

ڀٽائيءَ جي اها درگاهه آهي
جُهڪن جاتي ڪلنگي دار ماڻهو

قدردانيءَ جي ناني ئي مري وئي
ته چو تخليق ڪن شهڪار ماڻهو

حسن جي شان ۾ "راشد" لکن ٿا
اسان جهڙا ڪئين ڏاتيار ماڻهو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان کي اي پرين پيارا! پُڄڻ ۾ دير ڇو ٿي آ؟
اسان جي بخت کي واپس ورڻ ۾ دير ڇو ٿي آ؟

پُڇن ٿا سِڄ جا ڪرڻا، ڇَوَنِ ڇُون ڇُون ڪري ڇِڙيون
نسل نئين کي مٺي ننڊ مان اُٿڻ ۾ دير ڇو ٿي آ؟

نہ جي ڪم وقت تي ٿيندو، فصل بهتر بہ ڪيئن لهندو
پڇو هاريءَ کان هن کي ٻِجَ ڇٽڻ ۾ دير ڇو ٿي آ؟

سڄو ماحول ڏانوان ڏول آفس جو لڳو پيو آ
خبر ناهي تہ صاحب کي اچڻ ۾ دير ڇو ٿي آ؟

نهي هِڪُ ڪين ٿين ٿيون پارٽيون، پو ٿو ڇوي هر ڪو
مقدر ديس جو آخر نهڻ ۾ دير ڇو ٿي آ؟

مُڪي خط جي وراڻي کانہ آهي تو الائي ڇو
خدارا ڏَس تہ توکي خط لکڻ ۾ دير ڇو ٿي آ؟

مري جو عشق ۾ ”راشد“ اهو زنده سدائين آ
مرڻ کان اڳ مري، زنده رهڻ ۾ دير ڇو ٿي آ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سدائين ڊائريءَ ۾ هر عمل لکندو رهيو آهيان
ڪٿي ڪيڏو بہ هوندو هان ٽڪل لکندو رهيو آهيان

مون ڪي روڪي لکڻ کان ڪانہ ٿي حالت جي سنگيني
نہ ايندو آهہ اڪرن تي اجل لکندو رهيو آهيان

سچڻ جي سونهن تي ڪيئي قصيدا مون لکيا آهن
پرينءَ جي پيار ۾ پيارو غزل لکندو رهيو آهيان

سماجي مسئلن کي شاعريءَ ۾ مون ڪيو ظاهر
مسائل جو بہ ڪهڙو آهہ حل لکندو رهيو آهيان

ڪيو جنهن جنهن منهنجي دل ۾ دخل لکندو رهيو آهيان
محبت جو ڏنو جنهن جنهن بہ ٻل لکندو رهيو آهيان

نہ سمجهان سونُ ٽرامي کي نہ چوندس جست کي چاندي
پتل کي مان اصل کان ئي پتل لکندو رهيو آهيان

مسافر قلم جو ڪاتي ڪٿي ساهي نٿو ويهي
هجي ڪيڏو بہ ڏيهاڙو تتل لکندو رهيو آهيان

مون کان ٿي تو سگهي تورو گهٽو رهجي ويو هوندو
ٿيو جيڪي بہ آهي سو ڳپل لکندو رهيو آهيان

نہ جيڪو ڪنهن بہ ڪم جو آ، اُچلجي ٻير تي اُن کي
وڏيري کي سدا جوتو چنل لکندو رهيو آهيان

نہ دم غافل رهيو آهيان ادا "راشد" حياتيءَ ۾
عُمر کي ائين ڪيم پنهنجي سڦل، لکندو رهيو آهيان



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا جي سامهون جيڪي جلايا مون ڏيا هوندا
اُهي روشن رهيا هوندا، وسامي چو ويا هوندا

ختم خوشبوءِ ناهي تي، اسان جي ڪيت مان سائين!
اوهان جي واس ڪيئي ڳوٺ، واقعي واسيا هوندا

اثر محبت جو ٿيندو آ، اوس هت پڻ ٿيو هوندو
انهن ڏاڳيل انبن سڀ ٽوڪرا ئي ڏاڳيا هوندا

اسان هُون انقلابي آهه پنڪي ڏاهه جو پيرڊ
الائي ڪير توکي "پير جي" پيرين پيا هوندا

وڙهن ٻَچَ تي اوهان جي ۽ اوهان جا ٻولڙيا ٻنجن
ٻُليو پوتار آن شايد، اُهي ماٺهو پيا هوندا

ڇڏي سر ساهه جو سانگو ڳُڏي مَچَ ۾ پون ڪاهي
تني کي پڙ نڪو پولو جني سر واريا هوندا

اسان جيئڻ جيارڻ جو ڏنو پيغام جو "راشدا"
هوائن ديس ۾ پرديس ڏي نياپا نيا هوندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ تو کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏي آ لاڙو
نتي پڪ تيئي تا، پُڇي ڏسج پاڙو

الائي تہ ڪهڙي طرح دل کٽي وئين
نہ چوري نہ زوري نہ ڦُر ۽ نہ ڌاڙو

اميد آهہ تحفو کٽي مان بہ ايندس
اتم ياد تنهنجي جنم جو ڏهاڙو

ستمگر ستائين سقيمن کي ڇو تو
رڳو ڇو وٺئي تو پيو روج راڙو

مٺا! تون مٺو تي، مٺا ٻول ٻولج
نہ ڪنهن سان پيارا، ڪڏهن ٻول ٻاڙو

پرين کان پو ويهي هتي ڇا ڪنداسين
هينئر هن شهر سان اسان جو ڪُڇاڙو

اهو ڏوهہ غدار جي دائيءَ جو آ
ڇڏي نَڪُ هن جو وڏيائين ڇو ناڙو

تنهن جي سِڪَ سنيالي رکي آهہ "راشد"
هئو جوان ڪلھ تائين، اڄ آ ڪُراڙو



soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وساريل ياد کي تازو ڪرڻ جو خيال ڪيئن آيئي؟
پرين! ورهين کان پو واپس ورڻ جو خيال ڪيئن آيئي؟

عُمر بي رنگ بڻجي وئي هئي، تنهنجي وڃڻ کان پوءِ
حياتيءَ ۾ منهنجي رنگن ڀرڻ جو خيال ڪيئن آيئي؟

ڏسي توکي خوشيءَ جا لڙڪ نيڻن ۾ اچي ويا هن
منهنجي اکڙين جي ڍنڍن ۾ ترڻ جو خيال ڪيئن آيئي؟

ٻُخاريل بدن کي ياڪر ۾ تو قابو ڪيو آهي
ٻريل هن جان سان گڏجي ٻرڻ جو خيال ڪيئن آيئي؟

انهيءَ ڪم فهم کان پڇجي، اديبن جي ڪچهريءَ ۾
ائين بيواجبي ڏاري ڏرڻ جو خيال ڪيئن آيئي؟

حسن جا شاهہ ”راشد“ سوال ٿو هڪڙو پڇي توکان
ڏکاريل تي ڏيان ٻيهر ڏرڻ جو خيال ڪيئن آيئي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تڪراءَ تئي ڏاڙيلن سان، تڪرار جي جرئت ڪيئن ڪجي؟
هت هيسيل هيڻن ماڻهن سان، سهڪار جي جرئت ڪيئن ڪجي؟

جي قرب گهري ٿو قرباني، پو نينهن ڪري ڪيئن ناداني
جت پرت تي آهي پابندي، اُت پيار جي جرئت ڪيئن ڪجي؟

ڊپ داخل آهي هر دل ۾، اڄ محبت ڪوٺيو مقتل ۾
سر ڏيڻ بہ سترو ڪونهي، پر انڪار جي جرئت ڪيئن ڪجي؟

شهرت بہ مٺي، عزت بہ سُٺي، ذلت ڪي مٿو ٻيَرَ ڪير ڏئي
خواريءَ ڪي ڪٺي سر عشق سندي اظهار جي جرئت ڪيئن ڪجي؟

آ عشق سچو جنهن جو سو اچي، سر پنهنجو اڏيءَ تي پاڻ رکي
هو ڪات ڪٺي هٿ ۾ بيٺو اقرار جي جرئت ڪيئن ڪجي؟

جت قائم راءِ قدامت جي، گنجائش ناهہ نواڻ سندي
جدت جي "راشد" يار ذڪر اذڪار جي جرئت ڪيئن ڪجي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چشمن ۾ يار تنهنجي، چقمق اڳي نہ هو
اڄ جو جُڙي پيو سو تعلق اڳي نہ هو

سرخو سنجاف، مشڪي، بور ۽ ڪُميت مڪڙو
سواريءَ ۾ پر اسان جي ابلق اڳي نہ هو

ڪنهن ڪان پرين الائي جادوگري سِکي تو
ڪنهن ڪي بڻايو هيئن تو احمق اڳي نہ هو

صدين ڪان سور سهندي، ڳهندي پئي اچي تي
اڄ جهڙو پو بہ سنڌ ۾ ناحق اڳي نہ هو

هاڻي سڄاڳ آهيان، ”راشد“ چئي بہ ونبو
گهريو اوهان ڪان ظالم، مون حق اڳي نہ هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪوڙ ڪي سچ جو ليپو ڏئي
ڪيڏي آهہ ٺڳي تو ڪئي

جهنم ۾ ويٺا آهن
رشوت ڏيندڙ وٺندڙ ٻئي

سَچَ جي پيرن تي هٿ رک
ڪوڙ جي منهن تي مَل تون ٽئي

ڪوڙي تي لعنت رب جي
اهڙي ڳالهہ قرآن بہ ڪئي

هاٺي چو پڇتاءُ ڪجي
سچ اسان ويناسون چئي

سچ وارن جي سُنگ ۾ ويهہ
ڏس تہ نہ ڪيئن تي دل وندرئي

سچ تہ بيٺو نچ پرين!
ڪوڙ جي منهن ۾ "راشد" رَئي



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي دنيا سان ته ڪانه سَلبي
اوهان پڇو ٿا نه ڳالهه آلبي

جهانَ جهاڳي ڪيو مون حاصل
پرينءَ جي پاڙي سُڪون قلبي

هزار حيلا هلائي جڳ پر
اوهان ڪان دلڙي ته ڪانه پَلبي

مدامي محبت جو طالبو هان
دنيا ۽ دولت ڪڏهن نه طلبي

جتي به ڏسبو امن جو ويري
انهيءَ جي منهن تي ته دانگي ملبي

پوي جهين مان امن ۾ رُخنو
ڪڏهن نه اهڙي ڪا چال چلبي

انهيءَ ڪان ”راشد“ عدل نه ٿيندو
جڏهن به ڪا ڏُر ريا سان رلبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سڙيا ٿي، ڪنڌ ۾ ڪنڊا، گلن ڪي باهه ڇو ورتو
ڪڇيوسين ڪجهه نه پو ڪنهن جي ٻُجن ڪي باهه ڇو ورتو

غريبي ڏوهه ڪونهي ڪو مون ڪان، ڇو ٿي پڇي آخر
دنيا ڪوڏيءَ جي اي يارو، ڪُرن ڪي باهه ڇو ورتو

رياڪاريءَ جا ڪن ٿا فيصلا پو ٿا چڙن مون سان
هٿا جي معتبر سڏبا، انهن ڪي باهه ڇو ورتو

هتي پورهيي ۾ هي پورا، وڏيرن ڪي هُتي ڪاوڙ
هنن آخر ڪيو ڇا هي، هُنن ڪي باهه ڇو ورتو

ڪلڻ ڪنهن جو خواري ۽ رئڻ ڪنهن جو ٿيو راحت
ٻُڌي آلاپ منهنجا بي سُرن ڪي باهه ڇو ورتو

اسان صوفي صفا "راشد" اسان ڪنهن جو بگاڙيو ڇا؟
فقيرن ڪي ڏسي رمندو ڪُتن ڪي باهه ڇو ورتو



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوداءُ تنهنجو منهنجي سر ۾ سمائجي ويو
مون کان وجود منهنجو واقعي وڃائجي ويو

تاروءُ ڏنو سهارو پهچان، ها پار ليڪن
جڏ سير ۾ پُگاسين، هٿڙو ڇڏائجي ويو

هاڻي ڪٿي اي ڍوليا! تو ساڻ ڇو ملان مان
جاتي هُيئي رهائش، سو ڳوٺ پائجي ويو

مومل جو مَن او سوڍا، ساري پيو سنجهي مان
جلدي تون آءُ راڻا، بستر وڇائجي ويو

اوڪو هو پا پياده، پهچڻ پرين جي پاسي
شڪر خدا انهن سان، وعدو نڀائجي ويو

هن تڙ تان ڪئين پياسا، پُرباش ٿي ويا هِن
آيو هئو اُڃارو ”راشد“ به ڍائجي ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هر وقت ڪين هن پَر ماضيءَ ۾ گهارِ ماڻهو!
رهه حال ۾ هميشه حالت سڌار ماڻهو!

سرديءَ جا هي ڏهاڙا، ميلن ملاڪڙن ۾
مچ تي هزار ماڻهو سچ تي ٻه چار ماڻهو

ڇو حوصلو ٿو هارين، ڇو ڏيان ڪين ڏارين
ڪجهه ماڻهپي ۾ رهه توُن ماڻهو نه مار ماڻهو!

ڇو گُهنڊ نرڙ ۾ ٿئي، ڇو شورجي ڏسين ٿو
هر پاءَ ڏي توُن هردم مُرڪي نهار ماڻهو!

هي عُمر مختصر آ، غمگين ٿي نه گهارج
دنيا ۾ چار گهڙيون خوش ٿي گذار ماڻهو!

هن ٻوڏ مان ته تاري پهچاءِ پار ماڻهو
جي پاڻ آهين تارو ڪجهه ٻيا به تار ماڻهو!

بيمار قوم جي لئه "راشد" حڪيم گهرجي
ٻڌجي پئج مسيحا جيءَ ۽ جيار ماڻهو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٽڙي پوندو هي آخر گُل گلي ءَ ۾
اميدون قبل جون آهن ڪلي ءَ ۾

اڃان صحرا جو ڪوئي ڇيهه ڪونهي
ٻچيو پاٽي ٻه آ ٽورو ڪَلي ءَ ۾

انهيءَ ڪي ڏسج، منهنجي دل تہ ناهي
ڪنيو چا ٿي وڃي چوري ڇلي ءَ ۾

اوهان جي ڪار الٽو ڪيئن ايندي
منهنجو گهر آهہ هڪ سوڙهي ڳلي ءَ ۾

اها وچندي بہ ڪهڙي ريت "راشد"
جڏهن ڪا لارَ ئي ڪانهي ٿلي ءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

او غواص ڏنو ڇا توکي، آهي بحرِ عميق ٻڏاءِ
ڪالهه به تو ڏسيو هو ٽورو ڪالهه کان اڄ وڌيڪ ٻڏاءِ

سيوا لاءِ سمونڊ سندي، تاڪيد ڪيو آ پٽ ڏٽي
ان باري ۾ محقق تنهنجي، ڪهڙي آ تحقيق ٻڏاءِ

سالن کان جنهن جاءِ تي ويٺا هاسون اڄ به اُتي آهيون
اهڙو ڪو ته عمل آ جنهن سان، تيز ٿئي تحريڪ ٻڏاءِ

سات ڇڏي ويندو آ ساٿي، جُهڙ ۾ پنهنجو پاڇو پڻ
وقت مصيبت سات ۾ رهندا، ڪهڙا چند رفيق ٻڏاءِ

حل موجود مسئلن وارو جنهن شيءِ ۾ موجود هجي
"راشد" سائين، جئين سدائين، تازي ڪا تخليق ٻڏاءِ



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاصدا! وڃي خدارا چؤ ڪيس هڪ دفعو ٿي
دلدارا اچ اسان جي تون ديس هڪ دفعو ٿي

شل رحم جو ذرو ڪو ڪنهن روح ۾ وجهي رب
ڪو ڪاش مون ڏي واپس آڻيس هڪ دفعو ٿي

پاڙي جي ڪنهن پڙهيل کي ڪر هاڻ منٿ آزي
ڪو زوردار خطڙو لکجيس هڪ دفعو ٿي

درويش کي مسئلا درپيش ٿيا هزارين
اي ڪاش هيءُ به پهچي پرديس هڪ دفعو ٿي

نوڙت نياز آزي هُن وٽ وڃي اگهامي
من وات مان اکر ڪو اُڪليس هڪ دفعو ٿي

عاشق جو سِر سڄڻ تان صدقي ٿيڻ لئه آهي
يارو! چئوس ليڪن ماريس هڪ دفعو ٿي

سرڪار حسن جي شل ”راشد“ تي رحم آڻي
دربار عاليا ۾ طلبيس هڪ دفعو ٿي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنا دوستن ليڪچر ڪھڙا ڪھڙا
ٿيا تن جا مرتب اثر ڪھڙا ڪھڙا

سوا ماڻھپي جي ہيو سڀ ڪجھ مليو ٿي
ھڻا تنھن جي ھٽ تي وکر ڪھڙا ڪھڙا

اھا جاءِ جنھن کي تون چَڪلو چوين ٿو
اچن ٿا اتي مُعتبر ڪھڙا ڪھڙا

ٻُڌيءَ جا چون ٿا تہ ہيٺا ٿين ٿا
پلا ٿيا چٽا ۽ مٽر ڪھڙا ڪھڙا

سوا تنھن جي سائين ڪٿي چين ڪونھي
ڏٺم پيٽي دنيا ۾ در ڪھڙا ڪھڙا

ھئو ڪونج تنھن جو ھتي چيچري ڇا؟
وَھي ويا ھتان ھن ولر ڪھڙا ڪھڙا

ڪندا قيس تي ھا چٽر ڪھڙا ڪھڙا
۽ ھڻندا ھا ھن کي پٿر ڪھڙا ڪھڙا

اسان انقلابن ۾ ٿيندي ڏٺا ھن
زماني ۾ زير و زبر ڪھڙا ڪھڙا

بچي وئي تہ اڳتي بہ بچندي اي "راشد"
ٿُٽا سنڌ تي ھن قھر ڪھڙا ڪھڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هليون ٿاهي ٽوليون سکيون خوبصورت
نقابن ۾ آهن اکيون خوبصورت

دِلا مَٽ، پاٽيون ۽ ڪوئنرا وغيره
بڻائي پيو ڪنڀر ڏکيون خوبصورت

اڪيلائيءَ منهنجيءَ کي افسوس ٿيو آ
جوانيون جڏهن ڪي ڀڪيون خوبصورت

ڪري ياد سو ساءُ چَپَ پيو چَٽيان ٿو
چپن مان چميون جي چکيون خوبصورت

گلن رس چوسڻ ڏنو آهه تڏهين
بنائن ٿيون ماکي مکيون خوبصورت

پنهنجي دل جي شوڪيس ۾ يار "راشد"
سجائي مون آسون رکيون خوبصورت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سياري جون سرد راتيون، ڏڪڻي لڳي آ جيءَ ۾
ڪيڏو نہ ياد ايندو هوندين جناب سيءَ ۾

طعنا ڏين تيون تنهنجا، ٽوڪن پيون سهيليون
منهنجي نگاهہ تو ۾، تنهنجي نظر آ ٻيءَ ۾

مجبور عادتن کان، مڙندا ڪٿي متارا
کهڙي خبر تہ موکيءَ وِه آ وِڌو مٽيءَ ۾

جڳ ۾ مثال ڪونهي هيٺن سونهن پروريءَ جو
تو جهڙو حسن ڪاٿي ڪنهن حور يا پريءَ ۾

ساڳين ئي حالتن ۾ هڪجهڙو ناهہ ماڻهو
پاڪر ۾ آهہ ڪڏهين، ڪڏهين وري پريءَ ۾

هن ڀير ڪاغذن ۾ ناهي تہ پوءِ شايد
درخواست منهنجي صاحب اڇلي هجئي رديءَ ۾

ماڻهو اچن وڃن پيا، هيءَ واٽ تي وهي پئي
بهتر نٿو لڳي جو ويهي رهون گهٽيءَ ۾

ٽرڙن کان قطع تعلق "راشد" ڪري رکيو آ
تي وئي گذر حياتي صد شڪر سادگيءَ ۾



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوب خوشبو ڪيت جي ٻارين ۾ آهه
چا تہ ساوڪ سنڌ جي سارين ۾ آهه

ڳالھ ليکي جي هئي هاريءَ ڪئي
چو رڏيرو ٿيو شروع ڳارين ۾ آهه

ڪانہ ڪٿ پرديس ۾ آئي نظر
سونهن جيڪا ديس جي نارين ۾ آهه

ڳئون ٽريلين ويون ڏُڪر جي وَر چڙهي
ڪيرُ هاڻي ڪونہ ويچارين ۾ آهه

سو ڀلا هٿيار کي ڪاڙي ڪري
جوہ خوش زيتون جي ٽارين ۾ آهه

مڙس جنهن جي کي هئي لالچ لڳي
ليکجي ويئي اها ڪارين ۾ آهه

ڪارگر ڪم ڪيئن ٿئي ان شخص کان
جنهن عمر گهاري تہ بدڪارين ۾ آهه

خير ڪونجن جو خدا "راشد" ڪري
رحم ذرڙو ڪونہ هٽ مارين ۾ آهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خار سان گلڙن جي آهي دوستي
غير سان پنهنجن جي آهي دوستي

ڪيستائين تي هلي ڏسجي اها
رڍ سان بگهڙن جي آهي دوستي

سارَ سان گڏ گڏ ئي هليا ٿا اچن
ياد سان ڳوڙهن جي آهي دوستي

ساٿ مجنون ۽ جو ڇڏيندا ڪينڪي
قيس سان پٿرن جي آهي دوستي

ساک سِرُ ڏيئي بچائيندا اچن
پاڻ سان اهڙن جي آهي دوستي

ڪن پلڪ جي روشني اونداهه پوءِ
بيوفا بلبن جي آهي دوستي

دوستو! ٻولي سنوارن ٿا پيا
شاعرن سگهڙن جي آهي دوستي

پُڇ ٻڌا ٿن پاڻ ۾ ڏِسجو مزو
ائن ۽ گدڙن جي آهي دوستي

جنهن قلعي آ ذهن ڪي "راشد" ڪيو
سا سٽن ماٺهن جي آهي دوستي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وئي ڏور هُن کي وطن يا نصيب
مون کي هن جو سيمي بدن يا نصيب

عمر جنهن جي آ هاڻ پنجاهه سال
تنئي ان کي حاصل ڪو فن يا نصيب

پڙهي سيئي عالم ۽ عاقل ٿيا
مريدن ڪان مرشد کي ڏَنُ يا نصيب

نظر جي شهيدن جون ڳالهيون نہ پُڇ
گُهٽل عاشقن کي ڪفن يا نصيب

نہ آ خير، بيمار هڏڪي ڏني
دوا آخريءَ جو وزن يا نصيب

لهي هڪ ٿي ۽ ٻي ٿي ٽيلهي چڙهي
مريض محبت کي آن يا نصيب

ڇيو دل عزيزن سان "راشد" ملون
ڪچهري قريبن سان ڪن يا نصيب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چؤ واٽي تي بيٺو آهين، ڪاڏي ويندين يار
خطري ڪان تا خالي ناهن پڪ آ چارئي پار

هيڏهن هوڏهن جهوتون پائي آيو آهيان آءٌ
چئني طرف نظر آيا پئي جهڳڙي جا آثار

پاڻ نتا چاهيون پر زوريءَ جنگ مڙهي وئي آ
ڪاڏي ويندين، وجي نه سگهندين، قاتل آن چوڌار

بکيو لُومڙ شينهن سان آ لڙندو آخرڪار
آءٌ وڙهي آزادي وٺجي آءٌ ڪٽون هٿيار

پُڇڙي نوڪيندو جي نانگ جي منهن تي ايندو پيرُ
مرڻو آ اڳ پوءِ ته ڇا لئه مرئون ٿي مردار

❋

پاڇڙ منڊ ۾ گهائي، ڪيڏو قهر ڪري ڇڏيئي
هاءِ حياتيءَ کي او ظالم، زهر ڪري ڇڏيئي

شعر انهيءَ جي بند تي کهڙي راءِ ڏجي هاڻي
ڪوزي ۾ قابو اي شاعر، بحر ڪري ڇڏيئي

تون ڇا وئين جڻ خوشيون منهنجون ڪوڙ ڀهاري وئين
ويرانو منهنجي لئه، مورو شهر ڪري ڇڏيئي

سڏڪا تنهنجا سنجهي مان ٿي سُٽيا پئي پاڙي
رئندي "راشد" رات جو پويون پهر ڪري ڇڏيئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محفل مان سيئي اُٿندا ويا، مان بہ اُٿان پيو ٿو
کيل ختم ٿيو آءُ بہ پنهنجي واٽ وٺان پيو ٿو

ڪوشش ڪاميابي تہ نہ ماڻي، هن ريءَ ڪانہ سري
هاڻي بيوس ٿي هُن ڏي ڪو خط لکان پيو ٿو

سوريءَ سڏ ڪيو آ سرتا! ڪوئي سڏ ڏئي
سيئي ننڊ ستا پيا آهن، مان ئي اچان پيو ٿو

ساحل پرسان ڪشتي ٻڏندي اکين ساڻ ڏٺم
اهڙي بدبختيءَ تي ويهي آءُ رئان پيو ٿو

حيلا خوب هلايم اُن کي آيو ڪونہ يقين
هن کي پڪ ڏيڻ لئہ ساک تي هٿ رکان پيو ٿو

جيئڻ جو جذبو نہ رهيو آ هُن کان پوءِ مون وٽ
موت سان ”راشد“ يار خوشيءَ سان هاڻ ملان پيو ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نينهن نيايو ناتن سان
ڪنڌ ئهي ويا ڪاتن سان

ذات ۽ وات ۾ ڏاڍا چا
واتوريون واهياتن سان

پنهنجن سان ڪهڙو ليکو
سؤٽن ۽ ماساتن سان

دل ريجهائي آ نينگر
پنهنجن ٻولن ٻاتن سان

ڪيئن انصاف ملي جاني
هٿ چراند آ ڪاتن سان

قاتل شل ڪمزور تين
پوڙهيءَ جي ٻاراتن سان

رڙيون چڏ ۽ رلجي هل
"راشد" چُپ چُپاتن سان



soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هاڻي تہ هلي هيرَ سان هُبڪار ڪي ڇئجو
بلبل تہ مري ڪالهہ وئي گلزار کي ڇئجو

ڀل ماس پٽي ڪانءُ پر عيوض ۾ درندؤا
سهڻيءَ سدا سلامڙا، ميهار کي ڇئجو

هي آخري موقعو آ، ملڻ پوءِ آ مشڪل
بيهي هو دريءَ کان اُچي، دلدار کي ڇئجو

تو ساھ ستون ڪائي، اُڏڻ لاءِ اسان جو
بي پر بہ اڏاريو هلي، پردار کي ڇئجو

باقي آ بچي آس، مسيحا جي اچڻ جي
لاچار ٿيا ويج هي، بيمار کي ڇئجو

ماندي هي مري ويئي پنهل جي پٽيان هلندي
ڪجھ چانوَ ڪري لاش تي وٽڪار کي ڇئجو

جي ديس کي آزاد ڪرائيندي، مري ڪو
جو سر ڏئي جَسُ تنهن سندي ڪردار کي ڇئجو

جو خونِ جگر ساڻ لکيو آھ مون "راشد"
خط ڪيس پڄائي اچي ڪنهن يار کي ڇئجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سادي سولي زنده رهندي
پيار پرولي زنده رهندي

پاڻيءَ منجھ پساھ آ پنھنجو
سنڌوءَ ڇولي زنده رهندي

عيدون، خوشيون، ڪوڙ تماشا
ڏياري هولي زنده رهندي

تنھنجو شعر پڙهي مون سمجهيو
سنڌي ٻولي زنده رهندي

ماءُ جي لولي زنده رهندي
جيجل جھولي زنده رهندي

”راشد“ پنھنجن پيارن واري
سھڻي ٽولي زنده رهندي



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڱي ويا دل جميل ماڻهو ڏئي ويا ڏک شڪيل ماڻهو
صحت لُٽي ويا خوشي کسي ويا، اسان اهي ئي عليل ماڻهو

خدا انهن کي جهجهو ڏنو آ، حُسن ۾ هن خود ڪفيل ماڻهو
فقير کي ونڊُ ڪونہ ملندو سخا ڪندا ڪيئن بخيل ماڻهو

شريف شهرين کي خواه مخوا پيا ذليل ڪن ٿا ذليل ماڻهو
پلي تہ ڪن ٿوڪ بازي ٿرڙا، ڪُڇن نہ ٿا پيا اصيل ماڻهو

نشي ۾ طاقت جي گُم ٿيا هِن، ٻُڏن ڪٿي ٿا دليل ماڻهو
فضيلتن مان ڪٿي ٿا ڄاڻن، هتان جا "راشد" رذيل ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مندر ۾ ٿو وڃين تہ مجنون، تون مورتن جو خيال رکجان
هزار ليليٰ جون صورتون هِن، تون صورتن جو خيال رکجان

هي درد دل سان غريب عاشق، طبيب تو وٽ تہ سام آهي
مريض تنهنجي سهاري آهي، ضرورتن جو خيال رکجان

متان ڪو لنگهڻ تي رات ڪاٽي متان ڪو ويلي تي ويهي ماٺهو
سماءُ پاڙي جو لهج سائين ۽ پورتن جو خيال رکجان

سوين عشاقن کي سڏ ملي ٿو عظيم جلسن ۾ چا نہ ٿيندو
هزار چهرا نوان سماڻا، مهورتن جو خيال رکجان

ڀلا ڍلن کي رکن سنڀالي، اهوجهہ سادن جي توکي پارت
رهن جيڪي لاشعور ۾ ٿا، شعورا تن جو خيال رکجان

ڀلي تون "راشد" کي ڀانءِ زياده، مگر گلا جو لحاظ رکجان
سڙيا وتن ٿا سوين سدائين، ڪدورتن جو خيال رکجان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

ڪانءَ ڪيپي ٿي هاٿي ڪنهن جي، محبت مصنوعي
پاڻ پسند ڪندا هون پياري، صاف ۽ سچ گوئي

منهن تي مِٺ مِٺ پر پٺ غيبت، ماڻهن جو منشور
اهڙن ڪان ڪيئن ٿيندي آخر، درد ۾ دلجوئي

جنهن تنهن سان دل کولي اوڳا پڇتائيندين پوءِ
رهندو حال وڃائي ويهندين، موڳا مورڳوئي

جن کي منافق، دوکيبازن کان مليا آزار
هيٺن وينئي اوريو اندر، "راشد" سان روئي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصل کان ئي اُجاري روح جو تو ڏانهن ڪاڏو هو
ننڍي هوندي ئي مون کي نينهن جي واسينگ ڪاڌو هو

اصيلن، اُرهه زورائيءَ مخالف جنگ ڪئي جاري
ٻچي ويو چوٽ پهرينءَ ۾ ئي، جيڪو ٻي ٻٽيادو هو

ضعيفن جي اچي ضد ۾ ذليل وخوار ٿي ويو آ
اُهو جو سمجهندو پيو پاڻ کي، پاڙي جو دادو هو

"نٿو گهرجي، نٿو گهرجي" هئو هڪ ڏينهن جو نعرو
چيئين ٻئي ڏينهن "گهرجي ٿو"، ڏسو ڪيڏو نه سادو هو

هٽي ماري ڪيو آ هنڌ، آخرڪار ڪاهوڙين
تپش ڪيڏي هئي اُس ۾، ٽٽو اڄ ڏينهن ڏاڍو هو

سُٺن ماڻهن جي صحبت ۾ رهي، پختا پڪا ٿياسين
انهن ماڻهن منجهان هڪ مير محمد پيرزادو[1] هو

پري کان رش ڏسي موٽڻ مناسب ڪونه هو جاني
ڪٽي ڪيڏو به ميلو هو اڳڻ دل جو ڪشادو هو

زماني زور لاتا ڪوڙ مَن هَٽ تان لهي هوڏي
مگر مضبوط کان مضبوط "راشد" جو ارادو هو

---

[1] گيت جو مشهور شاعر مير محمد پيرزادو اصل لاڙڪاڻي ضلعي جو آهي، اڄڪلهه سڪرنڊ ۾ رهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

موت! پروانن جي باري ۾ پلي شمعن کان پڇ
ڪيئن قتل عاشق ٿيا، سو سونهن جي نظرن کان پڇ

رُت بسنتيءَ ۾ پرينءَ پنهنجي جا ڪيتن ۾ وڃي
ڪيترا فوٽا ڪڍيم پيلاڻ ۾، سرنهن کان پڇ

ڪيئن اچي ماٺيندا آهن ڪا گهڙي ذهني سڪون
امن جا اُڏندڙ پکي، زيتون جي لامن کان پڇ

جي ڪناري سان لڳي، مايوس ٿي واپس ٿيون
سمنڊ جي عظمت بلاشڪ، بي وفا لهرن کان پڇ

پيار جي سوغات جي قيمت ڪٽڻ کان آ وڏي
ٽريءَ جي "راشد" ڳهڻ ۽ جوئر جي آئن کان پڇ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

قصو ماضيءَ جون ڳٽيون خويش! سيئي عيش جون ڳالهيون
هنڌايون سين هِنئين سان هاڻ، خير انديش جون ڳالهيون

ٻين علمن کان اڻواقف، ٻين پاسن کان اڻ ڄاڻُو
پنهنجي ويا پڙهي ڪيئي، گُرو رجنيش جون ڳالهيون

ٻڌي، محبت سوا ڪنهن چيز جي هت ڪوٽ ڪانهي ڪا
اچو گڏجي پچاريون پاڻ، پنهنجي ديش جون ڳالهيون

مسلسل جي ڪيو محنت، تہ منزل نيٺ ماڻيندؤ
هئڻ گهرجن اوهان وٽ هاڻ هردم طيش جون ڳالهيون

ويا هن گهيرجي ماڻهو صفا مادي مسئلن ۾
ٻڌي ٿو ڪير هن حالت ۾، ڪنهن درويش جون ڳالهيون

شريڪ ئي ڪونہ ها سازش ۾، گورن جي گلا ڪهڙي
ونڊر جي وات سسئيءَ سان ڪيون اُٺ نيش جون ڳالهيون

رڪن اهميت انهن وٽ ٿيون، جيڪي ٻوليءَ جا ڄاڻُو هن
زبر ۽ زير جون "راشد"، جزم ۽ پيش جون ڳالهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي ماريو ٿئي، جيارڻ جو قسم ڪڻ
مون سان گڏجي، گذارڻ جو قسم ڪڻ

خطن جي ڳالھ ڀي آ، روبرو ٿي
رکو مُرڪي نھارڻ جو قسم ڪڻ

بڻائي زندگي دوزخ اٿيئي
اٿئي ڀاريو تہ ٺارڻ جو قسم ڪڻ

وفاداري جتائين تو تہ جاني
مصيبت مون تان ٽارڻ جو قسم ڪڻ

سنڌوءَ ۾ جام جر ايندو اي ساٿي!
رکو تون پاڻ وارڻ جو قسم ڪڻ

چوين تو تار ۾ عاشق ٽپو ڏي
ٻڏان جي مان تہ تارڻ جو قسم ڪڻ

رکيو تو قيد ۾ آ روح "راشد"
پکيءَ اُن کي اُڏارڻ جو قسم ڪڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

غير ڪان خالي هي گهر رکجي، بهتر ئي ٿيندو
اُجرو پنهنجو اندر رکجي، بهتر ئي ٿيندو

لات منات جو مَنَ ۾ ديرو ٻڌجي ان ڪان اڳ
دل جو ٻوٽيل ئي در رکجي، بهتر ئي ٿيندو

هر شيءِ جو ڍپ دل ۾ پالي، زنده ڪيئن رهبو
هڪڙي ئي رب جو ڊر رکجي، بهتر ئي ٿيندو

ميرو آهه جسم تان خير آ، ڌوبي ئي پوندو
ذهن ۾ ليڪن جوهر رکجي، بهتر ئي ٿيندو

هاڻي هَرُ ٽريڪٽر سان ڏيارڻ دانشمندي آ
ڪاٺ جو پاسي تي هَرُ رکجي، بهتر ئي ٿيندو

دشمن قائم ڪن جو ساٿي، پاڻيءَ تي پهرو
قبضي پنهنجي ۾ جَرُ رکجي، بهتر ئي ٿيندو

پاڻ ۾ ڪالهه صلاح ڪئي پئي سُر پُر ۾ سهڻن
"راشد" ڪي جي رهبر رکجي، بهتر ئي ٿيندو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان عشق ڪرڻ مان چا ڄاڻان، ڪنهن از غيبي ترغيب ڏني
ڪِن الجهيل خوابن خيالن کي، هٿ قدرت جي ترتيب ڏني

هن ڊولڙ منهنجا عيب ڍڪيا، ڏوراپو رڳو ٻه ٽه ڪون ڏنئين
سَوَ غلطيون ٿيون هونديون مون کان، ڪڏهين نہ ميار حبيب ڏني

ڪيئن ڏارين کي ٻہ ڪجي پنهنجو، ڪيئن ماڻهن ۾ مقبول ٿجي
جنهن شوق ڏئي دل شاد ڪئي، تنهن پاڻ مون کي ترڪيب ڏني

صد شڪرانا تنهن خالق جا، لک مهربانيون ان مالڪ جون
جنهن هيڏو سارو مُلڪ ڏنو ۽ ڪيڏي سُني تهذيب ڏني

مون حڪم حڪيمن جو مڃيو جيئن ويچ چيو تيئن آهہ ڪيو
مون عمل ڪيو اُن تي "راشد"، جيڪا ٻہ صلاح طبيب ڏني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اگر پهچئي تہ هر ويلي، عنايت ئي عنايت ڪر
نہ تہ بہ محبوب هڪ پيرو تہ، بوسي جي سخاوت ڪر

مون کي محبوب پنهنجي سان ملائيندين تہ پوءِ مڃيندس
اگر حاجت روا آهين تہ پوري منهنجي حاجت ڪر

اڳي يا پوءِ هر ڪنهن کي اصل ڏي موٽڻو آهي
چڱاين ڏانهن موٽي آ، بُراين کان بغاوت ڪر

اسان سادا، پڙهيل ٿورا، ڏجان لفظن جي سمجهاڻي
فصاحت ۽ بلاغت جي سلاست سان وضاحت ڪر

ٻُڌو آهيم اي بزرگ، خدا جي ويجهڙو آهين
اگر سچ آ اهو سائين، خدا کي منهنجي پارت ڪر

جهڙو راجا تهڙي پرجا، ٺهين ٿو جنس پنهنجيءَ سان
شريفن کي چڏي ڏي تون، ڪميڻن جي قيادت ڪر

اچا خدمت ڪندو رهہ تون، ڪڏهن مخدوم ٿي ويندين
اچان محنت، اچان مشقت، اچان "راشد" رياضت ڪر



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
soorhsindhiadab

ساڻ سقيمن سينو ساهڻ، نيڪ تہ ناهي
ڪمزورن تي هر هر ڪاهڻ، نيڪ تہ ناهي

پهچڻ ساڻ وچڻ جون ڳالهيون، رات تہ رهہ ني!
ههڙي طرح ميارون لاهڻ، نيڪ تہ ناهي

آدم قد آئيني آڏو ڏينهن سجوئي
ايڏو ويهي پاڻ کي تاهڻ، نيڪ تہ ناهي

ماڻهوءَ جي دل آهہ خدا جو گهر اي سائين!
ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڪعبا ڊاهڻ، نيڪ تہ ناهي

انسانيت سڪ، انساني جامي ۾ آهين
ماڻهو تي ڪُتن جيان ڀاهڻ، نيڪ تہ ناهي

خشڪيءَ ۾ ترندؤ ڇا، تورو هوش تہ ڪريو
پاڻيءَ کان اڳ ڪپڙا لاهڻ، نيڪ تہ ناهي

قيد مجازيءَ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪر تون
”راشد“ يار ٻتن کي چاهڻ، نيڪ تہ ناهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

كاش تئي ها ڳوٺ اسان جي تنهنجو ڦيرو
ڇپڙن سان هٿ چمجن ها ۽ نظرن سان چهرو

دل تہ گهڻو ٿي چاهي ليڪن ڪيئن ملجي هڪوار
مان هت بندش ۾ آهيان، هُت پرين تي پهرو

پيارا سائين پوسٽ پورڙ[1] تي خط لکندو رهجان
ڳوٺ ڄُوٽالو[2] تعلقو مورو ضلعو نوشهرو

خيال ڪندو رهجانءِ سدائين پنهنجي عاشق جو
لوڪ ڪان آهہ ڪناره ڪش ۽ تو سان ٿي گهرو

تنهنجي تصور ۾ جِنَ واري حالت ٿيندي آ
جڏهين پڏندو آهيان جاني بينن تي لهرو

هوش ۽ همت سان هر ويلي تياريءَ ۾ آهيون
هيل جي جنگ ڇڙي پئي، بيشڪ ونڊداسين بهرو

اندر ڪاڏل پورا ماڻهو "راشد" ڪونہ ڪپن
پرتيءَ جي لئہ جوان اچن، جن جو آ بُت نهرو

---

[1] پورڙ، تعلقي موري جو هڪ ڳوٺ
[2] ڄوٽالو: شاعر جو اصل ڳوٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مغرور بنيو يار، جفائون ڪري ڪري
مشهور تيس مان بہ وفائون ڪري ڪري

ڳڪِ ڪونہ تيس ڪين، دعائون ڪري ڪري
چُپ نيٺ ٿي ويا هُو گلائون ڪري ڪري

ايذو هو تتل جڻ تہ قيامت جو ڏينهن هو
ڏِڌ دوست ڏنو ٻاجهہ جون ڇائون ڪري ڪري

لِڇيا نہ قدم عشق جا بدخواه پيا ٿڪي
تجويز سوين پاڻ سزائون ڪري ڪري

آخر ۾ فتحياب ٿيو محمود غزنوي
سومنات فتح ڪيس هلائون ڪري ڪري

افسوس اهو آهہ تہ موري ۾ گم ٿئين
اندن لڏو ملتان، پُڇائون ڪري ڪري

”راشد“ تہ نرم آهہ رڳو سونهن جي اڳيان
ماريو آ حُسن ڪيس، ادائون ڪري ڪري



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سور وسري ويا تہ پو آئين
درد گذري ويا تہ پو آئين

ساٿ سُورن جي وقت ڪونہ ڏنئي
حال سُڌري ويا تہ پو آئين

درد ۾ دل وڙهي جڙهي جڏهين
نيٺ نبري ويا تہ پو آئين

هاڻ ليڪا ڳڻين تہ ڇا حاصل
نانگ نڪري ويا تہ پو آئين

هاءِ سڌڙيا، رکو سڏون ڦٻندءِ
پيرَ اُکري ويا تہ پو آئين

ريج رت جا ٿيا تہ ڪونہ لڌين
سنگ نسري ويا تہ پو آئين

جنگ ۾ تي شهيد اي ڪانئر
يارَ جگري ويا تہ پو آئين

سوز ساڙيو ٿي روز "راشد" کي
پور پڇري ويا تہ پو آئين



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
soorihsindhiadab

هر رات شب برات، اسان لاءِ ٿي آهي
راضي پرين جي ذات، اسان لاءِ ٿي آهي

ڌرتيءَ جو ڪيون سنگهر، گهمون ڪُنڊ هر پاسو
پيدا هيءَ ڪائنات، اسان لاءِ ٿي آهي

هر روز ڳائين گيت، ڳائين بيت جُڙن ٿا
جو مهربان ڏات، اسان لاءِ ٿي آهي

سچ ڪوڙ ڳڌائي ٿا ڇڏن سوچجان ساٿي
هر وقت حڪايات اسان لاءِ ٿي آهي

باقي سوال آهه ته سنڌوءَ ۾ جَرُ اچي
سنڌو ٻه ڇڻ فرات، اسان لاءِ ٿي آهي

گهبرائي ڳوڙ ڪان ٿا وڃون شهر خموشان
چوڌير چُپ چُپات، اسان لاءِ ٿي آهي

”راشد“ انهيءَ خطي جو قدر ڪيئن نه ڪنداسين
هي سنڌڙي سوغات، اسان لاءِ ٿي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شڪر آهي حڪيمن ساڻ پنهنجي گهڻي گهرائي آ
جني جي جهد سان حاصل تي مون کي چڱ ڀلائي آ

ڪين ڪاٺون ڪلارڪ يا پٽيوالي جون سي چا لئه
جني جي سنئين سڌي صاحب وڏي سان تي رسائي آ

طبع انسان هر ڪنهن جي نياري آ خدا خلقي
اسان وٽ بردباري آ، هنن وٽ هلڪڙائي آ

ڪوئي انسان پئسي سان نٿو پيو معتبر بنجي
اسان وٽ علم جي دولت، هنن وٽ ڏوڙ ڇائي آ

ڏنا اٿئون ابوجهن تي اوهان جي ٻاجهه جا هٿڙا
نوازين ٿو نماڻن کي، وڏا تنهن جي وڏائي آ

اڪيلائيءَ ۾ ڪائي ٿو هي ڪمرو هاسپيٽل جو
اچين هن وقت تا وهوا، لڳي پئي واندڪائي آ

رسالي[1] راهه ڏيکاري، مجان احسان ٿو اُن جا
ڪئي جيڪا به "راشد"، "شاهه" منهنجي رهنمائي آ

---

[1] شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏس ٽُرت طبيب، طبيعت کي
منهن ڏي تون مرض مصيبت کي

حيلو جو هلي سو هلاءِ يلي
وٺ ڏوڪڙ ڏِسُ نہ غريبت کي

افسوس اچي تا لالچ ۾
ٺُڪرائن فهم فضيلت کي

ايءَ نيڪ نہ آهي ارڏائي
وٺ وڏڙن جي تہ نصيحت کي

محبوب سگهوئي پهچي وڃ
تا ماڻيون وقت غنيمت کي

تون قابو قيد شريعت ۾
ڪيئن پهچين توڙ طريقت کي

انسان تہ "راشد" فاني آ
آ مجٽو نيٺ حقيقت کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

متان سمجهو صبح ويلي تہ ڪو پتنگن ۾ دم ڪونهي
اسان جو عشق ساڳيو آهہ پر شمعن ۾ دم ڪونهي

نظر جت نانگ ايندو آ، انهيءَ کي سُڪ ڪندا آهيون
پڪڙجي زهر چوڏاري، اُهو ڇُهڙن ۾ دم ڪونهي

پري جي ڳالهہ آهي سِرُ ڏيڻ، سچ ئي چوڻ ڪونهي
اڳوڻو دوستو شايد رهيو جذبن ۾ دم ڪونهي

اجهو آزاد پنهنجي ديس جون سڀ مارويون ٿينديون
رکن جي عورتن کي قيد، سو ڪوٽن ۾ دم ڪونهي

پنهنجي تڪليف تي سوچي، ڏنو شهپر کي وٽ غازيءَ
حُرن کي جي جهڪائيندا، اهو لوڙهن ۾ دم ڪونهي

صبح کان شام تائين وڻ ۾ وڻ تازا رهي سگهندا
نيائن دوستي ڪنهن سان، گهٽو گلڙن ۾ دم ڪونهي

هُجن هر چوُنڪ تي چونڪيون، ڪٽڙا هر واٽ تي خطرا
اسان جي راهہ روڪي "راشدا،" رهزن ۾ دم ڪونهي



sooriinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون پڙهيو پئي سنڌءِ خط منظوم کي
داد ماڻهن ڏنو ويٺي مرقوم کي

کيڏندي کيڏندي دل کي ٽُڪرا ڪيئين
ڏوهه ڪهڙو ڏٺو يار معصوم کي

پُڇ اُت جو ٻڌي پيا ٽا ٿهري ڪيون
زعفران ٽا بنايون، پيا ٿُوم کي

هاڻ روئو پيا، جيسين جيئرو هيو
تيسين ٽاندا ڏنوَ خوب مرحوم کي

ٻُوءِ پنهنجي پگهر جيءَ ڪان رکيئي پري
هاڻ ڪاڏي ڪندس، تنهنجي پرفيوم کي

جيڪڏهن توکي اهڙو ڪو منصب ملي
در تي انصاف پهچاءِ، محزوم کي

سنڌ جو پاڻي جنهن آ وڏيري وڪيو
خط گارين جو موڪل، تون معلوم کي

پل سرِ عام ظالم تي ٺڪار ڪر
تون گلي لاءِ هر جاءِ مظلوم کي

هل تہ چائنٽ چُمي دوست جي در سنڌي
ڏي "راشد" ڏجي روح مغموم کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪنهن تي چيئي تہ دلڙي، ڪر پيار اجنبيءَ سان
هاڻي پئي تي اوڳي، پوڳين بخار سيءَ سان

هر وقت ٻوءِ وفا جي، ايندي هئي انهيءَ مان
گڏجي سفر ڪيوسين "آصف منياڻويءَ" سان

سڏڙين ڪان پيا پڇو ٿا، خبرون ڇو عاشقيءَ جون
ان ڪان پڇو جنهين جي، جهوري لڳل آ جيءَ سان

ڇا لاءِ ٿا پسايو اُن کي سندس مهانڊو
جنهن جي طبع نہ ڪڏهين لڳندي آ آرسيءَ سان

اُن مرد بيوفا ۾ غيرت تہ ڪانہ هوندي
آهس نڪاح هڪ سان، محبت ڪري ٿو ٻيءَ سان

مُنهن تي ڀلي مخالف ڳالهيون ڪري ٿو ابتيون
پرپٺ آ پيار رکندو "راشد" جي شاعريءَ سان



soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي جوڏا پنهنجي پنهنجي پڳ جو وَرُ ڏيندا
سي ڪيئن ڏاڍ ڙين کي ڌرتيءَ تي گهر يا ٿَرُ ڏيندا

ليکي ويندي، سُڌريل مُلڪن ۾ تڏهين ئي سنڌ
سنڌي جڏهين ڏاج ۾ ڌيءَ کي ڪمپيوٽر ڏيندا

ايڪو الف ت، محنت، مشقت، ڪاميابيءَ جو راز
مشڪل حل تي ويندو جي سڀ پائر پَرُ ڏيندا

سمجهيو، هوم اسان جي پيارا آجيان پاڻ ڪندا
ڪهڙي گَلَ ته اسان کي ڏسندي دلبر دَرَ ڏيندا

وندرائيندڙ سرگرمي تا پورهيي کي سمجهن
ڏسجاان هاري شوق مان خوش تي پيهر هر ڏيندا

بيقدرن کي ووٽ ڏئي آ پڇتائڻ بي سود
موٽ ۾ ماڪيءَ مصريءَ جي زردار زهر ڏيندا

فرد هتيءَ جو هرڪو "راشد"، هوڪو ڏيندو آ
جو به هنن جي هٿ تي هوندو سو ئي وڪر ڏيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنهي وڻ جي ٽاري لُڏي وئي ته ڇا
ڇڙي وڻ تي ويٺي، اُڏي وئي ته ڇا

گڏهہ اوڏ، جوٽس، ٽئي پيا ٽڪي
مٽي آ گهٽيري گُڏي وئي ته ڇا

ڪليشن سندو دؤر آ دو ستو
ڪهاڙي تي ڪنهن جي مُڏي وئي ته ڇا

اهو سيٺ ٻڙنين ڪَڏين جو ڏٺو،
ڪسي ڪيس ڪان هڪ ڪڏي وئي ته ڇا

اڇي دؤر تو پورهيتن جو پيو
ڏني رئيس ڪي جي هَڏي وئي ته ڇا

هجي هوءَ مون سان هڪ ئي هنڌ تي
پلي پوءِ ڌرتي ڏُڏي وئي ته ڇا

جا ڪاغذ جي ڪشتي هئي ڪوڙ جي
سا پيڙي اي "راشد!" ٻڏي وئي ته ڇا



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
soorhiyasindhiadab

بڪ بڪ ڪيو اجائي پيا تا زبان درازو
آهي ڪڍيو اوهان ئي انصاف جو جنازو

جوانيءَ جي ابتدا ۾ هڪ چوٽ دل کي پهتي
پيري اچي وئي آ، پر گهاءُ آهي تازو

دربار اڪبريءَ ۾ سيوهڻ جي رهڻ وارو
سنڌي هئو چون ٿا، هڪڙو ملان دوپيازو

ٿيندو گهڻو متاثر هي شان بي نيازي
گڏجو نہ گنهگارن سان پاڻ پاڪبازو!

آهن اهي اڏامون سمجهان ٿو عرب پاسي
آداب نياز چئجو جانيءَ کي اي جهازو!

صدين کان يار "راشد"، آهيون اسان اڏيندڙ
جايون ٿو مان بہ جوڙيان، بابو بہ هوم رازو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اهو بي بهادر نہ مُلهہ آ امل جو
نہ جو مانُ ڇاڻي، سو انڌو عقل جو

الائي تہ ڇا لئہ اجان ڪين سُڌريا
بخيلن ڏنو آ نتيجو بُخل جو

ڪتي مونڌا هن . جهڙا ڪاپيءَ جا ماهر
نقل تي گمان . تہ تئي پيو اصل جو

اهي وانڌي وہ ڀهڻ مان ورچي پيا هن
پُڇي ڪو هنن ، ڪان سبب ڇا هي هُل جو

هلو مان اوہ ڏان ڪي گهمائي اچان تو
وٺو جائزو جي رُڪڻ مير ٿَل جو

انهيءَ ملڪ ۾ ڪي خوب جانچي ڏٺوسين
جتان پيو . تہ نڪري جنازو عدل جو

صرف رات هڪ، رات راڻي نڙي جيئن
هليو ويجبو هتئون وٺي واس گل جو

هجن شل ڪچهريون قربدار قائم
هلئون ٿا پيا "راشد"، هجي خير ڪُل جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiacab

ذهني عذاب يارو، سوچڻ جي سزا آهي
انساني عقل بالغ بنجڻ جي سزا آهي

دل پيي وئي دولت پيي، عزت بہ تہ شهرت پيي
هن شهر حسن جي ۾ ترسڻ جي سزا آهي

سڙندو ٿو رهي سر ڪٽ، ڪٽ ڏڙٿو پيو ڪامي
شمعن جي پتنگن سان پرچڻ جي سزا آهي

صياد پٽيا پَرَ، پو پڃري ۾ رکيئين قابو
معصوم پکيئڙن کي اُڏرڻ جي سزا آهي

پنهنجي ئي وات مان پَرَ قاتا هو پاڻ آهن
ڏاڙين کي ملي يارو وِڦلڻ جي سزا آهي

گل باغ مان پٽيا ويا، بازر ۾ وڪامي ويا
مکڙين کي ملي "راشد"، مرڪڻ جي سزا آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ٽڪراءَ ۾ رهي ٿا سگهون، مير پير سان
اڇبو عزت سان پيش، حسن جي سفير سان

پهرين ٿي ملاقات ۾ بيمار ٿي پيو
آيو جو ملي ڪالهه صحت جي وزير سان

توڙي رزق گهٽائي سگهن ڪونه ٿا ته پي
جهيڙو ڪُتن جو آهه اصل ڪان فقير سان

ايڏو ٿي پيار منهنجو به دلدار ساڻ آ
جيڏو هو عشق دوستو رانجهن جو هير سان

وڃبو رهاڻ ۾ ڏسون سرهاڻ آهه ڇا
اڄ "شام" آ لڪير جي يارو فقير سان

اهڙو وطن سان عشق اسان جو هئڻ کپي
هُو اُنس مارئيءَ سندو جهڙو ملير سان

مرثيا مون لکيا خواب ۾ صحبت جي اثر سان
ٿي رات ملاقات انيس ۽ دبير سان

اڄ هير ۾ هڳاءُ آ ڇا لاءِ ايترو
شايد لڳي آ هير به هُن جي سرير سان

چورن جي ڇا مجال جو هيڏانهن وک کڻن
جاڳان پيو ٿو "راشدا!" زنده ضمير سان



soorhsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون رات لکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر خاطر خواه لکي نہ سگھيس
محبوب ڪان مون کي ڪين ٿيو حاصل اتساهہ لکي نہ سگھيس

هڪ طرف هو ڪم اسڪول سندو ٻئي طرف ڏڪن کي ڏؤ گھرجي
مون هومر ورڪ کي ڇڏيو ڪٽي، هو ڪرٽو گاهہ لکي نہ سگھيس

هن نينهن ٻڌايو ناڪارا، سو ويس رسالي ڪان ڪتجي
جو لکٽو هو مون کي يارو سو مان هر ماهہ لکي نہ سگھيس

آ عشق عقل کي تالو هنيو، هاٽي جي لکڻ چاهيان بہ تہ چا
تنهنجي پيار ڪيو آهي پيارا، سڀ هوش تباهہ لکي نہ سگھيس

مون عيب اُگھاڙيا هر ڪنهن جا، پر پنهنجي ڳتا پُوري نہ لکي
سڀ ساٿين جون ڳالهيون تہ لکيم، ڪو پنهنجو گناهہ لکي نہ سگھيس

هو خيال تہ وصيت لکندس پر، سستي ۽ ڊرائي ٿي ويئي
ٿي نيٽ حياتي وئي پوري، ويو نڪري ساهہ لکي نہ سگھيس

خط "راشد"، حاسد جي پڪڙيو پو پاڻ ٻنهي جو خير نہ آ
ان ڊپ ۾ ورتل ساهہ هئو سو پورو چاهہ لکي نہ سگھيس



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلي غم کي لڳايوسين
خوشيءَ کان موڪلايوسين

ڏکارا تي هليا وياسين
نہ پر ڪنهن کي ڏکايوسين

اوهان جي عشق وارن ۾
اچي نالو لکايوسين

شُڪر آهي رُنوسين پر
رئڻ وارو کلايوسين

سندءِ الزام هر ڪنهن کي
چُمي چشمن تي چايوسين

تنهنجو مُنهن مصحفِ انور
پڙهي آخر پڇايوسين

خوشيءَ سان ڪنڌ گهوريوسين
نہ پرلوءَ کي لڄايوسين

ٻڌي سينگار سوريءَ جو
انا الحق گيت ڳايوسين

ستو تيو ماڻ موري جو
ادا "راشدا" وڌايوسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نينهن ٽيو نروار منهنجو ئي هيو
تو سان پهريون پيار منهنجو ئي هيو

آمرانہ دؤر ۾ جهل باوجود
عشق جو اظهار منهنجو ئي هيو

ڇهچ وڻ جي سُونهن کي نقصان ٽيو
جو ڪپيو ويو ڏار منهنجو ئي هيو

موت موتايو جنم جي جاءِ ڏي
هونئن سڄو سنسار منهنجو ئي هيو

پائرن کي پاڻ ۾ ناهڻ سندو
مرڪزي ڪردار منهنجو ئي هيو

جنهن غداري آهہ سنگت سان ڪئي
ڪالهہ تائين يار منهنجو ئي هيو

هٿ ڪيڊي ويا ها جڏهن تو مان سيئي
تو سان اُت سهڪار منهنجو ئي هيو

ڪالهہ جي آيا ويا قبضا ڪري
هي سڄو گلزار منهنجو ئي هيو

هرڪو جابر جي اڳيان پيو هو جُهڪي
”راشدا!“ انڪار منهنجو ئي هيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيان ڳالهيون سحر انگيز مان ساحر تہ ناهيان ني
ٻڌايان گيت ڪي توکي نوان، شاعِر تہ ناهيان ني

ڇُڳڻ جي چاهہ ڪي ڇڏيان، اُڏان پيو عرش ڏي هردم
ميان! انسان هان لاهوت جو طائر تہ ناهيان ني

سيئي آزادگيءَ سان راءِ پنهنجي ڏئي سگهن ٿا پيا
مڙهيان مان راءِ پنهنجي ڪنهن مٿان آمر تہ ناهيان ني

مون ڪي جي عشق ٻاريو آهہ تا ٻرڻو پيو خوش ٿي
جلايان ڇو سڄي جڳ کي، ائين جابر تہ ناهيان ني

زماني جا ظلم سهندي، گهٽا واٽون مٿائي ويا
پنهنجي پيرن تي پختو هان، هٽيو مان تڙ تہ ناهيان ني

برهہ جي باهہ اندر ۾ پئي ڪوري جيان ڪامي
رکيو پردو اٿم تنهنجو ٿيو ظاهر تہ ناهيان ني

مون کي گهرجن جو پورائو ٿو گهرجي سو ٿيڻ گهرجي
رضا تي "راشدا!" راضي رهان صابر تہ ناهيان ني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏنو لوڪَ هڪُ فرد، فرزند سان گڏ
ڇيئون آهي سرمد، اپيچند سان گڏ

ڏسو عشق اويس قرنيءَ جو يَرَا!
يڳائين ٻنيهي تہ هِڪَ ڏند سان گڏ

وڃائج نہ تون وقت واندن سان پُٽَا!
گذارج حياتي هنرمند سان گڏ

هُئو انب داکيل، سُٺن سان گڏ
ٿيو توڪرو گند آ گند سان گڏ

سڏائين سرمد، ڪي سڏڙيا پيا
نٿي جي گهٽين ۾ اپيچند سان گڏ

اڙي چنبا! ايڏو بہ تڪڙو نہ لهہ
گهڙي ڪن گذارج درد وند سان گڏ

اٿئي دوستيءَ ۾ بہ دوکو ميان!
وٺي ۾ زهر آهہ گلقند سان گڏ

سنڀالج او "راشد" وڃن ڪوڙ ٿيون
هتان غلط راهون حقي رَند سان گڏ



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي گلا ۾ وزن ڪونہ هو
تڏهن منهنجو ايڏانهن ڳن ڪونہ هو

هئو هي بہ عاشق اپيچند جو
اگھاڙو سندس پر بدن ڪونہ هو

الائي چو مايوس آ جيئڙو
ائين موڳو اڳ ۾ تہ من ڪونہ هو

اُهو مَلهہ ۾ سرسي ڪري ڪيئن سگھي
خبر جنهن کي آ، گھر ۾ اَنُ ڪونہ هو

اُهي گُهٽ پوسٽ جا ڏينهڙا هيا
پپر جو تہ لڏندو ڪو پن ڪونہ هو

بنا غسل جي کيس پوري ڇڏيئون
چي، ڪارو هو هن لئہ ڪفن ڪونہ هو

ڏنئين راءِ "راشد"، پڌي هي غزل
مڙئي شاعري هئي، ڪو فن ڪونہ هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

رهائش ڇپر ۾ يا ڇن ۾ هجي
پرين شال منهنجي ئي من ۾ هجي

پرهه ويل اُنجي ته پوچا ڪجي
ڦُٽي باک جنهن جي بدن ۾ هجي

پسند پنهنجي پنهنجي، مون ڪي ته وٽي
اُهو شعر جيڪو وزن ۾ هجي

جيئن روز مهمان پيا تا اچن
ائين شال برڪت به اَنَ ۾ هجي

چغلخور ڪنهن، تي سگهي تو وري
ڏني قوڪ دلبر جي ڳن ۾ هجي

صرف هن ڏڪر ۾ غريبن ڪي ڏي
ڏتيو مال جيڪو تو ڌَن ۾ هجي

اهو خط سنيالي رکو "راشدا!"
مرڻ بعد منهنجي ڪفن ۾ هجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪروڙن جي لڳ پڳ
ستارن جي جهڳ مڳ

اڇچ تون الهه لڳ
ڏسان روز ڏڳ ڏڳ

وڻو آهه پيهي
پرين پيار رڳ رڳ

نئون ڏيئي نعرو
تڳين تو تہ تڳ تڳ

هتي ۽ هُتي تون
مزو ماڻ جڳ جڳ

وٺو واٽ هڪڙي
وڃو چو الڳ ڏڳ

اڳارن ڪي ”راشد“
ڏنوڻ هٽج ڏڳ ڏڳ



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏسو غلطي تہ مون ڪان ڪانہ ٿي ٿئي
ڏکي ڏرتي تہ مون ڪان ڪانہ ٿي ٿئي

جدت آهي يا لفظن جِي نظم ۾
رڳو پرتي تہ مون ڪان ڪانہ ٿي ٿئي

جتي نرميءَ جي هوندي آ ضرورت
اُتي سختي تہ مون ڪان ڪانہ ٿي ٿئي

اوهان ڪان پو اوهان جي ڳوٺ واري
ڏٺي بستي تہ مون ڪان ڪانہ ٿي ٿئي

عمر پر ويڙهہ ۾ وڙهندو رهيو هان
پرين پستي تہ مون ڪان ڪانہ ٿي ٿئي

رُسي چو ڏات ويندي آهہ "راشد"
پري سَرتي تہ مون ڪان ڪانہ ٿي ٿئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نئين سر نينهن نازل ٿي رهيو آ
اسان کي عشق حاصل ٿي رهيو آ

ٻٽيهه پوئنرو جڏهن محبوب منهنجو
وڏي مڪڙيءَ منجهان گل ٿي رهيو آ

نٿو هو پاڻ جهڙو ڪنهن کي سمجهي
پنهنجي پر ۾ عقل ڪُل ٿي رهيو آ

حڪومت کي ته ڪا پرواهه ڪانهي
شهر ۾ ڪيترو هُل ٿي رهيو آ

هئو ڪلهه تائين جو معصوم چهرو
ڪري اڄ ڪوس، قاتل ٿي رهيو آ

ضميرن ۾ سجاڳي آئي آهي
ته رشوت خور عادل ٿي رهيو آ

وٺو ڪو فائدو موقعي مان ”راشد“
ڏسو حاصل وري ٻُل ٿي رهيو آ



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ مطلب پنهنجي ڪم سان
بين جو چا منهنجي غم سان

چڪيئين سُرڪي جو ساهڙ ڪان
سُتي پاسو نہ ڏٺي ڏم سان

اسان جي نينهن جو ناتو
ڳنڍيل آ ساري عالم سان

ڏٺي وئين گهاوَ ڪي گهرا
ڇُٽن تا ڪونہ مرهم سان

وڏائي ويو پرين منهنجو
خسارو زلف جي خم سان

دنيا ساريءَ جو جلوو آ
منهنجي دلدار جي دم سان

اوهان جو پيار پيسي سان
اوهان جو دين درهم سان

وداع جو وقت آ "راشد"
ملي وٺ راز محرم سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان شاعر اڇون ڪنهن جي اگر خوبين ڳڻائڻ تي
اهو انسان ٿي مجبور پوندو پاڻ پائڻ تي

هجي اخلاق ڪان آجو تہ وٽندو ناهہ سو ماٺهو
وڏي تو شانُ ڪنهنجو ڪوند ڪڏهين سونَ پائڻ تي

الائي پاڻ کي ڇا لاءِ ڏاڍو مڙس تو سمجهين
شرم توکي نہ آيو آهہ پنهنجي ٽَرَ تپائڻ تي

اسان جو عرض هُن آڌو ٻڌو ئي اڻ ٻڌو ٿئي ٿو
عجب جهڙي آ ڪن لاتار جس ڇٽون ٿا نتائڻ تي

گذر ٿئي ٿو پيو پنهنجو پرينءَ جي ڪوس گهر آڌو
وري اڄ دل ٿئي ٿي پئي مقدر آزمائڻ تي

ڪڏهن قبضو ٻنيءَ تي ۽ ڪڏهن ڏارين پلاٽن تي
هريل آهي حرامي ڦر پرائي مال کائڻ تي

سدا پڇتاءَ حاصل ٿيو آ هرهڪ چوٽ کائڻ تي
نٿي مرضي ٿئي هاڻي ڪنهين سان دل لڳائڻ تي

نٿي سمجهيم تہ يارن جي غداريءَ کي سهي سگهندين
هجي شاباس "راشد" يار توکي ڏک پچائڻ تي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن کي بہ نہ ڏوراپو ڏي
جو ٽيٽو آ پل تہ ٽئي

تيسين رڙندو رهہ جيسين
راڄ سڄي جي ننڊ ڦٽي

جيجل لولي ڏيندي رهہ
شال مون کي آرام اچي

جو بہ اگهاڙو تي بيٺو
ڪير ڪميٽي ساڻ ڪچي

ڀي ڪي ڪوئي ڪونہ جهلي
سيڪو پنهنجو پاڻ پلي

تيسين جاري جُهد رکو
جيسين هيءَ ديوار ڊهي

مون هُن سان آ پيار ڪيو
چو تو ڪنهن جو جيءَ جلي

آهہ شڪار تيڻ جهڙو
چو تو پاڻ شڪار ڪري

"راشد" جيئڻ ڪري ڪوئي
ڪات تي پنهنجو ڪنڌ رکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيريءَ ۾ خط لکيو آهي پنهنجي پياري جانيءَ ڏي
ڪاش جواب ملي هاڪاري، موٽان آءُ جوانيءَ ڏي

هُو بہ تہ سنڌ جو جائو آهي، هاڻي سنڌ جا حال ڏسي
ديس جي دانهن ڪنيو ٿا وڃئون، پاڪستان جي بانيءَ ڏي

هاڪ سخاوت ۾ هئي تنهنجي پيءُ جي هاڻي ڇا ٿيندو
ڏسجي، ميريءَ مانيءَ ڏي يا خان اوهان جي خانيءَ ڏي

عزت، دولت، شهرت، اهميت، سڀ ڪجهه عشق ۾ گهور ڪيم
هاڻ تہ اچ او منهنجا جاني، ڏس منهنجي قربانيءَ ڏي

اکين تي مان رکندو آهيان، پرت پريل رومال چُمي
ڏسندو آهيان ڏينهن سڄوئي، تنهنجي نينهن نشانيءَ ڏي

سات سفر ۾ آهہ قبولڻ ڪان ساٿين انڪار ڪيو
خيال سيني جو ويو آ "راشد"، تنهنجي بي سامانيءَ ڏي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
soomhsindhiadab

اندر ۾ زلزلا ظاهر ۾ ڌرتيءَ ڌوڏ هڪ پاسي
هلڻ هاٿيءَ جو هڪ پاسي، پرينءَ جي لوڏ هڪ پاسي

مجال ئي ناهه جو پيٽيان اوهان سان شاعري پنهنجي
جرڪ موتين جي هڪ پاسي، سپيون ۽ ڪوڏ هڪ پاسي

رُلي وئي راهه ۾ ويچارڙي ور جي پنيان ويندي
سسئيءَ جي ڪُوڪ هڪ پاسي، تنوارون توڏ هڪ پاسي

عزت، ذلت پنهنجي وس آ، رکي محفوظ ڪو ماڻهو
محل ۾ مير هڪ پاسي، پکن ۾ اوڏ هڪ پاسي

ٿئي حل مسئلو ڪيئن تو ختم ٿئي معاملو ڪنهن پر
انا "راشد" جي هڪ پاسي، هنن جي هوڏ هڪ پاسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ آهي ويڙهہ ڪنهن جي فائدي ۾
چڱو آهي رهو سڀ ضابطي ۾

ڏماڪن کي اوهان آ ڀوڳ ڄاتو
انڌا ٻوڙا ٿي ويندؤ حادثي ۾

رڳو نقصان ئي نقصان جنهن مان
وِجهو هٿ ڪين اهڙي مامري ۾

غلامن کي ڀلا ڪهڙي خبر آ
مزو جيڪو بہ آهي آجپي ۾

قبر ڪوٺڻ ڪان لهرائي ويا ها
دعا جي ويل آيا رابطي ۾

سياست سان سماجي خدمتن جون
اميدون ڪونہ آهن وائڙي ۾

اهو صوفي نہ پر لوسي ئي سمجهو
نظر بد آهہ جنهن جي ٻالڪي ۾

ڪندو بابا هو ساڃي ڪِرت يارو
نہ آهي عيب ڪو ڪم رازڪي ۾

انهن کي ڪير سمجهائي اي "راشدا"
وجهن ٿا ڏوڙ ڇو پنهنجي مٽي ۾

soonhsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻُڏي جو گوڙ جي ٽڙ ٽڙ
وڏي دل جي وئي ڏڙ ڏڙ

ڪيو بيزار برساتن
ڪئي پوڙهي پئي ٻَڙ ٻَڙ

ڳُنا گهرَ ۾ پيا ٽڙڪن
هلي هر جاءِ پئي ٽَڙ ٽَڙ

وئي وئي باهه لوڙهي ڪي
اُمالڪ تي وئي جَهڙِ جَهڙِ

وري آ مند پن ڇڻ جي
رڳو آ فرش تي ڪَڙ ڪَڙ

اُجارا هرڻ ماريا ويا
مُئا ماري هُيا ٽَڙِ ٽَڙِ

سنڌي ٻوليءَ جا سونارا
نوان الفاظ ڪي گهڙ گهڙ

هئي ڳُڪ ڇڻ ته ڳُڪُ "راشدا!"
ڪئي چو ڪانَ آ ڳَڙِ ڳَڙِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نه دلچسپي رهي آهي اوهان کان پوءِ ڪنهن ڪم ۾
وري واپس اچو جيسين، گذاريندس پيو غم ۾

وسي ٿو مَنَ ۾ سندس ميهار ويو محبوب من مُٺڙو
ڪشش آئي نظر سهڻيءَ کي ڪانهي ڪا ذرو ڏم ۾

ادب ۾ بي ادب ماڻهوءَ جي گنجائش نه آ ڪائي
صحافيءَ کي نٿو سونهي لکيئي جيڪي به ڪالم ۾

اڪيلو ڪونه آهيان جو ٿيان مايوس ۽ ماندو
مدد ٿيندو اچي مون سان، اميد آ حال محرم ۾

سوين سگريٽ ساڙي ٿو موالي روز شب جيڪو
انهيءَ کي دوستو ايندو ڀلا رت ڇو نه بلغم ۾

ڇڏي گهر گهاٽ جي ڳڻتي، اچي ٿو ناچڻيءَ آڏو
سڄوئي گم لڳو پيو آ، وڏيرو ڇم ڇمان ڇم ۾

انهن تي پاڻُ هيرائي ڇڏيوسين هوش ونديءَ سان
ڇڳايون جي نظر آيون اسان کي گروءَ گوتم ۾

لڳي جي جنگ هندستان، پاڪستان جي وچ تي
الائي ڇا نه ڇا ٿيندو مهانگائيءَ جي عالم ۾

فخر جهڙي اها آ ڳالهه "راشد" لاءِ اي لوڪوا
ڏٺي تصوير هن پنهنجي، پرينءَ پنهنجي جي البم ۾



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي ڀاڻ کي ڪاميابي ڪٿي آ
اڃو يار ڄاڻڇيون خرابي ڪٿي آ

سنڌءِ لال لب ڇو ويا ڪارڙا ٿي
ڳلن جي بہ رنگت گلابي ڪٿي آ

پڙهڻ ساڻ سڀ ڪجهہ هو معلوم ٿيندو
اهو تنهنجو ڇهرو ڪتابي ڪٿي آ

طبيعت ۾ نهي جي نٿي ميل ڪائي
طبع آتشي ٿنهنجي، آبي ڪٿي آ

سڏيندا تہ ڀهچڻ ۾ ڪا دير ڪانهي
هلي مهر ڪا انقلابي ڪٿي آ

ٿروهي چريو ٿي، ڪهٿين داڻ "راشد"
منهنجو يارُ ڪوئي شرابي ڪٿي آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حياتي ڄڻ ڇٽي تي پئي
جيڻ کان دل ڪٽي تي پئي

ڪڙي تي زندگي قاتل
عمرِ وِهَ جي وٽي تي پئي

جتي دلبر جا پيرا ها
اتان منهنجي گهٽي تي پئي

پڙهان تو آءٌ باراڻو
سنڌءِ صورت پَٽي تي پئي

تنهنجي درگاهه جي نادي
تہ موکيءَ جي مَٽي تي پئي

اٿن مرضي تہ ڇا پيا ڪن
هنن جي هڪ هَٽي تي پئي

گهرون انصاف ڪيئن ”راشدا!“
عدالت انڌ لٽي تي پئي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين سان مينهن ڪئي آ ريس چا لئه
ڪڪر بنجي پيا شو پيس چا لئه

سوين تو روز پيو مشتاق مارين
پرين، ايذا ڪرين تو ڪيس چا لئه

وڏيري ڏي وڃو تا ڪامريڊو!
ڪيو پيا تا اُتي ڳئيءَ گيس چا لئه

اگر خود دار آهين پيءَ واتگر
اچئي تي رئيس مان آسيس چا لئه

اکيون هن آگ جهڙيون يار تنهنجون
ٿيا ايجاد پو ماچيس چا لئه

هنن کي هاڻ ملهه وڙهڻي ئي ڪانهي
پيا جهاڙيو تا جوڙ ۽ جيس چا لئه

شروع کان ئي غلط آهيو تہ پوءِ تا
ملهايو ڏينهڙا تاسيس چا لئه

گهڻو پرهيزگار تہ ڪونہ آهيان
ڪنئي ٻائي مون سان ابليس چا لئه

تهي اڳواڻ ويا دشمن سان جڏهين
وڌايون "راشدا" پوءِ سيس چا لئه



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسُ فراق جي ڪيو آ غمَ شڪار ڪيترو
ڇڱؤ ڀريِن ٿيان بہ هاڻ ٻردبار ڪيترو

جو ڀڃو ٿا مون ڪان سو تہ ڀاڻ ڪان ڀڃي ڇڏيو
ڇا ڇوان تہ آ اوهان سان دل جو پيار ڪيترو

تو اچان وڃڻ جي ڳالهہ محب آهہ مس ڪئي
ڏِسُ بدنُ تي آ چڙهي ويو بخار ڪيترو

سڀ شُورَ مون مٿان ستي ڇڏيئي عجيب ٿو لڳي
سوچ تون تہ آدمي سهي بہ بار ڪيترو

ڇو اثر نٿو ٿئي اوهان تي ڪوبہ سنگدل!
ٿو ستائيندو رهانءِ بار بار ڪيترو

تو وٺان اچان تہ ڪوبہ ڏڀ نٿو ملبس ڀيو
خاڪ ۾ ڀيو ليٽڙي هي خاڪسار ڪيترو

آ نيڻهن "راشدا" ڪيوم نامدار ڪيترو
آ عشقباز ٿي ڀيو دنيا ۾ خوار ڪيترو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ظلم جي پڇاڻي، ڳڻتيءَ جي ڳالهه ڪانهي
ڏِسُ رات آ وهاڻي، ڳڻتيءَ جي ڳالهه ڪانهي

لايو ٿيو سجايو ورهين پڇاڻان آيو
سنڌوءَ ۾ جام پاڻي، ڳڻتيءَ جي ڳالهه ڪانهي

تو سان آ ساٿ ساڻي، ڳڻتيءَ جي ڳالهه ڪانهي
جاني، جواني ماڻي، ڳڻتيءَ جي ڳالهه ڪانهي

ٿي راڄ سان پلائي، جنهن جوءِ ٿي جلائي
سا آگ آ اُجهاڻي، ڳڻتيءَ جي ڳالهه ڪانهي

هُن ڪي منهنجي سچائي، آ ڏيان ۾ نہ آئي
هوءِ آهه وڏ گهراڻي، ڳڻتيءَ جي ڳالهه ڪانهي

سڙندا سڙي وڃا حاسد، ڇا لڳ ٿو يار "راشد"
اڪڙين ۾ آب آڻي، ڳڻتيءَ جي ڳالهه ڪانهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محبت جي تہ ميارن، ننڍ ڦٽائي آ
قاصد، خبرن چارن، ننڍ ڦٽائي آ

دل تہ چوي ٿي ڪوسي ڪڇ مان ڪين اُٿان
وڏڙن جي ڦٽڪارن، ننڍ ڦٽائي آ

گيڙو پوش فقير جي آلاپن توڙي
دوتاري جي تارن ننڍ ڦٽائي آ

خوابن خيالن ۾ ڏوراپا روز ڏين
مارئيءَ جي تا مارُن، ننڍ ڦٽائي آ

نظرون آهن ڇاپ ڇڏي ويون ڇاتيءَ تي
ڪنهن جي نيڻ نهارُن، ننڍ ڦٽائي آ

مان هت بيوس باندي آهيان پڃري ۾
اُڏندن جي تہ اُڏارن، ننڍ ڦٽائي آ

ڪرڪي ڏيانُ ڇڪائن ٿيون آزاديءَ ڏي
ڳونجن جي تہ قطارن، ننڍ ڦٽائي آ

محبت مارين ڪي آرام نہ آ "راشد!"
سهڻا تنهنجي سارُن، ننڍ ڦٽائي آ



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرِ بازار بيهي ڳاءِ، توکي ڪير تو روڪي
ڪٽي ڪڙتال کي ڪڙڪاءِ، توکي ڪير تو روڪي

اول ۾ منت ۽ آزي، پڇاڙيءَ ڏاگهه چڙهه مومل
رُئل راڻو ائين پرچاءِ، توکي ڪير تو روڪي

ورهيہ گذري ويا آهن، اتيو آواز کو ڪونهي
وري ڪر ووءِ يا تون واءِ، توکي ڪير تو روڪي

مسيحا تي جي مُردن ۾ وجهين تو ساهه وجهه بيشڪ
دلين ۾ درد کو جاڳاءِ، توکي ڪير تو روڪي

ڏسون پيا تا تہ سالن کان سنڌي ماڻهو ستا پيا هن
پلي پنيت وري پڙڪاءِ، توکي ڪير تو روڪي

اٿي ڪر صاف دو تارو چڙهي ويو زنگ تارن تي
وري تندن کي تون تڙپاءِ، توکي ڪير تو روڪي

ٻڌن تا ڪين جي ٻوڙا، ڏسن تا ڪين جي انڌا
تہ پنهنجي روح کي ريجهاءِ، توکي ڪير تو روڪي

حصي پنهنجي جو ڪم ”راشد“، اوس ڪرڻو اٿئي سو ڪر
ڇڏي جڳ جوءِ کي جرڪاءِ، توکي ڪير تو روڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اسان جي دل دنيا ۾ آ، نڪا ارهي نڪا سرهي
اسان آهيون اسان جي آهه آڏو ڏڪر جي ڦرهي

اچي جيڪا بہ ٿي تڪليف ان کي ياد ڪرڻو آ
پيا هن پوڳڻا ٻرَ ڪي، پيا هن جهاڳڻا جَرَ هي

صدائون ٿو ٻڌان تنهنجون، لڳان مجبور ۽ بيوس
اُڏامي ڪيئن اچان تو ڏي، ڦٽيا صياد جو پَرَ هي

متان سمجهين تہ خوش آهين، تنهنجي بند ۾ باندي
مچيندا ڦيد تنهنجي کي، نڪي ناريون نڪي نَرَ هي

پريل هو هانوءَ تو هوندي، ٻڌي دلدار دل اوٺي
تنهنجي اٿهوند ۾ آخر پريندو ڪير ڇؤ ڪَرَ هي

نہ رنڊيا روڙ "راشد" يار محنت جي ضرورت آ
اڳيان شعرا جي محفل آ، شعر لکڻو اٿئي ڦرحي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شال نہ ڪوئي ماڻهو ڦاسي اهڙي اوجهڙ ڪو
دلڙي ويچاري ڪاٿي پهچي، ڏيک جيان ٻڙڪو

ڪيئن ٻہ ڪري ڀڄڪ پهرين ۾ ست ٽون نياڻيءَ جي اوگهڙ
پيءُ جي تربت تان لاهي وٺ پورهيت ٽون ٻڙ ڪو

ڪوبہ سُجائيءَ ۾ نہ سهارو رهيو آهي اڄ
هاڻ تہ مون ڏي دوست لڙي ٿو ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو

لالچ ۽ ڏپ ترڪ ڪيو تا بنجو بي پرواھ
بهشت دلاسو آهي جيئن دوزخ آ ڏڙڪو

آھ ٻڌي ۽ محنت آڏو هر مشڪل آسان
خوف وڏيري جي ۾ هاريءَ چو تا پيا ٽڙڪوا

طرح انهيءَ سان سهندو ڪاٿي بارُ پلا ٻڙ ڪو
ٽڙ ۽ ڏارن کي ڇڏيو تا لامن ۾ لڙڪو

باقي ان جي پوءِ ٻچڻ جو کهڙو چارو آھ
جڏهين باھ ڏئي ٿي ڪنهن جي ٻُنيءَ کان ٻڙڪو

"راشد" همت مردان کي ٿي سوڀ ٿئي حاصل
گڏجي سڏجي ظالم تي شل ڪاھ ڪري ڪڙڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

نوان ٽئون نينهڙا لاتا
اڇڻ جي لئہ اسين آتا

تنهنجي عظمت مٿان آئون
وڃان شل گهورجي ماتا!

بگاڙن ڪجھ نٿا هُن جو
پٽون پنهنجون ۽ پاراتا

پيو پالي سڄي دنيا
مگر مسڪين اَن داتا

سمهڻ سُک سان نہ ڏيندا هي
تہ وڏ پيٽا ۽ وڏ واتا

مٿا، مختياڪاريءَ ۾
مٿائن ظلم سان ڪاتا

ٿڙي رابيل پيا چوڌر
اگهڻ تي پير تو پاتا

اُڪاريو يار "راشد" ڪي
تہ پهرئين پور پيڙياتا!



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
soorhsindhiadab

هٿ نہ ملايون، دل نہ لڳايون، جهڙي تهڙي ساڻ
پر جي لايون توڙ نباهيون، ايري سيري ساڻ

ڏيندڙ! جي ڪجھ ڏيڻو اٿئي، ڏيئي ڇڏ ڏاتار
چاهي تنهنجو جهول اسان جي ميري سيري ساڻ

خاموشيءَ کي عيب تي سمجهيو حافظ محمد بخش[1]
ساري عمر گذاريئين پنهنجي ٿهڪي ڦهڪي ساڻ

سانڍي رکيا سور مون آهن دل جي دلبر لاءِ
حال نہ دل جو اوري سگهبو ايري غيري ساڻ

همت مردان مدد خدا هن مايوسيون مڪروه
سڀ ڪم سولا ٿيندا ارادي تنهنجي منهنجي ساڻ

انگڻ ونگڻ آزاديءَ جون ڳالهيون يار ذڪيون
ڪوڙ ميارون ڏيندي آ هر ويري پيري ساڻ

ڪاروڪاريءَ جا قائل سڀ اڄ آهن خاموش
ڪارو منهن تہ ڪيو آ هتڙي چوري چوري ساڻ

ڏوهاري ماڻهن جي وچ تي رهڻو پيو مجبور
مڙئي وقت گذاريون ٿا پيا دڙڪي ڪڙڪي ساڻ

"صدقي تن تان جن جي دم سان با رونق بازار"
پڻ جهڻ ڪئي پئي پر ۾ ويهي پڙوي پڙوي ساڻ

هائو دوست لسا هن هتڙي ڏهہ ئي ڏوڪڙ هاڻ
"راشد" يار حساب چڪايون کهڙي کهڙي ساڻ

---

[1] حافظ محمد بخش خاصخيلي هڪ سگهڙ شاعر



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو ڏئين ٿو هر ڪنهين کي، تورَ توڙي ماپ گهٽ
سَٽِ ميان پنهنجي ملّان اوَ سيٺ صاحب پاپ گهٽ

جنهن به دل ۾ ٿا ڏسون، تنهنجي اُئي تصوير آهه
ڇُرِ تون ڇاتِين عام ماڻهن جي ٿي اهڙي ڇاپ گهٽ

جوڙُ هي تنهنجو ۽ منهنجو واهه جڙيو جڳ اندر
ان طرح جا ٿا ٿِين دنيا اندر ميلاپ گهٽ

ظلم ۽ زورآوريءَ سان پين ڪي جي زير ڪن
ها اسان جي سنڌ ۾ اهڙا نه آڙيڪاپ گهٽ

دانهن تي دل ٿي ٽٽي، اندر نه اڏڪر منگتا!
ڪيو اندر مان پانهنجي، دردن سندا آلاپ گهٽ

چاپَ جي ڇيڇي وئي، شايد ڪري "راشد" رڙيون
ساهه کي سُوکهي ڪرڻ لئه، ڏيج ٿوري چاپ گهٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soomsindhiadab

تي سگھي ٿو اوچتو ڪوئي سبب بنجي پوي
ڪرب جهڙي زندگي، عيش وطرب بنجي پوي

سائنسي ترقيءَ جي مهڙي دؤر ۾ ممڪن نہ آ
عشق ۾ مون جيئن بہ ڪوئي جان بلب بنجي پوي

وياج خورو ٿو ڏئي، واڌيءَ تي پئسا لوڪ کي
من سندس ملڪيت وڏي ارب وکرب بنجي پوي

ڪنهن بہ ماڻهوءَ ساڻ سهڻا ايترو ويجهو نہ ٿيءُ
ڏس متان ماڻهن منجهان ڪو بي ادب بنجي پوي

ڪوبہ ڏرڙو ڪونہ ڪٿ آهي اصيلن مان ٿيو
تربيت سان ڪونہ ٿو اعليٰ نسب بنجي پوي

روزگاريءَ جو وڏي ويو رنج آهي راج لئہ
ڪاش خوش ماحول سارو روز شب بنجي پوي

آهہ ممڪن اڄ سياڻي حالتون منجهي پون
تنهنجو "راشد" تنهنجي دشمن لئہ غضب بنجي پوي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسر جو منهنجو اٿڻ معمول بنجي ويو
من عبادت ۾ سدا مشغول بنجي ويو

موت منهنجي تي اچڻ لئہ تيار ٿيو آهي
نيت هن جي لئہ سبب معقول بنجي ويو

جت شهادت بعد آرامي ٿيو "عبدالرزاق"(1)
نانءُ اُن جي سان اهو چوسول بنجي ويو

انقلابي دوستن کي سڏ ڪيو ساٿي
آ سڄو ماحول ئي مجهول بنجي ويو

آهہ آخرڪار ٽُنهنجو سچ لٿو آمر!
ڏينهن تنهنجو هو برابر طول بنجي ويو

سنڌ وٽ جيڪو هيو ٻيَرَ امن جو نعرو
ڏيهہ ۽ پرڏيهہ ۾ مقبول بنجي ويو

ڍول کي هي ڍل ڏيڻ جو وقت آيو آ
بس اهو واجب ادا محصول بنجي ويو

جڏ عزيزِ من ٿيو هارون رشيد آهي
تڏهن کان "راشد" بہ آ بهلول بنجي ويو

---

(1) شهيد عبدالرزاق سومرو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي پر بندگي ڪر ڪين واندو ويهه ڙي
چو تہ اي عابد، عبادت جو نہ آهي چيهه ڙي

جيستائين من جو مقصد توکي حاصل ٿي وڃي
ديس جو ڏؤرو بہ ڪر ۽ ڏورِ تون پرڏيهه ڙي

شرط هي آهي مسلسل تون ڪندو محنت رهين
چو وڃين پو دور تون ناهي سُڃو ساٿيهه ڙي

جنهن چيو ڪاري آ ليليٰ، تنهن کي مجنونءَ هيئن چيو
منهنجي نظرن ساڻ ڏس تون، منهنجي اک ۾ پيهه ڙي

تورڙي تڪليف سان هي عيب ڏکجي تو سگهي
ڪين ڳَهَ کي ڳارِ "راشد"، ڏيارِ ڳهه کي ريهُ ڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان جهڙن ننڍن ماڻهن سان ان جو پيار اڻ توريو
اهي اوصاف ڏسندي ئي متائن سر اسان گهوريو

اکين سر جي صدا هنئين ۾ اکين هاڪار ڪئي جلدي
نه ٻيجل پاڻ ئي ٻوليو نه چارڻ چَنگ ئي چوريو

اڙي نرجا ٻه ويڙهائو ڪيو ٿا ڪار شيطاني
اوهان کي آهه ڪائي ڀل ته ڇيٽا روز پيا پوريو

سڏي پنهنجو ڪيو يا ٻيڪڙي در ئي ڇڏيو پنهنجو
اوهان جي هاڻ مرضي آ، اسان آ حالِ دل اوريو

ڪيان تو ياد مان توکي، وڃان تو دلربا دوريو
جدائي يار تنهنجيءَ، آهه منهنجي جيءَ کي جهوريو

سڄڻ ساٿيهه ۾ هو پر ڇڏيوسين ٻونءِ کي ٻُلجي
هتي هو ديس ۾ دلبر، اسان پرڏيهه پئي ڏوريو

اچي ويو آ اگهڻ جاني، اسان جو ثاب پيو پورهيو
جنهين جي لئه اسان "راشد"، سگهو سِڪ جو پئي سوريو



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪري يار ڪچ بيوفائي تنتي ويا
ڏماڪو تيو اهڙو نشا ئي تنتي ويا

اچن متن وارا ٻہ جوڙا ڇجي ويا
جوانن جو چاهي، مڙها ئي تنتي ويا

ٻڌيءَ ۾ رهن ها تہ ٻيهر وڙهن ها
نہ متحد رهيا، هار ڪائي تنتي ويا

ڪتي هاڻ پوڄا ڪري ديوداسي
جڏهن دل سندا ديوتائي تنتي ويا

نہ سوچيو نہ لوچيوسين آسودگيءَ ۾
هينئر گلَ پئي آسرا ئي تنتي ويا

چئو هاڻ ڪيئن پنهنجي منزل کي پهچون
سٺا همسفر پرجهلا ئي تنتي ويا

اسان ڏپ ۾ ورتل وچون هاڻ ڪاڏي
پنهنجي ساٿ مان بي ڏپا ئي تنتي ويا

گناهن ۾ تي غرق ويا نيڪ ماڻهو
جي رکندا هئا پارسائي تنتي ويا

تني پيئي دلڙي جو دلبر رُسي ويا
ڪندا جي هئا دلربا ئي تنتي ويا

رهيس پوءِ ٻہ ثابت قدم آءٌ "راشد"
انهيءَ ويڙهہ ۾ ڏِسُ هڏا ئي تنتي ويا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ننڍين کي اهميت ڏين ٿا ايڏي، اها انهن جي وڏائي آهي
اسان جي خوش تي خيال دل جي، پرين ڪئي پٽ پرائي آهي

خصيص انسان پوءِ ڍائي ته پانهنجي پَٽِ وڃائي آهي
رڳو نہ پاڻ ئي خراب ٿيو آهہ، لوءِ لوسيءَ لڄائي آهي

ڪيو جو احسان آهہ ڏرتيءَ گهٽڻ سان تي گهڻ گهرائي آهي
جتي بہ جنهن ۾ بہ ڪو ماڻهپو آ، انهيءَ سان الفت سوائي آهي

توهان جي نظر ڪرم اسان لئہ، انڌير ۾ جڻ سهائي آهي
جڏهن بہ مشڪل وڏي ويا هن، ڪئي تو مشڪل ڪشائي آهي

چوي ٿي دلڙي ڪجي محبت لڳي پئي واندڪائي آهي
مگر ڪجي تا ڪجي بہ ڪنهن سان، هتي تہ هرڪو توائي آهي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل چيو دلبر سندي دامن جهليو بيٺو هجان
ان جي سواريءَ جون سدا واڳون وٺيو بيٺو هجان

رات ساري مان عبادت ۾ هجان مشغول شل
صبح جو در تي ڏسي، ٻانهون ٻڌيو بيٺو هجان

پيش پرينِ جي ڪيان، ماحول جا سڀ مامرا
سور سڀ سنسار جا سر تي سٽيو بيٺو هجان

زندگي بي بندگي، شرمندگي آهي صفا
ناهه ممڪن جو سجڻ مان هٿ ڪڍيو بيٺو هجان

نيٺ ايندس رحم ۾ پنهنجو ڪٺي مون کي ڪندو
هو ڌڪاري ته به وري در تي وريو بيٺو هجان

عمر ڀر جي ويڙهه ۾ مان ڍال ٿيان هُن جي اڳيان
ڪيس ٿئي ڪجهه ڪين مان سارو ڦٽيو بيٺو هجان

حالِ دل منهنجي ڪي ڄاڻي ڀاڻ تو پارس پرين
ڪجهه ڪُڇان ئي ڪين آڏو بُت بنيو بيٺو هجان

يار تان صدقي ٿيڻ جي لاءِ مان حاضر رهان
آسرو سر ساهه تان "راشد" پليو بيٺو هجان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

من ۾ مندي ناهه سمايل، دل ۾ ڪنهن لئہ غير ئي ڪونهي
منهنجو ڪو ويري ڇو ٿيندو، منهنجو ڪنهن سان وير ئي ڪونهي

سوڀياوان قدم ڪڻ سائين! طرف اسان جي ٿيءُ روانو
ورهين ڪان هن پاسي ڏي ڇو پيارا تنهنجو پير ئي ڪونهي

دؤر اچي ويو آهي اهڙو هرڪو پنهنجيءَ ۾ آ پورو
اُن ڪان مڻ ڪيئن گهرجي، جنهن وٽ پنهنجي لئہ هڪ سير ئي ڪونهي

سوچڻ سمجهڻ ڏاران ساٿي، ڪوشش ڪابہ اجائي ٿيندي
ڇاڙپ ان ۾ هٽجي ڇا لئہ، جنهن ۾ هاٺي ٻير ئي ڪونهي

عيش ۽ عشرت ڏي هر ڪائي، مون کي ڪيئن سگهندين ڀنيلائي؟
ڀليو آهين ان پاسي ڏي، پنهنجو اير ۽ ٻير ئي ڪونهي

در تي ٺڪ ٺڪ آهي شايد "راشد" پاڻ اچي ويو آهي
خواب هئو يا خيال هئو ڪو در تي ٻاهر ڪير ئي ڪونهي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان صوفي، اسان جي لاءِ مڙئي خير هوندو هو
نہ دل ۾ غير هوندو هو نہ من ۾ مير هوندو هو

ڪُپي ويندو سپن جو خيال هو هن جي حسن ۾ ئي
اچي محفل ۾ وهندو هو الائي ڪير هوندو هو

ڏني محبت جي بدلي ۾ سدا نادان نفرت آ
انهيءَ ڪم ظرف جو مون سان اصل ڪان وير هوندو هو

انهيءَ وينگس ڪي وَرَ هوندي بہ گهر ۾ چين ڪاتي هو
ٻلي شيري جيان اُن کي تڪيندڙ ڏير هوندو هو

نظر آئي اسان کي ڪابہ خوبي ڪانہ صاحب ۾
نہ هو ڪو ماڻهپو هن ۾، گلا جو ڍير هوندو هو

پرينءَ منهنجي اڳيان سهڻا لڳا سڀ لومڙين جهڙا
مني منثار ڪان اڳ ۾ تہ سيڪو شير هوندو هو

حياتيءَ ۾ نہ ڪم اهڙو ڪيم جو شرمساري ٿئي
ڪنيو "راشد" سدائين مون سجايو پير هوندو هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چؤطرف ماحول ۾ ڌاپڙ ٻه ڪِھڙي آ
روح رچنديءَ لئہ جبل جي ڇُر ٻه ڪِھڙي آ

بارُ دل تي چو ٽيو ٿئي، چو پريشاني وڌيئي
هڪ چميءَ جو سوال آ. ٻي گُهرَ ٻه ڪِھڙي آ

چو ڀلا پٽ سان لڳايو ويو اسان جي ذات کي
چؤ غداري ڪئي اسان جي ڪُرَ ٻه ڪِھڙي آ

قيمتي پٿر هئو محبوب جي ڳنَ ۾ پيل
سونهن سهڻي جي وڌائي دُرَ ٻه ڪِھڙي آ

گهر ڏٺين کي جيستائين ننڍ ڪا ڀيهر اچي
ڪن گهڙيءَ لئہ مال جي آهُرَ ٻه ڪِھڙي آ

توئي ليلان هار تي وڙُ آ وڪيو ڪجھ سوچ ڪر
بيوفائي ڪئي ڀلا ٺاڪُرَ ٻه ڪِھڙي آ

واھ گلڪاري ڪيئي "راشد" جي دل تي اي پرين!
منهنجي ڇاتيءَ تي ڇُري تو ڇُر ٻه ڪِھڙي آ



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نجومي! ٻڌائج ڪري اڳ ڪتي
ڪڏهن پونداسين هوءَ ۽ مان، ٻه تي

وچان مان نه نڪري وِتئون او پرين!
نه همٿاءِ مون کي ائين ڏئي هٿي

جڏهن وقت پاڙي تي اوکو پيو
سين مون مٿان ئي مصيبت سَٽي

هنن حالتن ۾ ڪپي حوصلو
لٿو سج ۽ رات مون تي لٿي

غريبت ۾ غم تيا گهٽا ئي ڪٽي
نه لوڙهو وڏو آ نه گهر جي ڀِٽي

سگهو پهچ "راشد"، سڏي سات تو
ڪٽي رک تون پنهنجي ڪلهي تي ڪٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آءُ تيو هُس بالغ مَسَ
دل سان ٿي ويئي هَٽَ ڪَسَ

ڏڪا، دهمان، گاريون، دَسَ
پيار پلڻ لئہ ڪيئون وَسَ

ساڳيا لاتون، ساڳيا چُگَهہ
ساڳيون واتون، ساڳيا گَسَ

مون تڪليف سَٺي آ پر
هو بہ ڏيندا ڏيهنِ ڪي ڏَسَ

عشق وارن انعام ڏنا
لک شاباسون لکها جَسَ

آزاديءَ سان ڪر محبوب!
"راشد" ساڻ رهاڻيون رَسَ



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پڙهو نوجوانو! خوشيءَ سان پڙهو
پڙهڻ سان ضروري آ تورو ڪڙهو

بلنديءَ تي پهچائي ٿو پيو علم
ڪيو جهد ترقيءَ جا ڏاڪا چڙهو

ٿيو ڏوهہ ڪهڙو جي شادي ڪين
پئي هوءَ بہ رنجي تہ هو پڻ چڙهو

ائين روز ڳهندا ڪائيندا وڃو
متان پو پڪين ۾ پوي ڪو لڙهو

وزم ڪان سوا ٿو ڳماٽو وتي
مواليءَ ڪيو تيار آهي ٻڙهو

اڳيان ڳوٺ وارن جي ڏاڙيل هِن
چوي چوڌري ٻيو تہ "آڳي ٻڙهو"

عُمر هِن ۾ "راشد" رُسامو بہ ڇو
ٻڌي هوءَ بہ جهوني تہ مان پڻ مڙهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڇو ڪوٽ، ڪالر تي ڪارو گلاب
عجب انقلاب آ، حسين انتخاب

رڌي هاڻ ڪچڙي تہ ڪارائجين
گلا جو وتو آهہ جن جن جلاب

ذرو گنج مان ڏيج فقراءَ کي بہ
حسن مان ڏئي ونڊُ ڪٽ تون ثواب

لکيون عرض آزيون مون عالي جناب
وڙهڻ جهڙو واپس مُڪئي چو جواب

سنڌءِ سور سنڌو اٿم بي حساب
رهيو ناهہ تنهنجو اڳيون آب تاب

حياتيءَ جو "راشد!" سمورو ڪتاب
ڪيو مون اوهان ڏانهن آ انتساب



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀي دنيا تي وڏي طائرانہ نظر
ٻونهن تنهنجيءَ تي آ شاعرانہ نظر

فيض بخشي وئي آهہ نظرِ ڪرم
روح ويئي رڱي عارفانہ نظر

هر ڊنل ساهہ هو ڪنبندو ماهہ هو
مُلڪ تي هئي جڏهن آمرانہ نظر

غائبانہ تعارف ٿيو ڪالهہ هو
روبرو اڄ ڏٺم عالمانہ نظر

مون کي اتساهہ بخشي وئي جهت اندر
تو وڏي مون مٿان دوستانہ نظر

نيٺ نيڻن نهارُن کي پرکي ويا
آهہ پڌري ٿي پئي عاشقانہ نظر

دل چوي ٿي تہ ان کي مان انڌو ڪيان
سنڌ تي آهہ جا غاصبانہ نظر

صد شڪر آهہ انصاف اربي وئي
ديس کي دوستو عادلانہ نظر

ڪالهہ تائين هئي جيڪا معصومڙي
اڄ وڏي وڃ ٻڻي بالغانہ نظر

"راشدا!" ادبي سنگت ۾ يارن وڏي
شاعريءَ جي مٿان ناقدانہ نظر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تري دل تي وري آيا، پراڻا ڪي زمانا ها
امن، الفت ۽ خوشحالي، خوشيون ۽ شادمانا ها

پيارا ٻوڙ جي پاڙيءَ ڪي جهاڳي پهچندا ها پيا
ڳچي ۾ بند جي پريان اسان جا آستانا ها

رُسڻ جي ريت ئي ڪوجهي هئي، غلطي ٻنهي کان ٿي
سَنا مون پڻ هئا مهڻا، مليا توکي به طعنا ها

سياحت لئه وڃڻ ڪاڏي ڪڏهن ڪنهن پيرَ جي زيارت
اگر گڏجڻ گهرين ها تون، ملڻ لئه ڳئين بهانا ها

ڏکوئيندڙ هئو منظر، نون ورهين جي نينگر کي
ڪتابن جي بجاءِ هٿ ۾ صبح سان پڪڙ پانا ها

شُڪر آ محنتي ساٿيءَ "عبدالحق"(1) کان پوءِ پڻ پي
پياري شهر موري ۾ ٻٽي ماڻهو يگانا ها

اسان ڪيڏو نه خوش ٿيندا هئاسون يار ماضيءَ ۾
ڪراچيءَ ۾ جڏهن لڳندا نوان ڪي ڪارخانا ها

پٽيان تن جي هلڻ ڪپندو هئو "راشد" اسان کي پڻ
منا ماڻهو جڏهن ٿي موڪلائي ٿيا روانا ها

---

(1) مرحوم عبدالحق ميمڻ سماجي ورڪر



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجن پل حالتون ڪهڙيون به، مون ڇڏيو قلم ڪونهي
رهيو ڪهڙو مسئلو آ، ڪيو جيڪو رقم ڪونهي

حصي پنهنجي جو ڪم پورو ڪيو مون وقت کان اڳ ۾
حياتيءَ جي ڪُتڻ جو هاڻ مون کي ڪوبہ غم ڪونهي

رهيا ثابت قدم آهيون، ڪنيو ابتو قدم ڪونهي
زماني زور لاتا پر اسان ٽوڙيو قسم ڪونهي

علي الاعلان سهٽيءَ ساهري گهر ڇئي ڏنو هِنَ پَر
منهنجو سينگار ساهڙ آ، منهنجو محبوب ڏم ڪونهي

وڏي طاقت محبت آ، محبت ماتِ ڪيئن ٿيندي؟
هٽائي پيار کان مون کي دنيا ۾ ايڏو دم ڪونهي

مٽي ڪيئن عادتي عادت، بڻي عادت وئي عضوو
پڇي ڪم ڪار ڪيئن هن کان مواليءَ کي وزم ڪونهي

اويرو ڪيترو ڪوئي بہ آيو ڇئن ٿي مليو
اسان جو بند ٿيو ڪڏهين بہ "راشد" آشرم ڪونهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪلاءِ رئندڙ ڪلاءِ جاني!
وري بہ جلوو پساءِ جاني!

رواتُ تنقيد جو نہ ڇڏ تون
خيال منهنجو لساءِ جاني!

پيار الفت ورهاءِ جڳ ۾
جين ۾ جايون ٺاءِ جاني!

گهٽو هلي آ جُهڙالي موسم
نقاب مُنهن تان هٽاءِ جاني!

رکي تون سُرندو سُمهي رهئين ڇو
وري بہ تندون تپاءِ جاني!

پساءِ جڳ کي ٻَڌيءَ جي طاقت
هلي آ جي نہ تہ گُهراءِ جاني!

جنم آ منصور جو هي "راشد"
دنيا کي سچ سچ ٻڌاءِ جاني!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ريشو وهيو ڦاٽي پيا ياڏن جا ڳَڙَ
شام جو ڪوليمر تنهنجي نشانين واري هڙ

رات سڄي جو رئندي گذري عاشق جي
صبح سويرو وسريا تيل ڦليل ۽ ٽڙ

تو ڪان پوءِ دلاسو ڏيندڙ جَسُ لهڻن
آيا ڪيئي شاعر ساٿي يار سُگهڙ

يار جي طرفان آيا جهليمر جهوليءَ ۾
جي نہ تہ ڪونہ سهان هيڏي دردن جي ڌَڙَ

هيسيل دل منهنجيءَ ڪي هو همٿائن ٿا
هن جي راهہ تي بيٺل هيڏا سارا ٻڙ

”راشد“ مون تہ رقيبن لئہ سوچيو بہ نہ هو
مون سان وڙهندا ڏئي منهنجي دلبر جي آڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪاش مون وٽ اچين صرف هڪ رات لئه
آءُ سوچيان به چو پانهنجي گهات لئه

شاعريءَ کي پڙهي نيت ڏاهي چيو
ڏانءُ پڻ آ ضروري ميان! ذات لئه

معاشري جي ڀلائي ڀلا ڪيئن ٿئي
هرڪو سوچي پيو ٿو پنهنجي ذات لئه

ڪجهه سنجهي مان ئي خوش ٿي لُٽائي اتم
ڪجهه بچائي مون جذبات پرِيات لئه

ووٽ جيڪو وٺي، لوڪ کان ويو لڪي
سو جوابده آ موجود حالات لئه

هي جو لوڙيو ۽ رت کي ولوڙيو اتم
هڪ ته ڏرتي پيو هڪڙي مُسمات لئه

"راشدا!" مون جدوجهد آهي ڪئي
رات ۽ ڏينهن حق سچ جي اثبات لئه



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو وڇوڙو ويو آ منهنجون وايون ڇڻ تہ بتال ڪري
پرجڻ جو ئي ڪونهي جيڪو ويو آن وڇڙي خال ڪري

ويڙهہ حياتيءَ جيءَ ۾ هارائڻ جو ڪوئي سوال نہ هو
دشمن تي تہ ميار نہ آ پر ڇڏيو تو بہ ڪمال ڪري

ڏکيو سکيو وقت گذاري وڃجان تون خوددار رهي
سوچ سياڻا! ڪنجوسن ڪان پڇتائيندين سوال ڪري

محبت اهڙي چيز آ جيڪا ڏارين کي بہ ڪري پنهنجو
جيتي وٺ تون جڳ جون دليون، پيار کي استعمال ڪري

پاڻ ۾ چا جي لاءِ وڙهو ٿا، هوش ڪيو هوشيار ٿيو
سوچيو ساٿي، ساري سنڌ جو ڪير ٿو استحصال ڪري

مرضي آ محبوب جي هاڻي خوشيون يا تہ ملال ڪري
جاڻ ڏيو دلدار کي، ويو آ "راشد" رات وصال ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

يوسف جي تہ خريداريءَ لئہ آيا واڪ هزار
دنيادارن سان گڏ بيٺا سُچا ٽاڪ هزار

هر گل تي شبنم جا قطرا آهہ پنل هر شاخ
باغ ۾ آهن سهڻا گلڙا ماڪيا ماڪ هزار

هوش ٺڪاڻي حسن جي آڏو ڪنهن جو رهيو ڪونہ
سونهن کي ڏسندي ٿيا گريبان هتڙي چاڪ هزار

سستي سياڻي ٿي موٽي آ، ويچ نہ اهڙي واٽ
جهنگل ۾ تہ جناور آهن هيبتناڪ هزار

جاتي الفت نظر اچيئي هوندس مان موجود
محبت منهنجيءَ جا دنيا ۾ آهن ٽاڪ هزار

تنهنجي پيار اسان کي ڏرتي گڏ ڪيو هڪ جاءِ
ٽانيڪا ٿيا "راشد" جهڙا هن رولاڪ هزار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مصيبت کي اچي وانگي، هينئر منهن ڏئي سگهون يا نه
زمانو آهه ظالم، هاڻ گڏجي ٻئي سگهون يا نه

پڄائيندا هئاسون ڏوڙ هاٿي حالتون بگڙيون
پوي مُنهن ڏوڙ چڙندڙ جي، اُڏائي رئي سگهون يا نه

زماني زر کيو آ گڏ، اسان کي علم حاصل ٿيو
هينئر پيرن وڏيرن کي به پيرين پئي سگهون يا نه

ٻڏيءَ ۾ آ وڏي طاقت، اسان سڀ چڙ وچڙ آهيون
لٽيرن ۽ ٺهارين کي، وري سچ چئي سگهون يا نه

کنڊن، ڪڙن مٿان ساٿي، جوانيءَ ۾ ٽپياسين پئي
پئي پيري اچي سر تي، لتاڙي لئي سگهون يا نه

سين گڏجي غدارن کي، سزائون تي ڏنيون "راشد"
انهن جي منهن مٿان هاٿي، گهمائي تئي سگهون يا نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بچي ڪائي ڇڏيندڙ ڪان، پليءَ جي ڇا مجال آهي
ڪري حجت اوهان سان، دل جليءَ جي ڇا مجال آهي

اها ئي لار آهي جا وڃائي ٿي ڇڏي هن کي
نه ڏئي جي جيءَ ۾ جايون، ٿليءَ جي ڇا مجال آهي

هوا هٽئون مُجي نياپا گهرائي پاڻ ٿي پاڻهئي
ڇڏي پئونري ڪان منهن موڙي، ڪليءَ جي ڇا مجال آهي

بنايو سيءَ آ مون کي صفا سواليه نشانيءَ جيئن
مون ڪان ٿڌ کي ڇڏي روڪي رليءَ جي ڇا مجال آهي

پنيرن کي پيٽ وارا صفا ڳاڙها لڳا پيا هِن
وڃي ويجهو انهن کي سو هليءَ جي ڇا مجال آهي

ڪنيان ٻارن پٽر "راشد"، گهٽي ماٺهن سان پرجي وئي
نه جا آجيان ڪري منهنجي ڳليءَ جي ڇا مجال آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سجو ئي وقت مون ڪوشش ڪئي آ فيضيابيءَ لئہ
جگر جيرو هڙئي حاضر، اوهان جي اک عقابيءَ لئہ

طبيبو! غور ڪريو ننڊ چو نيڻن کان ڏور آهي
ڪيو تجويز ڪو نسخو اسان جي بيخوابيءَ لئہ

پسايو سونهن پنهنجو پاڻ، بگڙي وئي طبع آهي
ذميواري حسن جي آ طبيعت جي خرابيءَ لئہ

مڪو مون نياز نامو ناز پرور ڏي لکي آهي
لگي آ انتظاري بيقراري خط جوابيءَ لئہ

لکي تاريخ جنهن "مورو ناهي تورو" ڪمالاڻيءَ(1)
صديون سڪندو پيو مورو مثل ميمڻ تُرابيءَ لئہ

نہ ڪڏهن ڪاڻ آ ڪنهن جي بہ ڪنهن پر اي ادا "راشد!"
ضروري آهہ پر اخلاق ماڻهو انقلابيءَ لئہ

(1) محمد مثل ڪمالاڻي "ترابي" جنهن "مورو ناهي تورو" ڪتاب لکيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وئڪيشن آ فراغت ئي فراغت تي وئي آهي
ملڻ جي پڻ جسارت ئي جسارت تي وئي آهي

لڏي هي ڪير پاڙي ۾ اچي وينا نوان ماڻهو
گهٽي ساري غلاظت ئي غلاظت تي وئي آهي

عزيزن ساڻ يارن ساڻ شهرين ساڻ هرجا تي
زماني ۾ سياست ئي سياست تي وئي آهي

شهر واهڻ پيا پڪڙي اسان جا محنتي ورڪر
هنڌين ماڳين حمايت ئي حمايت تي وئي آهي

پُڇين ٿو پيو منهنجي دل جي خوشيءَ جي گر حوالي سان
پنل اڪيون، وضاحت ئي وضاحت تي وئي آهي

اتي ۽ لتي توڙي اجهي بابت نہ ڪجهه بڻيو
تڏهن چوڌر بغاوت ئي بغاوت تي وئي آهي

نماڻو تي نمائي سِرُ ڪيو مون عرض بوسي لئہ
ڏنئين مرڪي اجازت ئي اجازت تي وئي آهي

محبت جا هتي زهر ئي نٿو خالص ملي "راشدا"
هتي هر شيءِ ملاوت ئي ملاوت تي وئي آهي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هل هل گڏجي هل، پو ڏسنداسين
ٻانهن سنڌ جو ٻَلُ، پو ڏسنداسين

سنڌڙيءَ جو سوڳند کڻي تون تيار ٿـ ٿي
چا ٿو چوي مقتل، پو ڏسنداسين

پروانن جي پود نيئن سڀ ناس نـ ٿئي
جل جل مشعل جل، پو ڏسنداسين

اڳتي چا ٿو ٿئي ان تي ڇو سوچين ٿو
رک سُرخي تي تل، پو ڏسنداسين

پهريان آس جيئڻ واري تون ترڪ تـ ڪر
مسئلي جو حل، پو ڏسنداسين

سڀ ڪان پهريان پاڻ ڪري ڏيکاريون ڪجھ
ٻئي جو يار عمل، پو ڏسنداسين

پاڻ اول وينجهار ٿيون، اي "راشدا!" هُو
سونو آ يا پتل، پو ڏسنداسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عيد سعيد جي موقعي تي
ڪاش منهنجو محبوب اچي

درد ڪٽي ڪنهن کي بہ ملي
منهنجو ئي تو جيءَ جلي

طوفانن ۾ گُل ڇڻيا
چوٽ رَسي آ پوپٽ کي

آدم زادين کي دنيا
چاڙهي ڇڏيو ڇَڪلي تي

حيف انهيءَ تي جو آڏو
ڏاڍ ڏسي تو سات ڇڏي

سنڌ امڙ تون سست نہ ٿيءُ
چاڻ تہ "راشد" تو پهچي



soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو وس آ محبوب واڪا ڪرڻ
تنهنجو ڪم آ دلدار دانهون ٻڌڻ

ڪنهن تہ ڏک ۾ ڏجهي ڪان تا ڳوڙها ڳڙن
هانوَ جي هيٺ آهي رُئڻ ۾ ڏيڻ

او پرين! آءُ ڳڏجي ڪو چارو ڪيون
ڏيهہ وجهندو ڏچي پنهنجو هي چُپ رهڻ

ڪو چوي ٿو تہ نقصان ڪونهي ٿيو
اُپ ڦاٽي ڪي مشڪل آ اڳڙي لڳڻ

لڄ پنهنجي لُٽائي رهون ماٺ چو
اڄ تہ ڳاٻا نڪيڙيون ڪيون ڏار ڏڻ

غير پنهنجو تہ ٿئي توڙي گهر ڏين لُٽي
ٻير ٻهرن ڪان آهي اياٽپ گهرڻ

”راشدا!“ تنهنجي وِک وِک تان صدقي وڃان
مون ڏٺو موت ڏي جنهن جو مُرڪي وڃڻ



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدر جو ڪري، سو تہ وينجهار ڪونهي
هي هيرا ڪٽي وچ، خريدار ڪونهي

هڙان ڏئي خريدي پيون ٿا تہ چاهي
او واعظ! اوهان تي تہ ڪو بارُ ڪونهي

اُهي ساڃيا ئي اسان تنهنجا خادم
اوهان جو اڳوڻو مگر پيار ڪونهي

لکون شعر ٿا پر ٻڌايون بہ ڪنهن کي
جو سچ جي ٻڌڻ لئہ تہ ڪو تيار ڪونهي

فريبن ڦريو آ ڏڏل آهيان پر
اوهان جي چوڻ ٿا تہ انڪار ڪونهي

نہ آ منگتو ڪو جي ڏاتارَ آهن
مڱڻهار آهن تہ ڏاتار ڪونهي

پڇي قافلو ڪيئن منزل ڏي "راشد!"
لُٽيل ڪاروان جو ڪو سالار ڪونهي



soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تو ڪان راز دل جو لڪايو نہ ويندو
مگر ٻئي ڪنهين کي ٻڌايو نہ ويندو

هي يارن جي محفل آ خارن جي ناهي
ڪنهين غير کي هٿ ڳنڍايو نہ ويندو

ڪچو ٿي پيو آهہ هڪڙي دفعي جو
اهو ٻئي دفعي آزمايو نہ ويندو

هُجي جيڪو بزدل پڇي دور ٿئي سو
انهيءَ ساڻ ناتو نڀايو نہ ويندو

اسان هوش دودا ٿي ٻيهر اچون ٿا
اسان جو تہ نعرو دٻايو نہ ويندو

ڪسي حق پنهنجا وٺون ٿا اي "راشد!"
ڪو خيرات لئہ هٿ وڌايو نہ ويندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پريشان حال قاصد جا اڳوڻا حال ڪونهن ڪي
تڏهن سمجهان تو اڄ اُن وٽ سٺا احوال ڪونهن ڪي

پرهه جا پياڪ جاڳي پيا، لڳي ويا نينهن جا نعرا
انهن جي سامهون ٿيا، رات جا رکوال ڪونهن ڪي

اهي مانيءَ مڇيءَ وارا سنڌي گهه ۾ لسيءَ وارا
ڦري ڌاڙيل ويا، پوءِ به ٿيا ڪنگال ڪونهن ڪي

بُرا نهندا بُرن سان ٿي، سُٺن جي ساٿ ڪان پڇندا
چڱن سان ڪيئن رهن جن جا چڱا افعال ڪونهن ڪي

پگهارن مان نٿي پورت پوي، اڪثر چون ٿا پيا
پگهارن ۾ جي خوش آهن، سي بچڙيوال ڪونهن ڪي

هتان جي پورهيتن ڪي ڏس، سپيئي پيٽ ۾ پورا
غريبن جي گهرن ۾ ڪي سعودي ريال ڪونهن ڪي

پرين چو ڳالهه "راشد" جي ٻڌين تو ڪونه ڪَنُ ڏيئي
زرين اقوال ٿئي هن وٽ اجايا سوال ڪونهن ڪي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهي پيو آفتون سر تي اسان جو عشق بي صبرو
مري مٽي تياسين هاڻ ڪهڙو خاڪ کي خطرو

اهو روز ازل کان خيال پنهنجي ۾ هئو خدشو
اسان جو نيٺ سِرُ نيندو اوهان جو ناز ۽ نخرو

ٻُڪايل آءُ بوسي جو ڏسي تو وات پاڻي ٿئي
پرينءَ جو منهن مثل گدرو سندس ڳل آهه جڻ ڳترو

ڪلهو اٿئون ڏنو هاڻي ٻچائڻ توڙ لازم آ
برهه جو بار ڳؤرو آ، بدن منهنجو به آ اَڀرو

صبح سان مُنهن پوي شل ڪينڪي انسان بي قدرو
محبت جي تہ ويريءَ جي، مٿان هر وار آ تبرو

پُڇائيندو وتي تو شهر ۾ سائل ڪو بي سمرو
ادا! ڙي ڏَسُ ڏيو ڪاٿي رهي تو پيو سخي جکرو

حسينن جو ادا "راشدا!" گهري تو قرب قرباني
ٺيو جو يارُ ڪاسائي، مون کي ٺيٺو پيو ٻَکرو



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيمار هاسپيٽل جنت پناهہ ۾ هن
هتڙي حسين حورون نرسون نگاهہ ۾ هن

ڪم ڪار ڪان سمورا عضوا جواب ڏئي ويا
باقي اکيون ڏسڻ جي شامل گناهہ ۾ هن

پکڙي پئي آ ساوڪ چئني طرف ٻنيءَ ۾
سهڻا سفيد گلڙا لوسڻ جي گاهہ ۾ هن

بيشڪ بديون اسان جون دنيا شمار ڪر تون
واقعي هزار خاميون ڇرين جي چاهہ ۾ هن

جت لالچي هجن ات ٻڪيا نہ ٽڳ رهندا
لوڀي بہ جهڙوڪر هِت ٽوڳين سان ٿاهہ ۾ هن

هي وقت آخري آ ڪنهن جو بہ ڪير ڪونهي
رهيون نہ ڪي اميدون ڪنهن خيرخواهہ ۾ هن

ويڇڙا هتان مسافر هن ئي تہ ماهہ ۾ هن
سمجهان ٿو دم عمر جا پوئين پساهہ ۾ هن

جذبو لتاڙي مشڪل اڳتي وڌي رهيو آ
ڪيڏيون رڪاوٽون ڏس "راشد" جي راهہ ۾ هن

soorhsindhiadab



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيھارو ڪن سال ٿيا ھن، تنھنجي منھنجي ياريءَ کي
اڄ مان ڪھڙو ناڻءَ ڏيان، ھن تو طرفان بيزاريءَ کي

ڏسيو يارو ڇا چئجي ھن سادي طبيعت واري کي
ھيرا موتي آڇي پيو ٿو بصرن جي واپاريءَ کي

اُن مان تا اولاد چنيسر جھڙو پيدا ٿي ٿيندو
ڏاڏي پوٽيءَ جي ھوندي، ھو دل ڏئي ويٺو ڏاريءَ کي

پاڻ کي پنساري سمجھي ٿو چوتہ ھريڙ لڏي اٿئين
ڪٿو ھريڙ ڏيکاري پيو ٿو چيڙائي پنساريءَ کي

پنھنجي ڪارنھن ڪيس نظر ٿي ڪانہ اچي ٿي ڏس تہ سھي
مھٽا ڪاري مينھن ڏئي ٿي ڳئون ھڪڙي ڀُڇ ڪاريءَ کي

تن لوئين ڪان لنگھہ لَڙي ڏي پاسو ڪين پليتن کي
جيڪي عيبُ نٿا پيا سمجھن "راشد" يار غداريءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شال نہ رب هڪڙي ماڻهوءَ کي، ٻئي ماڻهوءَ جي وس ڪري
جند غلاميءَ مان ڪيئن ڇُٽندي، ڏاهپ اهڙي ڏس ڪري

دعوت ڏيئي گهرايو تئي، تان ڀؤ تي ڏي رب گنج ڏيئي
منهنجو روح ملائو ڪيئن تو هڪ بوسي تي بس ڪري

سستيءَ وارو ديوُ ڇو توتي قابض پئجي ويو آهي
همت مردان مدد خدا، تون ديوَ انهيءَ کي دس ڪري

ڏات ڏئي جي ڏاتـرُ، پوءِ تہ قوم قوي بنجي تي سگهي
قادر پنهنجي قدرت سان، شل سنڌ کي سولي گس ڪري

گندين گهٽين مان اڄ گذرن ايم.پي.اي ۽ ايم.اين.اي
جن تي ڪالهہ چيو تہ ڇڏيندا موري کي پئرس ڪري

قاصد "راشد" يار سوير ڪان بيٺو آهي خط جي لئہ
وجهہ لفافي ۾ ويڙهي تون ڪاغذ کي ڇؤرس ڪري



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان جنهن جي اثر ۾، اهو غيرن جي اثر ۾
لوڙيان ٿو پيو دوستو قسمت جي چڪر ۾

افسوس جو آسانُ هتي موتُ پي ناهي
هر شيءِ جان ملاوت ٿي وئي آهه زهر ۾

محبت کي ڪڏهن بوءِ ردي ڪانه اچي ٿي
خوشبوءِ آهي مُشڪ جي پرينِ جي پگهر ۾

جو پاڻ عمل ڪن اهو آ ڪين لئه واجب
ڪارو آ هتي هرڪوئي ڪارن جي نظر ۾

سا رات منهنجي لاءِ شب ليلة القدر
جا رات پئي آهه مون کي سونهن نگر ۾

ڪيڏو نه ڏکيو آهه ٿيو ساٿ ڪان وڇڙي
ڪيئن ڦاٿو آ ڳيرو وڃي ڪانوَن جي ولر ۾

ان شخص جي گذر معاش لاءِ ڇا چئجي
جو آئينا وڪڻي پيو انڌن جي شهر ۾



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالن جا سال عاشق وانجهيل وصال کان هو
محبوب، محب جو منهن موڙيو ملال کان هو

اڻ هوند ۾ آلا ڪيئن پياڪن جي رات گذري
قطرو به ڪونه مليو ڪنهن پر ڪلال کان هو

دڙها هٽي مري ويو نچندي پيس جو دورو
راضي ٿيو قلندر هُن جي ڌمال کان هو

چانڊئي تي پئي ڪيائين ڪُل نعمتون نڇاور
راضي ڪو رب اڳوپيو راڳي جلال کان هو

اڄ انقلاب ان جون ڏڃيون ڇڏيون اُڏائي
مدهوش ٿيو پرائي منحوس مال کان هو

هر چيز هئي اکين تي، پر پيرت سان پريل جو
ڏاڍو ٿيو متاثر "راشد" رومال کان هو



soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مجلس- مھ رُخن جي عزت ٿو ڪيان
مان سڀني انجمن جي عزت ٿو ڪيان

ڏور ڪان ٿو ڏسان پر ڇُھان ڪونہ ٿو
دوستو مان گلن جي عزت ٿو ڪيان

منھنجي محبوب جي پيا ٿا تعريف ڪن
تنھن ڪري شاعرن جي عزت ٿو ڪيان

جو سُخن ٿا ڪڍن وات مان سو سُڻو
سو سگهڙ سالڪن جي عزت ٿو ڪيان

دل چوي ٿي تہ مسجد جي عزت ٿئي
تنھن ڪري بُت ڪدن جي عزت ٿو ڪيان

ڇو تہ تاريخ آھي دفن ڍير ۾
سو مٽيءَ جي دڙن جي عزت ٿو ڪيان

عشق رانجهن جو وارث ٽيس "راشدا!"
هيرَ جي مائٽن جي عزت ٿو ڪيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هتي آئين چڏي مُلک عدم ڪيئن
بُري ماحول ۾ تيو تئي جنم ڪيئن

سچو ئي ڏينهن پاڏائيندي گذريو
سُٺي سورن کي پٽر جو صنم ڪيئن

ڏنا جنهن پاڻ آهن گهاوَ گهرا
ڦٽن تي سو پلا رکندو ملم ڪيئن

عقل ۽ عشق جو اتحاد گهرجي
ڪبو هن جنگ کي آخر ختم ڪيئن

ڪري ويناسين واقعي ڳالهه ڳوڙي
رکون لفظن جو هاٺي چؤ ڀرم ڪيئن

ٺَري ماحول تيو آ برف جهڙو
ڪيون گرمائي محفل کي گرم ڪيئن

حقيقت جو ڏئي دنيا سچيءَ جي
بڻايون ذهن پنهنجو جامُ جَمُ ڪيئن

لکيل "راشد" جو آهي ناڻ هن تي
لنوائي سچ لکڻ کان هيءُ قلم ڪيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

ساڻ ڏيڻ لئہ آس جو ڪرڻو فرزاني ۾ هو
هونئن نہ تہ هوش جيئڻ جو ڪاٿي ديواني ۾ هو

ڪاش پيار ڪان پنهنجا پيارا وانجهيل ڪين هجن
ڪيڏو جذبو پنهنجائپ جو بيگاني ۾ هو

ايڏو ساٿ شمع بہ سڙڻ ۾ پتنگن ساڻ ڏنو
جيڏو جوش جلڻ جو يارو پرواني ۾ هو

مسجد مندر اندر ٻاهر ماڻهن پئي ڳوليو
هو تہ لڪل منهنجي ئي دل جي تھ خاني ۾ هو

مرندي مرندي پياس ڪان آخر جي پيا سيئي رِند
بهتر ٿيو جو ساقي حاضر مئخاني ۾ هو

لک شاباسون جان بازن ڪي خوشيءَ ساڻ ڏنو
سرڙو صبغت الله سائينءَ ڪي نذراني ۾ هو

محبوبن جي آمد سان سڀ ويڙها ٿيا آباد
هونئن نہ تہ "راشد" رهڻ اسان جو ويراني ۾ هو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ جي انجام تي ايندين، تہ پو ارمان تي پوندو
اچي ويندين تہ مون لئہ عيش جو سامان تي پوندو

شروع ۾ ڪونہ سوچيوسين، نہ ڪي خود کي سنڀاليوسين
خبر ڇا هئي تہ تنهنجو پيارُ ڳُڪ جو ڪانُ تي پوندو

اگر آئين غريبن تي وڏو احسان تي پوندو
اسان جو مانُ تي پوندو ۽ اعليٰ شان تي پوندو

اوهان جي انتظاريءَ ۾ مون کي ڳڻتي پئي ڳاري
پريشانيءَ ڪري ذهني طرح نقصان تي پوندو

محبت پيار سان حيوانُ پڻ انسان تي پوندو
اوهان جي دست شفقت سان اهو امڪان تي پوندو

اچوڪا ٻارَ ايندڙ وقت وٺندا پاڻ آزادي
نسل پنهنجو نئون جڏهين تہ "راشد" جُوان تي پوندو



soorhisindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

گهرين ڪالهه تفصيل املاڪ جا
پڇن ٿا اثاثا سڄي ٺاڪَ جا

وڇائو آ ڌرتي تہ چادر آ اُڀ
وڏا تورا آهين رب پاڪ جا

مُنڊيل جي هٿا سي پيا مورچي
اهي ڪم سمورا اٿئي ماڪَ جا

ڪيو قيد شاديءَ جا پنڌڻ ٻڌي
ٽين بند سپ رند رولاڪ جا

چڙهي ٿي ڪا مومل وري ڏاگهہ چاڙ؟
پيل ڪاڪ تي ڍير ها ڏاڪَ جا

پنهنجي گهر رکي ٻمر پنهنجا ماريئين
نہ ها حوصلا جاءِ ويڙهاڪ جا

ٻڌي نيت "راشد" بہ پهتو اچي
ڪيائي آ هُن جي حُسن هاڪ جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ياد اوهان جيءَ يار ڪيو آ، ساهہ ڪٺي نَڪَ ۾
فتويٰ جاري هاڻ ڪري ٿو موت منهنجي حق ۾

ناز نظر جو گهايل ٿي مان، موت ڪنڌيءَ پهتس
سارو چئن لُٽيئي زوراور، هڪڙي ئي ڌڪ ۾

ساٿ اوهان جو آءُ ڇڏيندس پر پيارا جڏهين
ٻير ٻير ۾ پيدا ٿيندا، انب وري اَڪَ ۾

گاڏيءَ جو رُخ موڙ تہ ملئون جانب يارن ساڻ
غازي[1] آهي عبدوءَ ۾، هارون چنو[2] چڪ ۾

هٻڪي هٻڪي ها توڪئي آ، مُرڪ بہ معنيٰ خيز
شڪ بہ ٿورو شامل ٿي پيو آ تنهنجي ٻَڪَ ۾

ڏاڙيلن بدران پوليس جو قهر غريبن ساڻ
جوانَ سيئي جيل ۾ آهن، ڍور سيئي ڍَڪَ ۾

هر حالت ۾ اڳتي وڌڻو آ سو وڌنداسين
پيرُ نہ پٺتي هٽندو "راشد"، جهولي يا جَهڪَ ۾

---

[1] غلام محمد غازي، ڳوٺ عيدوءَ جو رهواسي
[2] هارون چنو ڳوٺ چڪ جو رهواسي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
sciencesindhiacab

تنهنجي باري ۾ ڇا آهي منهنجي محسوسات
تو ڏانهن هيڏو سارو ويهي خط لکيو اٿم رات

هردم هاڻ رهي ٿو منهنجو بلڊ پريشر هاءِ
ڪاٿي پهچائيندي آخر جاني هيءَ جذبات

دل وارن کي عشق اسان جو بخشي ٿو اتساهہ
تنهنجي منهنجي پيار جي آهي هر ڪنهن وائي وات

آءٌ گذارش ڪريان ٿو پيو بعد از تسليمات
ڪونهي ڪوبہ سهارو جڳ ۾ ها پر تنهنجي ذات

"راشد" رات رهاڻ ڪرڻ لئہ آيو ٿُلسي داس
دؤر هليو دوهن جو برسي بيتن جي برسات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هو هليو ويو مگر واس رهجي ويو
عام ماڻهن ۾ وشواس رهجي ويو

نيٺ ڪوئل ته ڪوڪون ڪري وئي اُڏي
آ اڪيلو املتاس رهجي ويو

هو پريءَ ڪي پريمي وٺي ساڻ ويو
هاڻ رڙندو ئي راڪاس رهجي ويو

مون ڪي ماري چڙيائون ڪٺي چانوَ تي
دل گڻن ۾ ڪجھ قياس رهجي ويو

هو سنجهي مان ئي نيڻن ڪي جُهڙ ڏئي ويا
رات رئندو ئي آڪاس رهجي ويو

دل ۾ دردن ذرو پڻ رهيو دوستو
۽ اڪين منجھ الماس رهجي ويو

روح "راشد" رمي ويو پنهنجي راھ سان
هاڻا ڇنتي آ هڏ ماس رهجي ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪلهوڪو ڏينهن آ ٿائم ٻيھري
پرين پرپور ٿي پنهنجي ڪچهري

پگهر ھاڻن ڳلن تي چپ رکيا مون
ڇُمي حاصل ٿي مون کي آھ ڇهري

وڇوڙي جا ورِيا ڏينهڙا وري ڇا؟
اگڻ ۾ تيار آ ڇا لاءِ مهري

درد دل تي ته لامارا ڏنا ٿي
جهٽي آرام ويو آ باز بحري

اسان واھڻ جي سادن اڏ پڙهين کي
ڏين اھميت بہ چو خوش پوش شهري

اوجاڳن ۾ عمر گذري آ "راشد"
قبر ۾ هاڻ ڪريون ننڊ گهري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنهن هڪ جو بہ جواب نہ آيو ڪيڏا خط تو ڏانهن لکياسين
پو بہ شڪايت ڪانہ ڪئي سين، مُرڪياسين جڏهين بہ ملياسين

اندر آوي ٻڄي ويو پر، ٻاڦ نہ ٻاهر نڪتي ڪڏهين
شاهہ لطيف جا چيلا آهيون، نينهن نهائينءَ ڪان سڪياسين

تو جو ساٿ ڏيڻ ڪان ساٿي! ڪيٻايو، ڪمزوري ٿي پئي
خاڪ ۾ سيئي خيال ملي ويا، منصوبا ڪيڏا نہ رٿياسين

لفظ بہ هڪڙو منهن ڏئي ڪنهن سان ڪونہ ڳالهايئہ جَسُ هجيئي
آسر وند اچڻ تنهنجي جا، سالن جا پئي سال سڪياسين

جاڳ ۾ توڙي خواب ۾ جاني! تنهنجا خواب پريشان ڪن ٿا
جاڳڻ ۾ تہ جلياسين ليڪن، سڙياسين جي ننڊ سمهياسين

تڪليفن ڪي منهن ڏئي وياسين، ڪرب ڪي ڀوڳيوسين پڻ خوش ٿي
شُڪر آ "راشد" سائين پنهنجي، وعدي تان ڪڏهين نہ ڦرياسين



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۽ خصلت جي خوشبو لاءِ گلشن شاهدي ڏيندا
سڄڻ ساڪون پريندا ڪوڙ· دشمن شاهدي ڏيندا

اجازت جي هجي، "العشق نار الله" جي باري
رڳو ٽي چار چو ٽي چار درجن شاهدي ڏيندا

ٻُڌڻ وارن ٻڌو جيڪي، ڏسڻ وارن ڏٺو جيڪي
منهنجي تقرير جي باري اکيون، ڪَنَ شاهدي ڏيندا

اوهان ڪان پوئتي پيارا، رهيو دَرُ بند رڌڻي جو
نه ڪاڏو آ نه پيتو آهه، برتن شاهدي ڏيندا

پرين ۽ جي گهر پنيان ويهي، گذاريم انتظارن ۾
نمن جا ٻُور ٻولينڊا، پپر پن شاهدي ڏيندا

پلوَ پاڙيندا آياسين، ڏناسين سر سدا سَٿَ ۾
ڪهاڙين جا نه ڳاڙها، ڪارڙا ڳَنَ شاهدي ڏيندا

نه دم غافل گذاريو تم، نه پل ڪافر رهيو آهيان
حياتيءَ جا سمورا "راشدا!" ڪن شاهدي ڏيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

علم جي راهه ڇڏيائون، جڪڙجي ويا جهالت ۾
پيا ٿا ليٽڙيون پائن، غلاميءَ جي غلاظت ۾

عزت سان عشق جو چاهي، پڇون ٿا خود نمائيءَ کان
اسان مشتاق ماڻهن جي، خوشي آهي ملامت ۾

اچا ڪارا ڪجن پڌرا، سين کي سُڏ پوي سچ جي
هجون هڙئي جڏهن حاضر، دلارا تنهنجي دعوت ۾

جُهڪائي ڪنڌ ڪنهن آڏو لڄايان ڪيئن پلا ڪُرَ ڪي
ملي ارڏائي آ مون کي، تہ وڏڙن کان وراثت ۾

غسل رت سان جڏهن ٿيندو تڏهن ئي پاڪ ٿينداسين
نمازِ عشق پڙهٽي آ، حُسن جي ئي امامت ۾

ٻَڌي پوليس هن کي، سو تہ ممڪن ڪونہ آ هاڻي
ملي ويو چور ماڻهوءَ کي، تہ تحفظ آ صحافت ۾

نہ ٻلُ غافل رهڻ پهتو نہ ئي سستيءَ ڏنو پاسو
رُڌل ڏينهن رات رهياسين، ادا "راشد" رياضت ۾

soorhisindhiadab



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرض بلبل ڪيو هيڪندي هيڪندي
گل ڪئي آجيان ڀهڪندي ڀهڪندي

سرد راتيون هيون، پوهه پارا هيا
ڪيئن ٻڪياسين ٻئي، ٿڙڪندي ٿڙڪندي

حال هيڻو هيو سنڌ جو سڌ سُڻي
مان به ڀهتس اچي، سهڪندي سهڪندي

سات ڪان ٿيا جدا، ٿي ويا وائڙا
سِڄُ ويندن لهي، ڀتڪندي ڀتڪندي

انتظاري به آخر ڪجي ڪيتري
نيٺ ٿڪجي پيس، ترسندي ترسندي

هو به آيو مگر ٿورڙي دير سان
ساهُ اڳ ۾ ڏنم، تڙپندي تڙپندي

سانحو آهه ”راشد“، اسان لاءِ هي
دل جو ٻيهي وڃڻ، ڌڙڪندي ڌڙڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇڏي ويو ساٿ سهڪاري، ته منهنجو حال ڇا ٿيندو
ڦٽائي يار جي ياري، ته منهنجو حال ڇا ٿيندو

اٿائو واءُ ويو آهه، منهنجي سيرَ تي ٻيڙي
نه جي تو تار مان تاري، ته منهنجو حال ڇا ٿيندو

دعائن جو اثر گهٽيو، ٿيا دَرَ بند توبهه جا
قبوليءَ تو نه جي زاري، ته منهنجو حال ڇا ٿيندو

جنهين جي ڇانوَ ۾ ويٺس، اُهو وڻ ڇانگهجي پيو ٿيو
رهي تنهن ۾ نه ڪا ٺاري، ته منهنجو حال ڇا ٿيندو

ڇڏن ٿا شينهن پنهنجي جُوءِ، ڦڪڙيءَ کان لنوائن ٿا
پنيان جي آهه ڦيڪاري، ته منهنجو حال ڇا ٿيندو

ٻڌيو اڄ حال هيٺو آ، سڏيم توکي مدد جي لئه
ڏنئي ورندي جي ناڪاري، ته منهنجو حال ڇا ٿيندو

ادا "راشدا" اڪيلي رهڻ کان ڀَرَا موت بهتر آ
ڪئي جي راڄ بيزاري، ته منهنجو حال ڇا ٿيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

توهان تير اج چو تکيا ڪونہ آهن
عشاقن جا سينا ڦٽيا ڪونہ آهن

ترئون تہ بہ گڏجي، ٻڏئون پوءِ بہ گڏئي
ڪڏهن هٿ اوهان مان ڪڍيا ڪونہ آهن

پرينءَ جي اندر جي خبر آ خدا کي
سڄڻ راز دل جا سليا ڪونہ آهن

چو واسينگ نانگن سان پائي ڪنئي ٿئي
انهن وير ڪنهن کي، ڇڏيا ڪونہ آهن

مخالف بہ گهٽ گهيڙ جانچن پيا ٿا
اسان پاڻ رستا مٽيا ڪونہ آهن

ڏسن ٿا تہ سِرُ آهہ سوريءَ تي ڏيڻو
انهيءَ لاءِ اڳتي، وڌيا ڪونہ آهن

ڏسي سور سختيون رُڪيا ڪونہ "راشد"
سچا سر ڏيڻ کان، رهيا ڪونہ آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ گھرجو ڪجھ بہ امیرن کي ڪجھ ڏئي ويجو
حوس پسند وزیرن کي ڪجھ ڏئي ويجو

سوال منهن جي ترار آهہ اڻ گھريو سائين!
سفيد پوش فقيرن کي ڪجھ ڏئي ويجو

دعا جا ڍير اوهان لاءِ گڏ ڪري رکندا
شرط هي آهہ تہ پيرن کي ڪجھ ڏئي ويجو

سُجاڳ غيرتون شايد تہ ٿين شهرين جون
وري بہ ڇهڪ ضميرن کي ڪجھ ڏئي ويجو

ڏسن ٿا سُونهن تہ ڦرڪڻ لڳن ٿا چپ منهنجا
چميءَ جي خرچي شريرن کي ڪجھ ڏئي ويجو

پرينءَ جا سور رهيا رات دل جي هوٽل ۾
خوشيءَ سان ماڻُ سفيرن کي ڪجھ ڏئي ويجو

ڏهاڙي عيد شهيدن جي ٻچن ڏي ويجو
ٻچيوَ جيڪو صغيرن کي ڪجھ ڏئي ويجو

ڦٽن تي ملم رکڻ جي پُڇي نٿو "راشد"
تہ پرين! لوڻ ئي جهيرن کي ڪجھ ڏئي ويجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عشق ۾ ڪا آسائش ڪانهي
پيار ۾ ڪا پيدائش ڪانهي

پنڌ مسلسل يڪ ساهيءَ ۾
راهه ۾ جاءِ رهائش ڪانهي

پتِ رکجانءِ! پرت جي پيارا!
ٻي ڪائي فرمائش ڪانهي

سرديءَ سان نبرڻ لئه ساٿي
غم جهڙي گرمائش ڪانهي

پيرُ سنڀالي ڪٽجان پنهنجو
غلطيءَ جي گنجائش ڪانهي

راز ڪي راز رهڻ ڏي "راشد"
ڪرڻي ڪا نمائش ڪانهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنهين نازڪ سندي ناز وادا جي ور چڙهي وئين ڇا
وفا پرور پرين ڪنهن بي وفا جي ور چڙهي وئين ڇا

سخي ڏياچ جهڙو آن، متان ٻيجل اڳيان آيئي
ڪنهين فنڪار جي پيارا، صدا جي ور چڙهي وئين ڇا

حسن تنهنجو خريديو ڪنهن ڪٿي زر تي وڪاڻي ڇا؟
نبي يوسف جيان تون پڻ، ٻها جي ور چڙهي وئين ڇا

دعا منهنجي مجان تو مان، اثر ابتو ڪندي آهي
منهنجا محبوب! منهنجي ئي، دعا جي ور چڙهي وئين ڇا

سچي ڏرتيءَ ڪي تنهنجي لئہ، ڏئي مون هَر جڏيا آهن
پيارو تي وئين رب ڪي، خدا جي ور چڙهي وئين ڇا

ٽئين ڏينهن تي ٻُڏل ماڻهو بہ ٿو نروار ٿئي نڪري
خدارا ڏس تہ ڏنگي ناخدا جي ور چڙهي وئين ڇا

سدائين زندگي پرپور ماڻڻ تي گهريئي "راشدا!"
بقا جي ڳالهہ ڳوليندي، فنا جي ور چڙهي وئين ڇا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏسان جيسين نٿو مان يار بي پرواهہ جي صورت
ڙلان ٿو دربدر بي واهہ ڪنهن گمراهہ جي صورت

انهيءَ جي ئي ڪري شايد ٿئي ٿو عشق ماڻهوءَ سان
چيو صوفين تہ هي انسان آ، الله جي صورت

سنڌي ادبي سنگت پاڳا نہ ٿئي، ان لاءِ ڪجھہ سوچيو
اديبو شاعرو دانشورو! ڪا ٿاهہ جي صورت

فقيرن جي زيارت لاءِ، صحبت سالڪن جي لئہ
صبح سان ئي ڏسڻ هلياسين، حق آگاهہ جي صورت

سچو آ کيل پئسي جو هٽڻ اٿهوند کي جيتيو
بدلجي سال کن ۾ وئي صفا درگاهہ جي صورت

تجليءَ ۾ جتي گم ٿي ڪليم الله جي صورت
ڏٺي اُت پاڻ ويجهي ڪان تہ عاليجاهہ جي صورت

ڏسي قاصد کي سمجهيوسين تہ شايد خير ڪونهي ڪو
رئڻ جهڙي هئي ”راشد“، انهيءَ همراهہ جي صورت



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو کان پو هر چيز منجهاران دلچسپي گهٽجي وئي آ
دنيا داريءَ جي باري ۾ سوچ صفا مٽجي وئي آ

هيانوَ کي آ حالات، رسايو هاڃو، اُڏري هوش ويو
وقت جي باز جي چنبن ۾ جذبات بہ چِڻ جهٽجي وئي آ

پنهنجي پيار جي اوج کي آ ڪنهن ڪار زباني نظر هنئي
بدخواهن جي بد نظرن کان، سرهائي سٽجي وئي آ

هيبتناڪ هجر کان آهي، سُک جي ساک متاثر ٿي
دل جي خوشي دلدار سموري، پاڙان ٿي پٽجي وئي آ

"راشد" رحم طلب نظرن سان، جنهن تنهن ڏانهن نهاري تو
رُخ جي رونق ساڳي ناهي، لالائي لٽجي وئي آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سرهو تيل مکي وارن کي، خوشبو تہ نہ ڦهلاءِ
گل کي ريس نہ ڏيار نکي ئي پوئرن کي پنيلاءِ

جيڏو سهڻو ماٿهو آهين، جيڏي تنهنجي سونهن
ايڏا سهڻا جذبا آهن، مون وٽ تنهنجي لاءِ

بت جي گرمائش سان ٺريل بُت منهنجو گرماءِ
ضعف طبع عوشاقن کي تون ياقوتي کاراءِ

هر واهڻ هر وستيءَ ۾ وچ، گيت پريمي ڳاءِ
سچ جو سانٿ وڏاءِ پرين، هر ماڻهوءَ کي همٿاءِ

بينن وارا بينن کي تون، بيشڪ تيز وڄاءِ
جلد جنوني جذباتن کي، لهري سان جاڳاءِ

نيٺ سڏارو ايندو ڏيندا سر سڀ سنڌڙيءَ لاءِ
ورچي ويهه نہ پيارا ساٿي، حيلو ڪجهه تہ هلاءِ

ڪابہ ڏکيائي ڪانهي "راشد" سر ڏيندو تو لاءِ
شرط رڳو هي آهہ تہ جاني، نيڻ سان نيڻ ملاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هوا هُن جي وارن جي هُٻڪار آندي
نئين جڻ حياتي آ هڪوار آندي

پرين باغ ۾ ويو گهمڻ آهه ورنه
ڪٿان ايڏي خوشبوءِ گلزار آندي

ڏيان يا نه هن کي جوابي لفافو
چٺي آهه هڪڙي نندي پار آندي

سندءِ مهرباني، حبيبن کان قاصد!
تو پيرُن جي ٽِڪِي آ ٽمٽار آندي

ڪندو ظالمن تي آ ظالم حڪومت
مصيبت اوهان تي آ ڪردار آندي

روئي ٿو رڙي ٿي نه ڪائي پئي ٿي
ڪٿان نينگري آهه خرڪار آندي

اوهان جي اچڻ سان ملي ايڏي فرحت
ترين ۾ خوشي جيڏي وسڪار آندي

اسان نينهن نعرو هنيو آهه "راشد"
اها آهه همت پرينءَ پيار آندي



soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا سونهن وارن سان رهہ دل گڏوگڏ
لڳو لڳ پرين ساڻ پنهنجو اڏو اڏ

رهن ٿا رهي پئُ هلن ٿا هلي پئُ
لڏن سيڻ تنهنجا تہ تون پڻ لڏو لڏ

وڻي پئجي وئي آ تہ وِک ڪٽج تڪڙي
پنيان لائي ڏي تون سڄڻ جي سڏوسڏ

انا کي ڦٽو ڪر، سهج ويڻ خوش ٿي
سهپ ڏار اي دل! ڪيو تو ڳڏو ڪڏ

رقيبن جي وچ تي آ "راشد" اڪيلو
هلي پيو,ٿو جهيڙو پوي پئي ڇڏو ڇڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

محبوب اچڻ جو ڪو امڪان هجي نہ هجي
آ شمع ڪي جلڻو ئي پروان هجي نہ هجي

جت تنهنجو ساٿ هجي، اُت جنت ئي هوندي
ڪا حور هجي نہ هجي، غلمان هجي نہ هجي

دلبر جي گهٽيءَ ۾ مان، هر حال ۾ خوش آهيان
ڪو عيش ۽ عشرت جو سامان هجي نہ هجي

دل دلبر آڏو آ چاڪر ٿي رهڻ چاهيو
ڪو شانُ هجي نہ هجي، ڪو مانُ هجي نہ هجي

سر ڏيڻو آهہ ڏبو دلدار جي در آڏو
پل جنگ ڪرڻ جهڙو ميدان هجي نہ هجي

شايد تہ ازل کان ئي قسمت ۾ غلامي آ
ارغون هجي نہ هجي، ترخان هجي نہ هجي

محبوبن فرمايو لکجانءِ غزل "راشد"
جنهن منجهہ هجي هھڙو عنوان "هجي نہ هجي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هُئي حد نظر تائين تہ نظرن ۾ نراسائي
چنيءَ تنهنجيءَ ڏني مون کي پرين ذهني توانائي

حقيقت آشنا بڻجي، رهيس ماحول اُجري ۾
شڪر آهي توهان جهڙن سان ٿي منهنجي شناسائي

اگرڻ منهنجي تي اڄ مالهيءَ اچي خوشبوءِ ڦهلائي
ڪٽي آيو آ تازا گل، بسنتي رُت ۾ باغائي

سندءِ حڪمت جي آڏو ڪاٻہ اوکي ڳالھ ڪانهي ڪا
جڏن کي چاق ڪر جاني! انڌن کي ڏيج بينائي

وني تڪليف هن تر جي مٽي جن آھ مهڪائي
ميان احسانَ لک تن جا، جني هيءَ جوءِ جرڪائي

لڳائي دل ڪيان پورهيو پيو هر حال ۾ "راشد"
ڏسان محبوب جي منهن تي سدائين شال سرهائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عنايت ان جي بدلي ۾، ڏنم تي سر نٽي ورتئي
ڪيو تو ڇا اهو جاني، ڏئي تحفو ڪسي ورتئي

نہ ٻولين ٿو نہ ڪولين ٿو سنڌءِ لب بند ٿي ويا هن
ٿئين خوش اي ميان ڇارڻا؟ مٿو منهنجو وڍي ورتئي

مٿن مارن ڪان مُنهن موڙي، اڪيلو پئين مصيبت ۾
ڪيئي نفرت پٺي سڀ سان، مزو اُن جو چکي ورتئي

صفا سي آءِ ڍي ٻڌجي، پٺيان منهنجي لڳو رهئين
خبر ڏي ڇا ٿيئي حاصل منهنجو پاٽي ڪڇي ورتئي؟

نتيجو ويڙهہ جو نڪتو اسان کي هارَ تي حاصل
ڏکي دل تي فتح پائي، هنئين کي مٽ ڪري ورتئي

الائي ڇا پيو ڳولين تون، ماضيءَ جي مزارن ۾
ڳهيلا، ڇا ٿيو اٿئي، ڇڏي "اڄ" "ڪالهہ" کي ورتئي

اهو پي دؤر هو جذهين، حجابن ۾ رهاسين ٿي
گهڻو شرمائجي جيڏين ۾، منهنجو نانءُ تي ورتئي

هجئي شاباس اي جاني، هجومن جي اڳيان سچ چئي
چڱو ٿيو ڏاڍ جي مُنهن تي تئو "راشد" ملي ورتئي



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن اڳي گذري ويون، تيئن هي بہ ٿي ويندي گذر
بس ڏهاڙن ٻن يا ٽن لئہ، عيد جو آهي اثر

ڪم ڪرڻ جي لئہ گهٽو مليو حياتي مختصر
زندگي سڪندي ختم ٿي، ڪونہ ٿيو ڪم ڪارگر

دعوتي آ دوست روحل واهِ[1] ۾ هڪ دربدر[2]
آهہ وسڪاري جي موسم، هل تہ گهمجي هاڻ ٽر

مان اشارا تنهنجا سمجهي ٿو سگهان شام وسحر
ڇا ڪيان اُڏران بہ ڪيئن جو منهنجو پٽيل آهہ پَرُ

عشق ڪي آڏو اچي، روڪي نہ سگهندو بحر وير
تون الائي ڇو سڪي! پنهنجو ڇڏين ٿي ڪانہ گهرُ

همسفر "راشد" اسان سان آهہ ماڻهو معتبر
تنهن ڪري تڪليف ڪانهي ڇو تہ گڏ آ ڊاڪٽر

---

(1) عمرڪوٽ پرسان هڪ ڳوٺ
(2) جمن دربدر شاعر دوست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

صحن سُرهاڻجي ويو رات جي راڻي ٽڙي پئي آ
سڄو ماحول سانتيڪو لڳي بس ماٺڙي پئي آ

پون پيا پوهه جا پارا، بچائج سيءَ کان ساٿي
منهنجا محبوب، سرديءَ جي صفا ڪل ئي ٽڙي پئي آ

وڃي شل خير سان گذري، هي دهشت خيز شب آهي
نه اوهي آ نه واهي آهه، رڻ ۾ راتڙي پئي آ

اندر آهي يا ٻاهر آ، ڏني در تي ڪڙي پئي آ
الائي ٻاڙ ڪاٿي آ، اڱڻ ۾ چاڪڙي پئي آ

نه ٿو جهل پل ڪري ڪوئي، ڪُڇڻ وارو نه آهي ڪو
ڏسو پوليس جي مستي، پرائي گهر گهڙي پئي آ

سيئي ٻائر ته آهيو ٻائرن سان وير آ ڇا جو
اوهان جي وچ تي آخر جنگ ڇا جي لئه ڇڙي پئي آ

ملن گهوگها گهٽا پيا ٿا، ٻٽيون هن حالتون اهڙيون
چئون سچ ڪيئن ڀلا "راشد!" صفا گُهٽجي نڙي پئي آ



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمرانہ دؤر ۾ آ سچ لکڻ واجب رهيو
پر اوهان جي پين جو زخمي سدائين نِبُ رهيو

نيت ماڻهوءَ کي متيءَ سان آ ملي ٽيڙو متي
زندگي ڀر ذهن تي هي خيال آ غالب رهيو

سوچ دل جي هئي تہ آخر ساٿ ڏيندو سچ سان
ڪين ٿيو ايئن، جو هئو ڪاذب اهو ڪاذب رهيو

آ لکيت پهتي اچي، پنجن پنن تي آ لکيل
پر انهيءَ ۾ آ سندن نڪتئہ نظر غائب رهيو

ساھہ پنتي آھہ تنگيل، مان هلان اڳتي بہ ڪيئن
پوئتي آهي اسان جو جانِ من جانب رهيو

دوست پنهنجا دل گهريا، آصف منياٽيءَ[1] ۾ رهيو
نيو جتوئيءَ ۾ گدا،[2] ابڙان ۾ ثاقب[3] رهيو

دل چوي ٿي ان جي نظرن کي ڏجي نقصان ڪو
آ تڪيندو سنڌ ڏي هر وقت ٿي غاصب رهيو

---

(1) آصف منياٽوي شاعر
(2) گدا خاصخيلي شاعر
(3) ثاقب سومرو ابڙائي شاعر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خبر آ تہ خط منهنجو ايندو پڪڙ ۾
ڪجاڻ معاف غلطيون لکيو تمر تڪڙ ۾

مري جوءِ ويرانُ ساري ڪري ويو
هئو دوست محبوب "محسن" [1] ڳڪڙ ۾

اتين سنڌ دشمن جون سريون وڍينديون
اچي جيئن ڳهاڙيون پون تيون لڪڙ ۾

سنئيون سيبتيون ڇوڪريون ڪوڙ هونديون
ڏنو نينگرا ڇا تو نينگر هَڪڙ ۾

هي بستي آ جادوگرن جي اي "راشدا!"
رهيو روح قيدي ۽ جيءُ پڻ جڪڙ ۾

---

[1] محسن ڪڪڙائي مشهور شاعر



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو نوازيو نہ آ حال احوال سان
جيءَ جالي پيو هاڻ جنجال سان

دل چوي تي اسر جو پوان پنڌ مان
تنهنجي آڏو اچان هن بُري حال سان

هي نياڳو مڱٽهار آهي ڏسو
گهورَ ويلي ويو جهنگ جي خيال سان

دوستو! تورو هارين سان گڏ ڪم ڪيو
دل جي وندر چڏيو هاڻ فوٽ بال سان

فرق آهي زمين آسمان جو هتي
شاهه جي پيٽ چا لاءِ اقبال سان

وقت ايندڙ لئہ سوچون ۽ لوچيون پيا
منهن ڏيون تا پيا قحط ۽ ڪال سان

"راشدا!" وقت ويجهو اچي ويو اُهو
دويدو جڏهن تيندا سين دجال سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عمر ساري گذاري مون، اوهان سان نيازمنديءَ ۾
اوهان جا سور سڀ سانڍي، رکيم دل دردونديءَ ۾

ثوابن جهڙا ڪم سيئي، هجن نيبهه اوهان ڪي ٿي
گنهگاريءَ جا ڪر سارا، ٻڏا مون ڳنڍ گنديءَ ۾

سچائيءَ ڪان ٿيو ٻرُ آ، وڙهي ٿو پيو سين سان هي
اسان ڏي قرض لکيل آ، ڪٽل واٽئي جي بنديءَ ۾

غريبن ۽ يتيمن، بيڪسن جي ڪرپيو واهر
اويري وقت ڪم ايندءِ، سخا تون ڪر سرنديءَ ۾

هجي ممڪن تہ "راشد" باھ ڪان پاسو ڪري وڃجي
پلا پئجي بہ چا لئہ آڳ دوزخ جي جلنديءَ ۾



soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عذابي تو ڪري صياد هر هر
اُڏامي وڃ! چوي تو پيو پٽي پر

اهي نعرا، اهي ناريون، اهي نر
شڪاگو جي شهيدن جا مجاور

مون کي محبوب! آزادي نہ گهرجي
غلامي تنهنجي ئي گهرجيم دلبر

پڃي ويا چوڻ چوڪيدار ڦاٽو
پٽائي موٽيو ٽاٽي تان شهپر

اوهان آڏو هڙئي حاضر آ جاني
ڏنو جيڪو بہ مون کي آهہ ڏاتر

ٽڳڻ جي ور چڙهي ويو آهہ ”راشد“
تنهن کي منزل تي تون پهچاءِ رهبر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ ايندين تون تہ هر لمحو فڪر انگيز تي پوندو
جدائيءَ جي ڦٽن مان اي پرين! پڪريز تي پوندو

انهي گاديءَ تي جو ويٺو بٺي اسلام آبادي
اهو ايوب، يحييٰ، ضيا نہ تہ بہ پرويز تي پوندو

سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري تاج[1] جهڙو يا
اهو وٽندو ادل،[2] اياز گل،[3] رنگريز[4] تي پوندو

تڪو نقادا تنقيدي رواتيءَ ساڻ ڪر اُن کي
طريقي ان سان منهنجو خيال ويتر تيز تي پوندو

مٺيون ڳالهيون ٻڌايئين، موہ ۾ بس لوهہ تي وياسين
نہ هئي ڪل تا اسان جو دادلو چنگيز تي پوندو

نٿو اسڪول پنهنجي ۾ پڙهائي ماءُ جي ٻولي
خبر ڇا هئي تہ هيئن سنڌي بہ ڪو انگريز تي پوندو

ٻيلي سچ چوڻ جي بدلي تون منهنجي ڪل اتاري ڇڏ
نہ آ پرواهہ "راشد" پڻ شمس تبريز تي پوندو

---

(1) تاج جويو سابق سيڪريٽري جنرل س.ا.س سنڌ

(2) ادل سومرو سابق سيڪريٽري جنرل س.ا.س سنڌ

(3) اياز گل، سابق سيڪريٽري جنرل س.ا.س سنڌ

(4) غلام حسين رنگريز سابق سيڪريٽري جنرل س.ا.س سنڌ



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن تو سوچيان ويهي، پيارا! واندڪائيءَ ۾
ڪيو جيڪو بہ تو هوندو اهو منهنجي ڀلائيءَ ۾

گهٽايو تو تہ ڪونهي ڪو ڪڏهن مشڪل ڪشائيءَ ۾
ذري جيڏو بہ شڪ ناهي، سڄڻ تنهنجي سچائيءَ ۾

ڏهاڙا ها اُهي بيشڪ ترين جي خوش نصيبيءَ جا
جڏهن برسات جو پاڻي هئو بيٺو ترائيءَ ۾

فقيري حال ۾ هوندي، مجيل شاعر بہ هو روشن(1)
ڳچيءَ ۾ هوس ڪنئو هوس ڪولابو ڪرائيءَ ۾

ڇڏيندا چا انا اڱواڻ پنهنجي قوم سنڌيءَ جا
اجان ڳچ وقت لڳڻو آ، اسان جي آجپائيءَ ۾

ڏئي هو ڏيان مون ڏي سو تہ ممڪن ڪونہ آ شايد
منهنجو محبوب آ مشغول پنهنجي ئي پڙهائيءَ ۾

اٿئي نقصان نفرت ۾، نفعو آ گهڻ گهرائيءَ ۾
هلي آ يار "راشد" ڏي رکيو چا هي جدائيءَ ۾

(1) لاهوتي سعيد روشن علي شاه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# تن سامين جي سَڏ مران، جن جي گود ڙين ۾ گلَ



سائين راشد علي شاهه عرف راشد مورائي کي هڪ ته پنهنجي خاندان منجهان شاعري ورثي طور ملي. ٻيو ته سندس ساڃاهه جڏهن سِراڻ سائين جي ايم سيد سنائي سان ٿي (جنهن کي آءٌ مرحوم نه سمجهندو آهيان، تنهن ڪري ان جي نالي جي پٺيان 'مرحوم' نه لکيو اٿم) ته پوءِ بقول لطيف جي ته 'تيغ تنين جي کي ڪٽُ نه لڳي ڪڏهين' ٿيون ته سندس سياءَ صوفياڻو. جنهن ڪري موري جي نالي وٽڻ سان بلڪل راشد جو نالو ائين ذهن تي تري اچي ٿو. جيئن متارن جي ڳالهه ڪندي موڪيءَ جو نالو ذهن تي اوس به تري ايندو.

ائين ڏسندي ڏسندي سائين راشد گويا عموماً سموريءَ ساڃاهه جي لحاظ کان پر خصوصاً شاعريءَ جي لحاظ کان هڪ مآخذ جي حيثيت ماڻي ويو. جنهن ماخذ جي مطالعي مان اسان کي حافظ محمد بخش خاصيخليءَ جهڙا جاکوڙي جنگ خان جهڙا، مثل حيدريءَ جهڙا سماجي سائنس جا ڄاڻو ۽ رکيل مورائيءَ جهڙا بهترين شاعر مليا. اها هڪ ساڃاهه ۽ شعور جي نرسري آهي جنهن مان وقتاً فوقتاً اسان کي ڪارگر انسان بهترين شاعر، داناءَ ۽ اديب ملندا رهيا آهن. تنهن ڪري ئي سنڌ جي پلوڙ شاعر استاد بخاريءَ جهڙن عظيم انسانن کي به سڪون ايندو هوندو.

سائين راشد مورائيءَ وٽ شاعريءَ جي مڙني صنفن تي عمومي پر غزل ۽ نظم تي خصوصي طور جيڪا دسترس ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سا ساراهڻ جوڳي آهي. اسان جي خوش قسمتي آهي جو سندس حياتيءَ ۾ سندس هيترا سارا شاعريءَ جا ڪتاب، ديوان سميت منظر تي اچي چڪا آهن، جن مان سندس هيءُ غزلن جو مجموعو "درد ۾ دلجوئي" جيڪو اڄ اسان جي هٿن ۾ آهي، سو پڻ هڪ ساندڻ جهڙو ڪتاب آهي. اميد ته سائينءَ جا سڀ ڪتاب سندس موجودگيءَ ۾ ڇپجي اسان جي هٿن ۾ ايندا.

ميرمحمد پيرزادو

سڪرنڊ

22 جولاءِ 2011ع

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book